سلسليوار

# منصور





حر تحريڪ

نارو

ٿر

انٽرويوز

## پيغام

وساريل تاريخ کي گولي هٿ ڪرڻ، ان تي تحقيق ڪرڻ، خاص طور پاڳارا خاندان ۽ حُر تحريڪ تي سچائي سان قلم کڻڻ، غازين ۽ شهيدن جي واقعات کي ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ قابل تحسين ڪم آهي.



**خدا بخش درس**

ناظم تعلقہ کپرو ضلع سانگهڙ

## پيغام

هن وطن عزيز لاءِ پاڳارا خاندان ۽ سندن جانثار مُريدن حُرن جون تمام گهڻيون قربانيون ڏنل آهن، جيڪي تاريخ ۾ حق ۽ سچ جو هڪ وڏو مثال آهن سي تاريخ ۾ سنهري اکرن ۾ لکڻ گهرجن.



**رئيس مُراد علي نظاماڻي**

ناظم يو سي سانگهڙ نمبر - 1

## پيغام

پاڳارا خاندان جي بهادري ۽ حق سچ واري عظيم تاريخ آهي، جنهن تي جيترو بہ فخر ڪجي اهو گهٽ آهي. اسان ڪي گهرجي تہ پنهنجي مُرشد رهبر جي هدايتن تي عمل ڪري دين ۽ دنيا ۾ سرخرو ٿيون.




ڊاڪٽر عبدالڪريم مهر (ڪراچي) حافظ عبدالباسط هنڱورو (ڪراچي)

## پيغام

زنده قومون پنهنجي شاندار تاريخ کان سڃاتيون وينديون آهن. وطن جي آزادي لاءِ پاڳارا خاندان ۽ حُرن جو ڪردار دنيا لاءِ بهادري جو هڪ اعليٰ ترين مثال آهي. اسان جي قلم وند دوستن کي انهي سورهيائي واري تاريخ تي مسلسل تحقيق ۽ جاکوڙ جاري رکڻ گهرجي تہ جيئن انهي قابل فخر تاريخ (حُر تحريڪ) جي قربانين کان اسان جو ايندڙ نسل چڱي ريت معلومات حاصل ڪري سگهي.

**فقير رسول بخش جنجهہ**

**فقير علي اڪبر جنجهہ**

ڳوٺ حاجي محمد يوسف جنجهہ لڳ جهول ضلع سانگهڙ

سلسلیوار

# منصور

نمبر 8

سهيژبندژ:
ولي محمد خاصخيلي

سانگهڙ پبليڪيشن سانگهڙ

سلسليوار

# منصور

نمبر 8

چاپو پهريون 20 مارچ 2005ع

سرپرست:

رئيس عبدالوحيد نظاماڻي

نگران:

فقير رئيس غلام نبي مري

سهيڙيندڙ:

ولي محمد خاصخيلي


• ايڊيٽوريل بورڊ

پروفيسر قلندر شاهه لڪياري
ڊاڪٽر نذر حسين شر
سردار پيو

• سهڪاري سٿ

فقير مولابخش مهر سڪندري
حافظ رسول بخش وساڻ
عاجز منگي
غازي محمد ايوب شر
فقير محمد رمضان مهر
حافظ محمد يوسف پنپرو



ٽائيٽل فوٽو گرافي:

انعام فوٽو اسٽوڊيو سانگهڙ

بيڪ ٽائيٽل فوٽو گرافي:

فقير عبدالرسول شر

قيمت: 00 - 50 روپيا

لکپڙهه، مواد موڪلڻ ۽ ڪتاب گهرائڻ لاءِ

خاصخيلي ڊيڪوريشن سروس - سانگهڙ پبليڪيشن ٽاٽو روڊ سانگهڙ
فون: 43254 (0235)

ڪمپوزنگ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد

حق ۽ واسطا ليکڪن وٽ محفوظ آهن

# ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| 1- پنهنجي پچار | ولي محمد خاصخيلي | 6 |
| 2- پير سائين پاڳاره جو روحاني خطاب | - | 10 |
| 3- سنڌ جي جديد تاريخ ۾ صبغت الله بادشاهه | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 14 |
| 4 - سڪ سندو سڏ | حميد سنڌي | 20 |
| 5 - حر تحريڪ ۾ لکندڙن جو ڪردار | محمد عمر چنڊ | 27 |
| 6 - اڳيان اڏين وٽ، پنين سر سنپايا | پروفيسر قلندر شاهه لڪياري | 41 |
| 7 - شاهنواز جوڻيجو (انٽرويو) | عاجز منگي | 54 |
| 8 - عظيم مرشد، عظيم رهنما | فقير منٺار مگريو | 57 |
| 9 - پاڳارا خاندان ۽ سنڌ | فقير محمد خان ٽالپر | 61 |
| 10 - غازين جي جنازي نماز ۽ فتوا | محمد عمر چنڊ | 78 |
| 11 - پير سائين پاڳارا، ايشيا جي عظيم شخصيت | فقير شهباز | 84 |
| 12 - پنهل پاڳاري جي شهر ۾ | محمد هاشم سيال "غمدل" | 90 |
| 13 - ميوو فقير ڪارڙو (انٽرويو) | ڳالهه ٻولهه: مير محمد نظاماڻي | 93 |
| 14 - نارو، سٽن دريائن جي سوڪڙي | امر لغاري | 107 |
| 15 - سنجين ۽ ساڃين، ڏکو ڏين نه ڏڻ ڪي | سخي محمد مهراڻ | 114 |
| 16 - اڌ صدي جو سفر ۽ روزانه "مهراڻ" جون موجون | سرد ز پيو | 124 |
| | | 128 |

# پنهنجي پچار

منصور جي ستين کان انين شماري تائين هڪ سال کان به وڏيڪ وقت گذري وڃڻ ۽ انهي دوران توهان جي اوسيئڙي ۽ انتظاري اکين جو مون کي بيحد گهڻو احساس آهي. جنهن جو اظهار سڄڻ پنهنجن کوڙ سارن خطن ۽ ٽيليفون وسيلي ڪندا رهيا آهن. سچ ته هن تاريخي ۽ بيحد مقبول سلسلي جي سفر ۾ آءُ نه چاهيندي به پنهنجن تمام گهڻين مصروفيتن سبب ڪندائتو ٿي ويس. جنهن جو هڪ وڏو ڪارڻ منهنجو سانگهڙ کان ڪراچي شفٽ ٿيڻ به هو. جو اتي آئون هن تاريخي سفر کي جاري رکي نٿي سگهيس. ايتري قدر جو پڙهندڙن ۽ چاهت رکندڙ دوستن سان حال احوال ۽ سلام دعا جا رابطا به نٽي رهيا هئا. پر ان جي باوجود به پنهنجي دل جي ذيري ۾ چاتل ۽ اڻ چاتل سيني قلم وندن سان روح جون رهاڻيون محسوس ٿينديون هيون. چو ته اهل قلم ڪٿي به ۽ ڪيڏو به ڏور ڇو نه هجن پر اهي سڀ پاڻ ۾ شناسا ۽ هر ويلي پنهنجي ڪچهري ۾ موجود محسوس ٿيندا آهن. هون به هنن جا پاڻ ۾ ڪي اهڙا قدرتي ناتا ٿيندا آهن. جيڪي وقت گذرڻ سان گڏوگڏ وڏيڪ مضبوط، گهرا ۽ پختا ٿيندا آهن جيڪي ٽوڙڻ سان ٽٽي ناهن سگهندا.

يقينن مون کي به پنهنجي ذهن ۾ اهي سڀ ڏٺل ۽ اڻ ڏٺل چهرا، جيڪي هن تاريخي ڏارا ۾ مون سان ڪنهن نه ڪنهن طرح شامل حال رهيا آهن سي اهو چوندي محسوس ٿيندا هئا ته سچائي ۽ تاريخي کوجنا واري سفر ۾ ٿمر ساڻ ڪٿي نڪري پوءِ! ۽ "تتي ٿڌي ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي" گم ٿيل تاريخ ڳولهه تحقيق جي راهن تي نڪري وڃ. تنهنجو فرض توکي پڪاري رهيو آهي. سچ جي ڳڻورن تحن مان اجا ته ذري حقيقت ظاهر ٿي آهي، اجا ته گهڻي اٿل پٿل ڪرڻي آهي. ۽ ڪن پڙهندڙن جا لکيل اهي لفظ به وڏو اتساهه ڏئي ويا ته "هڪ منصور کي ڪڏهن به چانوٺ ڳولي، ماٺ ڪري ويهڻ نه گهرجي.

پوءِ اهي سڀ آواز پڙاڏو بڻجي بار، بار منهنجي ذهن ۾ گونجندا رهيا ۽ مون کي سڏيندا رهيا ته ڌرتي جي آزادي خاطر پنهنجو رت وهائيندڙ شهيدن

تي برٽش سرڪار ۽ ٻين حڪومتي ذريعن تي مشتمل رپورٽون سورهيه بادشاهه جا خط هٿ ڪري انهن تي مڪمل غير جانبدارانه تحقيق ڪري حر تاريخ تي ڀرپور مستند ڪتاب آڻڻ جي تيارين ۾ آهي. اهو به سنڌ واسين تي سائين جو وڏو احسان ٿيندو. هن ميدان ۾ محترم سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به پاڻ ملهايو آهي ۽ ليکڪن کي اڳتي وڌڻ لاءِ ڪيترائي رستا ڏيکاريا اٿس. جڏهن ته فقير مير محمد نظاماڻي حر تحريڪ ۾ عملي حصو وٺندڙ ڪيترن ئي جُهونن غازين جا سوَن جي تعداد ۾ انٽرويو وٺي، محفوظ ڪري وڏو اهم ڪم ڪيو آهي. تاريخي ڏارا ۾ جهونگار سٽ کي به ساراهڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي، ۽ منصور سٽ ته هون ئي پاڻ پتوڙي، تاريخي ۽ تحقيقي نوان گس ۽ پيچرا وٺي سچي تاريخ توهان تائين پهچائي آهي ۽ ٻين لکندڙن کي به دعوت ڏئي قافلي ۾ گڏ هلايو آهي ۽ شامل ٿيڻ لاءِ چيو آهي.

هاڻ جڏهن ٻين قلم وندن ڪان به انهي تاريخ پنهنجو حق گهريو آهي ۽ هو اهو فرض نڀائي به رهيا آهن ته اها ڳالهه ڏاڍي خوش آئنده آهي. جنهن مان اميد ڪري سگهجي ٿي ته گڏيل سهڪار سان اسان انهن مرد مٿيرن جا گم ٿيل داستان جلدئي سهيڙي وٺندسون.

”منصور“ پنهنجي پهرين شماري کان ئي پڙهندڙن ۾ ڏاڍو مقبول ويو آهي ۽ ان جو هر شمارو هٿو هٿ کپي به ويندو آهي. ايتري قدر جو اڳين گهڻن شمارن جون ڪاپيون مارڪيٽ ۾ توڙي اداري وٽ ناياب ٿي ويون آهن. جنهن سبب ڪوڙ سارن پڙهندڙن کي انهن شمارن جي گهرج تي اسان معذرت ڪندا آهيون.

سانگهڙ پبليڪيشن جو هي اٺون شمارو توهان جي هٿن ۾ آهي. ممڪن هو ته هن شماري کي توهان تائين پهچائڻ ۾ اچا به ڪجهه دير ٿي ها پر آئون ٿورائتو آهيان پنهنجي نوجوان دوست، اعليٰ تعليم يافته شخصيت ۽ ڪتاب پاڳارا آئينو جي لکندڙ سردار پيو جو، جنهن جو مڪمل تعاون ۽ سهڪار مون سان رهيو ۽ اشاعتي ڪم جي نگراني ڪري، وقت سر توهان تائين ڪتاب پهچايو. هن ڪڙي ۾ سنڌ جي وڏن وڏن ليکڪن جون لکڻيون شامل آهن. اميد ته انهن مان پڙهندڙن کي ڪوڙ ساري ڄاڻ ملندي. جڏهن ته منصور جو ايندڙ نائون شمارو شهيد امين فقير مگريو جي حوالي سان خاص نمبر هوندو. جنهن ۾ فقير جون ملڪ ۽ ملت لاءِ ڏنل قربانيون، سندس

سماجي، سياسي، خدمتون، درگاهہ شريف پير ڳوٺ ۽ مرشد ڪامل سان والهانہ عشق تي خاص مضمون ۽ سماجي، ادبي، سياسي شخصيتن ۽ سندس ويجهن مائٽن ۽ دوستن جا تاثرات شامل هوندا. ان کان سواءِ ”شهيد فقير“ جون ناياب تصويرون بہ شامل هونديون. انهي حوالي سان سنڌ جي قلمڪارن، سماجي، سياسي ۽ صحافتي سڄڻن کي نينهن ٿا ڏيون تہ هو اسان سان تعاون ڪندي پنهنجا مضمون ۽ تاثرات اسان ڏانهن جلد ڏياري موڪلين تہ جيئن شهيد امين فقير مڱريو ”خاص نمبر“ کي هڪ يادگار نمبر جي حيثيت حاصل ٿي سگهي.

آخر ۾ سڄڻن کي اها گذارش تہ حسب سابق اسان سان پنهنجو ڀرپور قلمي ساٿ ۽ سهڪار نڀائيندا ايندا. هن واعدي سان اجازت تہ تمام جلد نائون شمارو بہ توهان جي هٿن جي سونهن بڻجندو.

شال لاٽ ٻرندي رهي
جوت جلندي رهي

اوهان جي دعائن جو طلبگار
**ولي محمد خاصخيلي**

# اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا
# جن جو جماعت کي روحاني خطاب

| |
|---|
| 10 ذوالحج 1424 هه مطابق 2 فيبروري 2004ع بروز سومرو عيدالضحيٰ تي پير سائين سردار دامت برڪاتهم العاليہ جن جو عيد تي آيل جماعت سڳوري کي روحاني ۽ انقلابي خطاب جنهن پوري سنڌ کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪري ڇڏيو. |

اسلام عليڪم بابا!

توهان سڀني کي استادن ۽ منهنجي طرفان عيد مبارڪ. توهان اسان جي مفتي صاحب کي ٻڌو تہ هر انسان جي خوشي پنهنجي قسم جي هوندي آهي. اهو ماڻهوءَ جي سوچ تي آهي تہ هو ڇا تي تو خوش ٿئي. توهان جي گڏجاڻي جا ڏينهن اسان جي خوشي جا ڏينهن آهن. استادن تي فرض آهي تہ توهان کي نصيحت ۽ هدايت ڪن. ان ڪري تہ هو پڙهيل ۽ ڪڙهيل آهن. توهان کي پاڙهي نہ ٿا سگهن تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪاڙهي سگهن ٿا. ۽ منهنجي لاءِ ضروري آهي تہ توهان کي مشورو ڏيان. ڇاڪاڻ تہ مان پڙهيل ڪونہ آهيان پر ڪڙهيل آهيان. نيڪ آهي؟! ۽ ان تي عمل ڪرڻ توهان جي لاءِ باعث خير جو ٿيندو. خوشي جو ٿيندو ۽ اولاد بہ نہ پڇتائيندي تہ توهان انهن جي مشوري تي عمل ڪريو. توهان کي هميشه مان چوندو آهيان ۽ ڪوشش ڪندو رهيو آهيان تہ توهان جي اولاد صالح ٿئي. بري صحبت کان بچي. ۽ خاص طور سان ڇوڪرين جي تعليم تي مان زور ڏيندو رهيو آهيان. مان کي خوشي آهي تہ ڪجهہ توهان ۾ مايون اهڙيون آهن جيڪي نہ رڳو پڙهيون آهن. گهڻو پڙهيو اٿن اهي توهان جي طرف کان اينڊز اليڪشن ۾ اميدوار ٿي بيهنديون ۽ ڪامياب ٿينديون ۽ توهان جي خدمت ڪنديون. پر توهان کي اهو احساس هجڻ کپي تہ پڙهيل زال جي اڳيان مڙس هميشہ جهڪندو رهندو آهي. ڪم علميءَ جي ڪري، ڪم لياقت جي ڪري. ڪنهن بہ پڙهيل زال کي پاڻ کان گهٽ پڙهيل لکيل کي نہ پرڻايو. هجي تہ برابري جي تعليم وارو هجي نہ تہ وڌيڪ هجي ۽ ناهن تہ توهان ڪوشش ڪريو. جيڪو پراڻو دستور هو تہ پيءُ ڏيئي ڇڏيندو هو پنهنجي دوست کي. ماءُ

ڏيئي ڇڏيندي هئي ٻي دوستياڻي، سهيلي کي، اهو ڪم نہ ايندو. هاڻي اهي ننڍپڻ جا سڱ يا ڄائي ڄم کان اڳ جا سڱ بيڪار آهن. ماڻهو پڙهي لکي ويهي، عورت پڙهي لکي ويهي، پوءِ انهن جي منظوري سان سڱ ٿيندا. اگر سڱابندي منظوري سان نہ ٿيندي تہ ضرور "ڪاروڪاري" ٿيندا ۽ افسوس ۽ ڏک پاڙيوارن کي ۽ گهر وارن کي ٿيندو. بي عزتي ۽ بدنامي ائين مول پئجي ويندي. سو هميشہ بالغ ڇوڪريءَ جي بالغ ڇوڪري سان توهان شادي ڪرايو. هي بلوغت کان اڳ جون شاديون ختم ڪريو، اهو دستور رواج اڳين زماني سان هو، هن زماني سان سُوٽ (Siut) نٿو ڪري. توهان جي صحتمندي ۽ ڀلائي ۽ ڇوڪر، ڇوڪريءَ جي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي تہ اگر صغير ٻارن جا، توهان جي خاندان ۾ رشتا ٿيا آهن تہ وڏا ٿي جڏهن هو ها ڪن تہ ٿيندا، ورنہ انهن کي ختم سمجهڻ کپي.

مان عرض ڪيو تہ جيڪي بہ ننڍن ٻارن جا توهان رشتا ڪيا آهن سي ختم ٿيڻ کپن، سمجهہ ۾ ڳالهہ وڃي؟ ان تي عمل بہ ٿيڻ کپي! هي اهو حڪم آهي، جنهن تي عمل ٿيڻ کپي! توهان پنهنجن فيصلن تي عمل ڪندا آهيو پر پيراڻي فيصلي تي توجهہ نہ ڏيندا آهيو جو پير توهان سان سچو وقت تہ هوندو ڪونهي. هر وقت توهان پنهنجي پاڻ ۾ آهيو ۽ هن کي ڪو ٻڌائي، اگر توهان ڪنهن کي ٻڌائڻ ڏيو ۽ هاڻي ان شيءَ جي مان اميد ٿو ڪريان تہ نہ توهان ننڍا سڱ ڏيندئو ۽ نہ وٺندئو. اگر اوهان انهن کان پڇندو ۽ پڇڻ جي ضرورت نہ ٿا محسوس ڪريو تہ اهي ننڍپڻ جا سڱ ۽ زباني رشتا بيڪار آهن اڄ کان ختم آهن. توهان کي معلوم آهي. 4 فيبروري 1952ع تي مون کي توهان ڳپ ٻڌائي هئي. اڄ چوٿين فيبروري ۾ بہ ڏينهن باقي آهن، مون تي بہ فرض آهي تہ توهان کي وقت بوقت ٽوڪيندو اچان، ۽ اگرا فيصلا ٻڌائيندو اچان، توهان کي بہ هن دنيا ۾ هن ماحول ۾، ۽ هن ئي ماڻهن سان ملڪ ۾ رهڻو آهي. انهن ماڻهن جي وچ ۾ اهڙو ئي رهڻو آهي جهڙا هو آهن، پر ان جو مطلب اهو نہ، تہ توهان چورن جي سنگت رکو، يا بدمعاش جي رکو يا بري جي رکو، پر انهن جي رکو جيڪي نيڪ آهن صالح آهن، جيڪي توهان کي ڪجهہ سيکاري سگهن ٿا ۽ جيڪي توهان کي غور سان ٻڌن ٿا، پنهنجو سمجهن ٿا. توهان ضرور هِن عيد کان هِن عيد تائين پاڻ سجاتو هوندو. هاڻ اوهان پنهنجي اولاد جا خيرانديش ۽ خير خواهہ ٿيو ۽ صالح مايون. محنت ڪن، رزق حلال ڪمائڻ لاءِ صالح اولاد ڇوڪرا، نسلن کي اڳتي وڌائڻ جو قيامت تائين توهان قائم دائم هجو.

خدا ترسي ۽ خدا پرستي ۾ وقت وڃين گذاريو. مان ۽ مون کان اڳتي جيڪي پير اچڻ اهي توهان جي خدمت ۾ عرض ڪن. مان هيستائين توهان جي گهر ۾ گهڙي ڪا اهڙي ڳالهه نہ ڪئي آهي، هي اڄ پهريون دفعو ڪئي آهي. ۽ مان نہ ٿو گهران تہ توهان پاڻ جي لاءِ بہ ۽ منهنجي لاءِ بہ اهو سوچيو تہ اڳتي منهنجي مشوري تي هلڻ توهان لاءِ برو آهي، يا توهان جي ان ڪارسازي جي ڪري توهان جا نسل بگڙيا آهن.

توهان ذميدار آهيو پنهنجي نسل جي آبادي ۽ هڻ جي علم جا، توهان جو ڪم آهي رزق حلال، رزق حلال ان جي تلاش ۽ محنت. هن وقت نوڪريون ملڪ ۾ ڪونهن، جيڪي بہ توهان اخبارن ۾ پڙهو ٿا ٺڳيءَ جا ناهہ آهن. ڪا نوڪري ڪنهن جي لاءِ ڪنهن بہ قسم جي ڪانهي. اگر ڪا جاءِ خالي ٿي ٿئي تہ هر جاءِ جي لاءِ گهٽ گهٽ ۾ پنج هزار ماڻهو پيدا ٿي ٿا وڃن ۽ اهو خوش قسمت آهي. جنهن کي بغير محنت جي پنهنجي ميرٽ تي، لياقت تي اها جاءِ ملي ٿي. هن وقت توهان جي ڪمائي لاءِ رزق حلال لاءِ رڳو هڪڙو در کليل آهي، اهو آهي پاڪستان جي فوج جو. جيڪو در هر هڪ جي لاءِ کليل آهي. جيڪو گهٽ ۾ گهٽ مئٽرڪ ۽ وڏ ۾ وڏ جو بہ هجي، تنهن لاءِ توهان ڪوشش ڪريو تہ توهان کي جيڪا هاڻ ڀرتي ڪرڻ لاءِ ٽيم نڪرندي ان ۾ توهان پڙهيل لکيل ماڻهو ڀرتي ٿيو. مراعتون حاصل ڪيو، رزق حلال ڪمايو، ۽ پنهنجي قوم جي حفاظت قوم تي ڪا مهرباني ڪانهي. پاڻ تي فرض آهي. پنهنجي ٻائرن کي بچائڻ جي لاءِ ۽ رزق حلال جي لاءِ توهان اڳتي وڌو. اميد ٿي ڪجي تہ جتي نوڪري نہ ٿي ملي ڪا اُپت ناهي، توهان پڙهيو بہ آهي، تہ پوءِ ڇو توهان ان علم مان، پنهنجي هئڻ مان فائدو وٺو بہ ٿا ۽ فائدو ڏيو بہ ٿا. بهتر آهي تہ مالدار ٿيو. رزق حلال جي تلاش ڪيو. پنهنجي اولاد کي وڏ ۾ وڏ پاڙهيو، خاص طور سان عورتون، انهن سان جبر يا زيادتي نہ ڪريو، اميد تہ الله توهان کي صحيح رستو ڏيکاريندو ۽ توفيق عطا فرمائيندو تہ توهان پنهنجيون ڳالهيون نہ پر جيڪي ٻارن جي نيت هوندي، سندن بالغ ٿئي کان پوءِ ان تي عمل ڪندا. تنهن کان سواءِ اسان توهان ۾ وڏيرا آهن، جيڪي ڇوڪرين کي حق نہ ڏيندا آهن، ان جي جائداد جي ڪري انهن جون شاديون ڪونہ ڪندا آهن، ويهاري ڇڏيندا آهن. ائين گهٽو ڳوڙ ڪن تہ قرآن شريف ڏئي ڇڏيندا آهن، تہ ان سان تنهنجو نڪاح آهي. ڇا ڪڏهن قرآن شريف سان نڪاح بہ ٿيو آهي؟ اهو تہ هدايت لاءِ آهي.

سنئين رستي ڏيڪارڻ لاءِ آهي. اهو رستو جيڪو توهان مڙس ڪري ٿا ڏيو ان ۾ ان جي برعڪس لکيل آهي، جيڪو توهان ڏيو ٿا. سو مهرباني ڪري جن پنهنجي ڀينرن کي يا ڌيئرن کي ويهاري ڇڏيو آهي تن کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪريو، ۽ جائداد جو حق ته الله هنن کي ڏنو آهي ۽ قرآن شريف ڏنو آهي. قوم جو قانون جيڪو آهي اهو به انهن کي حقدار ڪري ٿو ته انهن کي حق ڏيو. توهان صاحبن جي وڏي مهرباني ٿيندي. آئنده مان انهن سلسلن ۾ ڪا به شڪايت نه ٻڌان! ۽ اُها توهان ۾ هڪڙي ٻي به رسم آهي؟ نڪاح پڙهجي ويو ته طلاق اوهان نٿا ڏيو، نه ٿا ونو، جڏهن زال مڙس جدا هلندا آهن، ڪڏهن گڏجي هلڻ جو سوال ناهي ته پوءِ زال مڙس جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اگر توهان مڙس کي ٻي شادي جو حق ڏيو ٿا ٻي، ٽين، چوٿين جو ۽ وري ائين پنهنجو هلڻ الڳ آ! ته مائي کي به حق آهي!؟ مڙس هٺڻ جو، پوءِ ان کي طلاق ڏيئي ڇڏيو. پر اهو منهنجو مشورو آهي. حڪم ناهي ته طلاق ڏئي ڇڏيو. هر هڪ ماڻهو پنهنجو فيصلو، پنهنجي گهرو حالتن، خانداني حالتن ۽ برادري جي حالتن کي ڏسي ڪري. اگر اهي ماڻهو (زال مڙس) هڪ ٻئي کان پاڻ کي جدا ڪري ڇڏيندا ته هو به خوش ٿي ويندا ۽ مون کي به خوشي ٿيندي. ڇو ته غير ضروري نسبت قائم ناهي. الله جي دربار ۾ هر هڪ کي پنهنجو حق آهي ۽ حق وٺي ٿو. بدنامي ۽ بي عزتي جي باعث کان بچي ٿو.

اڄ مان توهان جو گهڻو وقت ورتو آهي. توهان به مون وانگر ٻيهي ٻيهي ٿڪا هوندئو، تنهن ڪري مان مشورو ڏيندس ته خير سان گهر وڃو. آرام سان رستي تي ڊرائيونگ ڪريو؟ آرام سان ڊرائيور کان گاڏي هلرايو ته جيئن توهان سڀ حال حيات خير سان گهر پڄو، ۽ رزق حلال جي تلاش ۾ لڳي وڃو. ۽ پنهنجي اولاد کي صالح ڪري. انهن جي پڙهائي ۽ لکائي مان فائدو وٺو ۽ انهن کي فائدو-ڏيو. ۽ منهنجون نصيحتون، نصيحتون ته ڪونهن. نصيحتون ته مولوين جون، عالم جي نصيحت ٿيندي آهي. منهنجا مشورا يا صلاحون توهان ٻڌيون ۽ گهڻن ڏيڻهن کان پوءِ صلاح نه، پر حڪم ڏنو اٿم. ان جي تعميل ٿيڻ کپي. باري تعاليٰ توهان کي توفيق عطا فرمائيندو. باري تعاليٰ توهان جو رزق ڪشادو ڪندو. جيڪو رستو مان ڏسيو آهي ان تي هلندئو ته انشاءَ الله تعاليٰ توهان عزت ۽ آبرو جي زندگي ۽ خوشحالي جي زندگي ۽ خانه آبادي جي زندگي بسر ڪندئو. توهان جي اولاد سڌرندي. لائق هوندي، خوش ٿيندي ته توهان کي به خوشي ٿيندي. هڪ ٻئي کي ملڻ ۾ به خوشي ٿيندي اگر توهان منهنجي صلاح تي هلندئو. مهرباني●

# سنڌ جي جديد تاريخ
# ۽
# شهيد سورهيه صبغت الله بادشاهه

ــــــــ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

دنيا جي تاريخ ۾ عظيم انسان ٿي گذريا آهن، جن حق ۽ انصاف لاءِ، مُلڪ ۽ ملت جي خدمت، عظمت ۽ آزادي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون، سنڌ مان سورهيه صبغت الله شاهه انگريزن جي سامراجي حڪومت خلاف جنگ جوٽي جن ڪيس شهيد ڪيو (1943ع) ۾ پر پوءِ ڇئن سالن اندر سنڌن حڪومت ختم ٿي ۽ ملڪ آزاد ٿيو.

سيد صبغت الله شاهه تاريخ 13 صفر، سنه 1327 هجري ۾ ڄائو. سندس والد پير پاڳارو سيد شاهه مردان شاهه وڏي علم وارو هو ۽ عالمن جو قدردان هو. ديني ۽ اسلامي تعليم خاطر، "تفسير ڪوثر" جي نالي سان قرآن شريف جو تفسير تيار ڪرائي ڇاپايائين جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف جو پهريون تفسير هو.

12 صدي هجري (18 عيسوي) ۾ جناب پير سيد محمد راشد صاحب سنڌ ۾ اسلامي تعليم ۽ روحاني ترقي لاءِ درگاهه جو پايو وڌو ۽ سندن وفات ڪانپوءِ سندن فرزندن سيد صبغت شاهه (وڏو) پهريون پير پاڳارو "تجر ڌڻي" هو جيڪو هن گادي تي ويٺو. سورهيه صبغت الله شاهه تي ٻه سندس والد ساڳيو نالو رکيو. سن 1339 هجري (1925ع) ۾ والد جي وفات بعد پاڻ ڇهون پير پاڳارو ٿي گاديءَ تي ويٺو. اڳ ملڪ ۾ پنهنجي آزاد حڪومت هئي، ان وقت پهرئين پير پاڳاري سيد صبغت الله شاهه سکن جي وڌندڙ طاقت کي روڪڻ لاءِ مدد ڪئي، ٻئي پير پاڳاري سيد علي گوهر شاهه 'اصغر' جي وقت ۾ انگريزن سن 1843ع ۾ سنڌ تي حملو ڪري قبضو ڪيو. 'اصغر' صاحب جي عمر ننڍي ٿي ۽ ڪانئن پوءِ سندن فرزند، ٽئين پير پاڳاري سيد حزب الله شاهه، انگريزن جي ڏاري حڪومت خلاف قدم کنيو ۽ ترڪي جي

سلطان ڏانهن خط لکيو تہ انگريزن کي هتان تڙي ڪڍيو وڃي.

پير سيد حزب الله شاهہ صاحب ان مقصد لاءِ جماعت جي طاقت کي وڌايو، ۽ ٻارهن چوڪيون ٺاهي هڪ مضبوط نظام قائم ڪيو. سن 1309 هجري ۾ سندن وفات کان پوءِ انگريزن پير پاڳاري جي درگاهہ جي جماعت جي طاقت کي ٽوڙڻ لاءِ وڏي پيماني تي پوليس جي طاقت استعمال ڪئي جنهن جي ظلم خلاف سنہ 1896ع ۾ پهرين 'حر تحريڪ' شروع ٿي. انگريزن حرن کي سالن جا سال لوڙهن اندربند رکيو، ۽ پوءِ انهن کي پوليس جي ٿاڻن تي حاضري ڏيڻ جو پابند ڪيو.

سورهيہ صبغت الله شاهہ شهيد 1922ع ۾ پير پاڳارو ٿيو. ان وقت سندس عمر ٻارهن سالن جي هئي. پر ٿوري ئي وقت ۾ ڪيس پنهنجي جماعت ٽوڙي سنڌجي.عام ماڻهن خلاف انگريزي حڪومت جي ظلم ۽ ڏاڍاين جو احساس ٿيو ۽ پوليس جي خلاف آواز اٿاريائين. ان تي حڪومت طرفان مٿن ڪوڙو ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪيو ويو. اهو ڪيس سکر ۾ هليو ۽ محمد علي جناح صاحب (قائد اعظم) سندن طرفان وڪيل ٿيو. جناح صاحب جڏهن ڏٺو تہ ڪورٽ انصاف ڪرڻ بدران پير صاحب جن کي سزا ڏيڻ چاهي ٿي تڏهن ڪيس تان هٿ ڪڍي هليو ويو. پوءِ انگريزن پير صاحب کي سنڌ کان ٻاهر اماڻيو ۽ اٺ سال (1930-1938ع) هندستان جي جيلن ۾ رکيو.

پير صاهب وڏو بهادر ۽ سورهيہ هو. حڪومت جي سختين جي پرواهہ ڪانہ ڪيائين ۽ رتناگريءَ جي جيل مان سلامن پيغامن ذريعي سنڌ ۾ جماعت کي صبر ڪرڻ ۽ پاڻ کي مضبوط ڪرڻ جي ترغيب ڏنائين. انهيءَ تي انگريزن، پير صاحب کي رتناگريءَ مان ڪلڪتي اماڻيو. اتي سياسي اڳواڻن توڙي انگريزن جي مخالف انقلابن ساڻن مخفي طور لاڳاپا قائم ڪيا. اُن وقت ٻي وڏي جنگ لڳڻ واري هُئي ۽ هڪ بيان موجب بنگال جي وڏي انقلابي سباش چندر بوس طرفان پير صاحب جن کي پيغام پهتا. انگريزن ضروري سمجهيو تہ پير صاحب کي بنگال کان پري ڪيو وڃي ۽ انهيءَ ڪري جيل جي مدت پوري ٿيڻ تي پير صاحب کي آزاد ڪيائون ۽ پاڻ 1938ع ۾ واپس سنڌ پهتا.

هاڻي سورهيہ صبغت الله شاهہ مضبوط ۽ محڪم ارادي سان ۽ ساڳئي وقت وڏي بردباري ۽ دانائي سان، امن ۽ اصلاح جو پروگرام شروع ڪيو تہ جيئن سنڌ جي عام ماڻهن ۾ سجاڳي اچي ۽ پڻ جماعت مضبوط ٿئي. وڏي

تاڪيد سان ترغيب ڏنائون تہ: (1) نشي کان مڪمل پرهيز ڪئي وڃي (2) بي اصول ۽ بداخلاق ماڻهن جي صحبت کان پاسو ڪيو وڃي، (3) پنهنجي پاڙي وارن جي مدد ڪئي وڃي ۽ سندن بچاءُ ڪيو وڃي، (4) ولايت (انگريزن) جي ڪپڙي ۽ سامان بدران ديسي ڪپڙو ۽ سامان استعمال ڪيو وڃي.

ان وقت 'مسجد منزل گاهہ' سکر سببان فساد ٿيا. پير صاحب 'غازي تحريڪ' شروع ڪئي ۽ پنهنجي غازين کي حڪم ڏنو تہ فساد بند ڪرائن ۽ ڳوٺن ۾ هندن ۽ پين هيٺن جو بچاءُ ڪن.

جاسوسن انگريزن کي پير صاحب جي ڪنيل قدمن بابت وقت بہ وقت خبرون پئي ڏنيون. غازين جي پرتي واري قدم حڪومت ۾ ٿرٿلو وجهي ڇڏيو، ۽ حڪومت اخبارن ذريعي پير صاحب خلاف پروپئگنڊا شروع ڪرائي تہ جيئن پير صاحب خلاف قدم کڻڻ ۾ سولائي ٿئي. جماعت وارن مريدن توڙي پير صاحب سان تعلق رکندڙن جون لسٽون تيار ڪرائي انهن تي سختي شروع ڪئي وئي. ڳوٺن مان ماڻهن کي مجبور ڪيو ويو تہ روزانو اچي تعلقي جي ٿاڻي تي پوليس وٽ حاضري ڀرائين.

ان تي پير صاحب جن حڪومت وٽ احتجاج ڪيو تہ جيڪي ماڻهو ڳوٺن مان پري پري پنڌ ڪري روزانو تعلقي جي صوبيدار وٽ اچي حاضري ڏيندا سي پنهنجو ڪم ڪار ڪيئن ڪري سگهندا.

ان تي پاڻ وڏيڪ سختي شروع ٿي ماڻهو جڏهن مجبور ٿيا تہ پير صاحب جن چيو تہ روزاني حاضري نہ ڏيو.

جڏهن اهي ماڻهو پوليس جي چنبي مان آزاد ٿيا تہ انهن پنهنجا اڳواڻ چونڊيا ۽ ٽولن جي صورت ۾ حڪومت سان گوريلا جنگ لاءِ تيار ٿيا. هاڻي انگريزن پير صاحب جن کي ڪراچيءَ ۾ گهرايو ۽ زور رکيو تہ جيڪي ماڻهو حاضري تي نٿا اچن تن کي حاضر ڪريو. پير صاحب گورنر کي صاف لفظن ۾ ٻڌايو تہ ماڻهن کي پوليس وٽ روزانو حاضري ڀرڻ سان مجبور ڪيو ويو آهي، انهيءَ ڪري هو حاضري نٿا ڏين. حڪومت انصاف ڪري ۽ صلح پسند ماڻهن کي هٿيارن کڻڻ تي مجبور نہ ڪري.

ان تي حڪومت پير صاحب جن کي ڪراچي ۾ نظربند ڪرڻ چاهيو ۽ کين چيو ويو تہ: اوهان ڪراچي کان ٻاهر نہ وڃو. هاڻي مقابلي واري صورت سامهون آئي جنهن کي ڪاميابي سان منهن ڏيڻ لاءِ، همت، عظمت، جوانمردي ۽ ارادي جي پختگي ۽ مردانگي جي ضرورت هئي. پير صاحب وڏو

سورهيہ ۽ دلير هو. ان سان گڏ وڏي سياسي تدبر وارو هو. ظاهر ۾ تہ انگريزن جي حڪومت خلاف ڪو قدم ڪونہ کنيو هئائون، رڳو ڪانئن ماڻهن سان انصاف ڪرڻ جي گهر ڪئي هُئائون. پر هاڻي ضروري هو تہ مريدن ۽ ٻين خيرخواهن کي حقيقت کان آگاهہ ڪن. انهيءَ ڪري پير صاحب جن حڪومت جو حڪم لتاڙي، ڪراچي مان روانا ٿي سانگهڙ بنگلي تي ۽ پوءِ درگاه تي پهتا ۽ سڀني باهمت ماڻهن کي ايندڙ حالات کان باخبر ڪيائون.

سنڌ جي جديد (ماڊرن) تاريخ شهيد سورهيہ بادشاهہ کان شروع ٿئي ٿي. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ سياسي طور گهڻو ڪجهہ ڪيو هو مگر جنهن طاقت ۽ قوت سان انگريزن قبضو ڪيو هو، اهو صرف شهيد سورهيہ بادشاهہ سندن فقيرن (غازين) ذريعي قبضو ختم ٿي پئي سگهيو. جو تہ جڏهن ڪا قوم ڏاڍائي ڪري ڪنهن علائقي تي اچي قبضو ڪندي آهي تہ ان کي ڪيڏي نہ قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن، سو انگريزن خلاف سورهيہ سائين پنهنجي فقيرن سان گڏجي لڙائي ڪئي. ٻن سالن تائين انگريزن مارشل لا نافذ ڪري، جهازن وسيلي بمباري ڪئي، اها انگريزن ۽ حُرن وچ ۾ جنگ هئي. ان لاءِ تہ جنگين ۾ ئي جديد ترين هٿيار ۽ جهاز استعمال ڪيا ويندا آهن.

انگريزن ارڙهين صدي ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو هو، 1942ع واري انگريزن خلاف آخري جنگ هئي، جيڪا سورهيہ بادشاهہ ۽ فقيرن (حرن) وڙهي. آئون چوندس تہ (This is last war against British) هي انگريزن خلاف آخري جنگ آهي. ان دوران انگريزن جي طاقت موجود هئي. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ بہ قوت رکنديون هيون. ان وقت سورهيہ بادشاهہ اڪيلي سر پنهنجي حُرن وسيلي حالتن کي خيال ۾ رکندي انگريزن خلاف آزادي واري جنگ ڪرڻ لاءِ سوچيو هو. جڏهن عليگڙهہ ۾ اسان پڙهندا هئاسون، ان وقت شاگردي واري زماني ۾ عاقل هنگورو (خليفو)، علي بخش جوڻيجو ۽ آئون (نبي بخش بلوچ) لياقت علي خان سان ملاقات ڪرڻ لاءِ دهلي وياسون. جتي اسان چيو سون تہ سورهيہ بادشاهہ بيگناهہ گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ آزادي لاءِ توهان مدد ڪريو. لياقت علي خان چيو تہ اسان سياسي ماڻهو آهيون، توهان سنڌ مسلم ليگ وارن ميمبرن سان وڃي ملو ۽ خود چٽي ڇڏيو تہ مسلم ليگ سنڌ پير صاحب جي خلاف آهي مگر اها مسلمانن جي طاقت آهي.

ان دوران هتي ميڊيا جو ڪردار بہ چڱو ڪونہ هو، سڀئي اخبارون ان

وقت کوبہ ڏوهہ ٿيندو هو تہ پير صاحب ۽ حُرن جي کاتي ۾ لکي غلط پروپيگنڊه ڪندا هئا. اخبارن ۾ لکيو ويو تہ حُر آزادي جا ويڙهاڪ نہ ڌاڙيل، قاتل آهن ۽ انهن جو ڪم صرف قتل ڪرڻ آهي. اهي حڪم ڪيا ويا هئا تہ اخبارن وسيلي سنڌ ۾ جيڪو ڏوهہ ٿئي تہ سورهيہ بادشاهہ خلاف لکيو وڃي تہ جيئن الزام هٽي عام ماڻهن جي، نظرن ۾ ڪيرائي سگهجي.

مون ان وقت جي اخبارن کي پڙهيو تہ ان ۾ ڪوڙي پروپيگنڊه ڪئي ويندي هئي (Sindh Observers) سنڌ آبزرور نالي انگريزي اخبار ۾ بہ حُرن کي ڌاڙيل لکيو ويندو هو.

پير سورهيہ بادشاهہ اڪيلا انگريزن جي وڏي طاقت کي منهن پئي ڏنائون. پير صاحب وقت جا روحاني بادشاهہ هئا. جيڪو سلسلو پير سائين روضي ڌڻي بادشاهہ کان ورثي ۾ مليل آهي.

هڪ فقير پير سائين روضي ڌڻي رحمت الله عليہ جن کي عرض ڪيو تہ ٻين جڳهين تي ريتون، رسمون وغيره ٿين ٿيون. هتي تہ پري کان سلام آهي. ان فقير کي پير سائين روضي ڌڻي جن فرمايو تہ هتي تہ دلين جي محبت وارو رشتو آهي.

اهڙي نموني جو عرض هڪڙي ٻئي فقير سورهيہ بادشاهہ جن کي ڪيو هو. پير سورهيہ بادشاهہ فقير کي چيو تہ توهان (جماعت) مون کي وٺون ٿا ۽ مان توهان کي وٺان ٿو.

سورهيہ بادشاهہ جڏهن گادي نشين ٿيو تہ ان وقت ارادو ڪري ڇڏيو هو تہ انگريز سامراج کي هتان تڙي ڪيڍنو آهي. اهو سراسر غلط آهي تہ پير صاحب جيل ۾ سڀاش چندر بوس سان ملڻ بعد اهو رادو ڪيو هو يا خيال آيو هو. ائين هجي ها تہ انگريز، پير صاحب کي هرويرو گرفتار ڪري ڪوڙي ڪيس ۾ سزا نہ ڏين ها.

پير صاحب سورهيہ بادشاهہ جيلن دوران قاعدي ۽ قانون موجب انگريزن کان سوال ڪري ٿو ۽ انهن جي سوالن جي موٽ ۾ جواب پڻ ڏي ٿو. جواب بہ اهڙا ٿو ڏي، جنهن جو ڪوبہ جواب ٿي نہ ٿي سگهيو.

پير صبغت الله شاهہ سورهيہ بادشاهہ انگريزن خلاف جماعت مان همت وارا فقير پيدا ڪيا. ڪنهن کي بہ بيگناهہ ۽ معصوم ماڻهن کي قتل ڪرڻ جو نہ چيائون. اها صرف انگريزن سان جنگ هئي. فقيرن وٽ ڪي

هتيار نہ هئا، انهن انگريزن کان ڦريو انهن جي خلاف استعمال ڀڻ ڪيائون جو تہ جنگ دوران سڀ ڪجهہ جائز هوندو آهي.

پير سورهيہ بادشاهہ خود وڏو بهادر ۽ ارڏو انسان هو ۽ اهڙا وري سندن فقير (حُر) هئا. پير صاحب جهڙو مثال پوري دنيا ۾ نہ ملندو.

پير سورهيہ بادشاهہ جو اهڙو تہ جلوو ۽ حشمت هيءَ جو ڪوبہ ڪنڌ متي ڪٽي ساڻن ڳالهائڻ جي جرئت نہ ڪري سگهندو هو. ايستائين جو وڏا انگريز آفيسر بہ پير صاحب اڳيان ڪنڌ ڪٽي نہ ڳالهائي سگهندا هئا. مون هڪ پيري ايچ ٽي لئمبرڪ کان پڇيو تہ حُر تحريڪ واري زماني متعلق ٻڌائي، پهرين پيري ڪوبہ جوب نہ ڏنو، ٻئي دفعي بہ تاري ڇڏيو. ٽئين پيري منهنجي سوال جو جواب ڏنو ۽ چيوتہ اهو جنگ وارو دور هو، ان وقت انصاف ڏانهن ايتري توجهہ اسان ڪونہ ڏني، جيتري توجهہ انتظام ڏانهن هئي، حُر پنهنجي پير تان قربان ٿِي ٿيا.

حڪومت طاقت استعمال ڪئي. پير صاحب جن کي گرفتار ڪري مٿن بغاوت جو اهو مقدمو داخل ڪيو ويو تہ پير صاحب انگريزن جي بادشاهہ جارج ڇهين خلاف بغاوت ڪئي آهي. جماعت جي مکيہ ماڻهن کي ڳوڻن مان ڳولي گرفتار ڪري، ٻارن ٻچن سميت لوڙهن (concentration camps) ۾ بند ڪيائون. تڏهن حرن فقيرن، سچن مريدن ۽ سندن ٻين ساٿين حڪومت خلاف ڪارروايون شروع ڪيون انگريزن پوءِ سنڌ جي گهڻن ڀاڱن تي 'مارشل لا' لڳائي ۽ هزارين ماڻهن کي قيد ڪيائون، ۽ سون ماڻهن کي پنهنجي 'انڌي قاعدي' هيٺ ڦاسيون ڏنائون ۽ 20 مارچ 1943ع تي جناب پير صاحب کي بہ شهيد ڪيائون.

سندن شهادت سان سنڌ تونڙي سنڌ کان ٻاهر انگريزن خلاف نفرت جو جذبو وڌيو. سنڌ ۾ جوان مردن حرن مريدن انگريزن خلاف پنهنجيون گوريلا جنگ واريون ڪارروايون جاري رکيون. هيءَ آخري جنگ هئي جيڪ هندستان ۾ انگريزن خلاف لڙي وئي، ۽ سورهيہ صبغت الله شاهہ جن جي شهادت کان پوءِ چئن سالن اندر 14 آگسٽ 1947ع تي انگريزن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو.

●●

# سڪ سندو سڏ

حميد سنڌي

مان پير سائين پاڳارا لاءِ گهڙا ٻه اکر لکان. مون ۾ اها پرک واري طاقت نه آهي جو سنڌ جي سدا سجاڳ شخصيت لاءِ گهڻو ڪجهه لکي سگهان. سائڻ عقيدت مندي ۽ محبت جو رشتو سالن کان آهي پر هر دفعي لکڻ مهل سندن شخصيت ڏيادار. منهن مک جا نقش اچيو بيهن ۽ مان گهڻو ڪجهه چوڻ چاهيندي به حجتي انداز سان لکي نه سگهندو آهيان. جو سندن مٺيا ۽ فڪر انگيزي جي موٽ ۾ مون وٽ لفظ نه هوندا آهن ۽ نه وري انهي فڪر جي پر تي پهچندڙ قوت. هيل ڪجهه اهڙوموقعو ۽ مهل آئي جو سمجهيم ته سندن نئين فڪر ۽ فڪرمندي کي ڪنهن پر بيان ڪري سگهان ٿو. ڄامشوري کان پيٽاري جي پراٽي رستي تي ٿي ٽورو اڳيان هلبو ته لڪياري سيدن جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، اتي هڪ صوفي فقير ۽ شاعر سائين احمد شاهه جي خانقاهه ٺهي وئي آهي. انهي بزرگ شاعر سان هڪ سرسري ملاقات عزيزم سرائي غلام مصطفيٰ ڪرائي هئي. ماٺهوءَ ۾ مٺيا هئي، دل کي وڻيو. سندس گفتا وٽيا ته شاعري جو ڏانءُ به. سندس حياتي وفا نه ڪئي، هو سگهو گذاري ويو. ڪجهه عرصي کان پوءِ عزيزم ڊاڪٽر ابراهيم پنهور ۽ ڊاڪٽر شاهنواز چانڊيو (انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄامشورو جا پروفيسر) لطيف جا عاشق، ذڪر ڪيائون ته انهي بزرگ جو فرزند نالي سائين محبوب شاهه. شاهه سائين پٽ ڏٽي جو عاشق ۽ پارکو آهي. هر اوٽتيهين رات خانقاهه تي محفل مچندي آهي. هلو ضرور عزم لالا غلام قادر جيڪو پڻ لطيف سائين جو عاشق آهي، وڏيڪ زور پريو وياسين ته هڪ ننڍڙي پر مڙني عاشقن ۽ فراق ماريلن. لطيف سائين جي پتنگن جي پروقار مجلس هئي. پهتاسين ته مجلس جي ميڙ ۾ هڪ تصوير لڳل هئي، جنهن ۾ قبله پير سائين ۽ مرحوم احمد شاهه بزرگ شاعر گڏ هئا. تصوير وڏي فريم ۾ لڳل هئي. تصوير ڏنم نه ڪا گهڙي بيهي رهيس. پوءِ محبوب شاهه ڏي نهاريم. منهن تي الائي ڇا

ڏنائين جو يڪدم چيائين "سائين، اسين علي جا حبدار، لطيف سرڪار جا پانڌيئڙا، قبلہ پير سائين پاڳارا جا عاشق آهيون.

هيءُ ٽڪندو منهنجي نظر ۾ يگانو ۽ فڪر انگيز هو. محفل هلي تہ ڏڪوئي وئي. سسئي جو فراق، ڦوڙائو ۽ پير پٿون ڪندڙ پنڌ، اهي ئي صعوبتون، تڪليفون جڻ ميدان ڪربلا، امام سڳورن جي عشق سان ٿمٽار قرباني جو مظهر سِر ڪيڏارو، محبوب شاهہ جو انداز بيان اثرائتو هيو. مٿان راڳين ڳايو، بزرگ شاعر احمد شاهہ ڪي، ڳالهہ اهائي هئي، وفا، محبت ۽ عشق جا خال چڙيندڙ، ويچار ۾ وجهندڙ انسان ذات جي عمل ۽ رد عمل جو داستان، هن دور ۾ اڄ جي ماڻهوءَ جي بيوفائي، قرباني کان وانجهيل معاشرو، ڌرتي جي عشق کان انسانن جي غفلت هر فڪرمند، ساڃهہ وند سان هٿ چراند.

هن محفل مان اٿياسين تہ اڃا اڄ جو احساس هو. دل چوندي هئي تہ وري انهيءَ محفل ۾ وڃجي جت هڪ ٽڪندي جو تسلسل هو.

اوچتو هڪ ڏينهن سائين محبوب شاهہ جو فون آيو تہ فلاڻي تاريخ تي قبلہ پير سائين جن سندس ميزباني قبولي آهي. منجهند ڏاري سڀ دوست پهچندا، توهان بہ اچو. وياسين تہ جڻ ويراني ۾ بهار آيل هئي. شاميانہ لڳل، ماڻهن جي اڄ وڃ، هر طبقي جا چڱا ڀلا معتبر پڙهيل لکيل ماڻهو، مهراڻ يونيورسٽيءَ جا پروفيسر، حاضر وائيس چانسلر، اڳوڻا وائيس چانسلر، اديب ۽ فدائي رونق لايو وينا هئا. ڪچهريون هليون پي تہ پير سائين ڏنل وقت موجب پهچي ويا. سڀني سان ملندا آيا ۽ جڏهن مون تي نظر پين تہ وڏي آيا ۽ ڀڪي ڪٽي چاتيءَ سان لاتائون ۽ ڪا گهڙي وسيع پاڪر ۾ پريو بينا رهيا. مون لاءِ سندن سڪ جو هي اظهار وڏو اعزاز هيو. مان ان تنبو کان ٻاهر ئي هيس جت پير سائين جن کي ويٺوهيو ۽ سڀني سان حالي احوالي ٿيٺو هو. سڏائي پير ۾ کٽي ويهاريائين. هميشه جيان آهستي چيائين، هتان گڏجي هلبو ۽ ڪچهري ڪبي. محفل ۾ ڳالهيون هليون سڀني سنڌ جي سماجي، سياسي صورتحال تي ڳتي ڏيکاري، پير سائين سڀني کان پنهنجي پراڻي طريقہ ڪار سان سوال ڪندو رهيو. نيٺ هڪ نقطي تي اچي فرمايائون تہ بابا اصلي ڳالهہ آهي تعليم جي، سنڌ جي بگڙيل تعليمي نظام جي ڪري جيڪو نسل پيدا ٿيو آهي اهو ڊگرين جي باوجود صحيح علم ۽ ڄاڻ جي روشني کان وانجهيل آهي. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ نوجوان توڙي جهونا، سنڌ جي تعليمي سرشتي ۾ سڌارو آڻين ۽ ان ۾ موجود برائين کي پٽي ڪڍن، تڏهن هر ماڻهوءَ

ڪي سنڌ جي مسئلن جي ڇاڻ پوندي ۽ هو پنهنجي حقن جي صحيح نموني سان گهر ڪري سگهندا. ٻي ڳالهه ته منجهن قرباني ۽ سهپ جو مادو پيدا ٿيندو. انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهتري انهيءَ ۾ آهي ته ساڃهه، سهپ ۽ قرباني جي جذبن سان جيئن، علم بنا اهو سڀ ممڪن ڪونهي. وائيس چانسلرن، پروفيسرن، نوجوانن ۽ جهونن پنهنجي وس آهر پي ڳالهايو. خاص طرح سائين ذوالفقار علي شاهه چاموت انهيءَ موضوع تي واضح هو. پير سائين جن جنهن نموني سان فڪرمندي ڏيکاري ۽ سڀني مسئلن جو حل صحيح علم جي روشني سان مالا مال معاشري جي قيام ۾ ڏسيو. ساڃهه ۽ قرباني واري وات ڏسي. بس دل باغ بهار ٿي وئي. مون کي ائين لڳو ته پير سائين هن دفعي سياسي يا سماجي مسئلن جي عارضي حد بجاءِ جيئڻ ۽ جيارڻ واري روشن مستقبل لاءِ هڪ مستقل وات تي هلڻ وارو پروگرام ڏيڻ جا خواهشمند آهن. ڳالهه اجان مڪمل نه ٿي هئي جو مانيءَ تي سڏ ٿيو. سائين محبوب شاهه جي فقيراڻي حال سارو دعوت حقيقت ۾ دعوت شيراز هئي؛ وڏا ننڍا سڀ شريڪ هئا. مان دعوت مان ليئو پائي آيس جت پير سائين پئي جوانن ۽ جهونن سان ڪچهري ڪئي. طعامن کان پاڻ بيخبر هئا جو سندن آڏو ڏکن ڏاڪڙن جا داستان گو ۽ ضرورتمند پنهنجا داستان ڪين پنهنجو همدرد، رهبر سمجهي ٻڌائي رهيا هئا. طعام کاڌي تا وٺن. مان ٻاهر نڪري سائين ذوالفقار شاهه سان اچي ويٺس، صحيح تعليم کان وانجهيل معاشري جي انهي نقطي تي ڳالهائيندا رهياسين. قبله سائين جن آيا ته حُڪم ٿيو ته گڏجي هلو پر پوءِ طئي ٿيو ته شام جو ملجي ۽ ماني گڏجي کائجي. سائين جن موجوده وائيس چانسلرن کي به چيو ته شام جو سائين ذواالفقار علي شاهه جي بنگلي تي باقي گڏجاڻي ضرور ٿئي. قبله پير سائين پاڳارا جن نڪتا ته ٻاهر ماڻهن جا ميلا هئا. هو سڀني کي دعا ڪندا رهانا ٿيا.

اسان ۽ ٻيا دوست ڊاڪٽر شاهنواز، ڊاڪٽر پنهور، لالا غلام قادر، محبوب سائين کان موڪلائي نڪتاسين ته موضوع اهو ئي هو ته گهر کان وٺي اسڪول ۽ اسڪول کان وٺي يونيورسٽي تائين تعليم جي تاريخ تي نظر وجهي ڪجهه پنهنجن عيبن ثوابن کي ڏسجي. پوءِ جي ڪجهه عمل ٿئي ته واهه واهه نه ته ڪوڙي کي ئي گهمرو آهي. فڪرمند ته سڀ هئا جو پير سائين جن سڀني کي هڪ فڪر ڏيئي روانا ٿيا هئا.

مان گهر پهتس ته گهڻي ڳالهه سمجهه ۾ آئي. ٽڪندي وارو تسلسل

واضح هيو. پير سائين پاڳاري لطيف سرڪار جي انهي فڪر جي حوالي سان به چڻ ڳالهه ڪئي ته لطيف سرڪار جو سچو ڪلام ساڄهه وارن لاءِ پيغام ۽ سندن ڀلائي ۽ بهتري لاءِ فڪرمندي جو وڏي ۾ وڏو اهڃاڻ آهي. قرباني ۽ بهادري سان حالتن ڪي منهن ڏيڻ جو سبق ۽ هدايت، حسين عليه السلام کان وڏيڪ ڪير ڏئي سگهي ٿو؛ پير سائين انهي تسلسل جي تڪندڙي جو حصو بڻجي ويو هو. محبوب شاهه کهڙي به مسلڪ جو ماڻهو هو پر هڪ عقيدي جوماڻهو هو ۽ سندس عقيدو ايڏو ته اثرائتو ثابت ٿيندو جو هڪ مفڪر جي حيثيت رکندڙ شخصيت سندس فڪر کي هن ريت بيان ڪيو. پير سائين جي فڪرمندي جو پتو اجا تڏهن پيو ۽ سچي ڳالهه مڪمل ٿي جڏهن شام جو سندن حڪم موجب مان ساڻن، سائين ذوالفقار شاهه جاموٽ جي بنگلي تي ملاقات لاءِ پهتس. جاموٽ صاحب هڪ پراڻو ڏاهو ۽ سنڌ جي هر اداري لاءِ فڪرمند ماڻهو آهي. مان قبله پير سائين جي سڪ ۾، قرب واري ڪچهري لاءِ ايڏو آتو هئس جو وقت کان اڳ وڃي پهتس. بنگلي تي مريدن فقيرن ۽ عقيدتمندن جا ميڙ هئا. فقير منار مگريو، وساڻ پائر هڪيا تڪيا وينا هئا. سچي ڏينهن جي قبله سائين جي سفري پروگرام ۾ مصروف هجڻ جي باوجود سندن چهري تي ٿڪ جو نشان به نه هو. وٺي اچي سائين ذوالفقار شاهه جاموٽ وٽ پيڙو ڪيائون. سائين جاموٽ صاحب جو مون کي ڏنو ته تڙي پيو.

”وقت کان اڳ اچي ويا“

”قربَ وارن جو سڪ سندو سڏ هجي ته رفتار ضرور تيز هوندي پوءِ وقت جي ڪنهن کي کهڙي خبر هوندي، منهنجا سائين“

مون وراڻيو ۽ ڏٺم ته سندس منهن تي سدا مرڪندڙ مرڪ ڦهلجي وئي. اڃان وينس مس ته قبله پير سائين وٽان سڏ ٿيو، سائين کي ڪا خبر پئجي وئي هئي. مون جاموٽ سائين ڏي ڏٺو. هن کلي ڏٺو، چڻ چوندو هجي تو جنين جي تات....

جاموٽ صاحب مون کي ساڻ ڪري اندر وٺي هليو. هت به اهائي ميز ۽ ڪرسي ڪمري ۾، ڪچهري جو اهو ئي نمونو جيڪو ڪراچي واري ڪنگري هائوس جو هجي يا خيرپور جي سندن لائبريري هال جو هجي. مزاج ۽ محفل جو رنگ به ساڳيو. ڪيئي خلق خدا جا ماڻهو حالي احوالي پي ٿيا. سائين جو اهو ئي انداز پير ۾ ڪري ويهاريائون. ماڻهن هوندي، مصروفيت هوندي، پير سائين جن ڪچهري جي شروعات ڪري ڇڏي. ”ها سنڌي

جاڳايو. اسين انهيءَ سچي ذهين تبديلي واري سڌارڪ پروگرام ۾ اوهان سان گڏ هونداسين. اسان ڪان جيڪي ئي سگهندو سو ڪنداسين. اسان وٽ مايوسي گناهه آهي. همت نه هاربي. قبله پير سائين جن جڻ سچي محفل سان مخاطب هئا. هاڻ سندن منهن تي فڪرمندي جا اهڃاڻ گهٽ هئا. مانيءَ تي ويناسين ته ڏنم ته هن ويلي سڀني گڏجي چڱي طرح ماني کاڌي. جو منجهند کان ڪنهن کي به ماني نه پي وڻي. سو هاڻ سائين چاموٽ صاحب هٿن سان طعام ڪٽي پي ماني کارائي. تازو قبله پير سائين پاڳارا جي فون آئي. "سنڌي صاحب پروگرام نه پهتو" مون جڏهن ڪين ٻڌايو ته ڪيئن نه مان ميڊيا ٽرائيل ۽ دوست نما دشمن جي گهيري ۾ آهيان ۽ اڻ ڪيل گناهن جي الزامن هيٺ آهيان. روز اهڙا ڪوڙ هنيا پيا وڃن ۽ ورجايا پيا وڃن جو چڱا ڀلا ماڻهو سڀ ڪجهه سچ پيا سمجهن. دعا ڪيو ته ذهني پيڙا کان جان ڇڏايان ته اطمينان سان انسان ذات جي ڀلائي لاءِ رهبرن ۽ مفڪرن جي فڪر جي روشني ۾ تيار ٿيندڙ پروگرام توهان تائين جلد مڪمل ڪري پهچائي سگهان؛ سائين فون تي ئي ڪلي پيو "سنڌي صاحب توهان جهڙن سڻن ماڻهن تي شيطاني ۽ باطل قوتن جا حملا اجايا ثابت ٿيندا. سچ سچ ٿيندو. يقين رکو اسان هميشه اوهان لاءِ دعاگو آهيون. توهان علم جي روشني، ساجهه ۽ سچائي وارو پروگرام ۽ پلان ضرور ڏيو." قبله سائين مون سان فون تي ڳالهائي رهيا هئا ۽ مون ڪين تصور ۾ ڏٺو ۽ منهنجي روح جيڪي دانهون ۽ پڪارون پي ڪيون، سي درياهه جي ٿوري ۽ هلڪي وهڪري جيان وهڻ لڳيون. ۽ منهنجي دل مان به سندن لاءِ عمر درازي جون دعائون نڪرڻ لڳيون. شال رهبر اڳواڻ سدائين جيئندا رهن ۽ اسان کي پنهنجي فڪر کان آگاهه ڪندا رهن ۽ ور.ور ڪري سڄاڳ پڻ ڪندا رهن●



## پيغام

پاڳارا خاندان جي بزرگن ۽ حُر شهيدن ۽ غازين، تحريڪ آزادي ۾ پنهنجي جان جا نذرانا ڏئي ملڪ آزاد ڪرايو. جن جي قربانين تي جيترو فخر ڪجي سو گهٽ آهي.

**رانا عبدالستار**

ناظم تعلقه سنجهورو ضلع سانگهڙ

# حر تحريڪ ۾ لکندڙن جو ڪردار

محمد عمر چنڊ

نيشنل ڊاڪيومينٽيشن سينٽر (ڪيبينيٽ ڊويزن) اسلام آباد ۾ پير صاحب پاڳاري شهيد ۽ حرن بابت موجود تحقيقي مواد

انگريز ۽ انهن جي ساٿياري عملدارن ۽ ڪٿيو ڪائيندڙ عوامي ماڻهن سان پير صاحب پاڳارن ۽ حرن هڪ سؤ سالن تائين مقابلو ڪيو. انهيءَ عرصي ۾ انگريزن ۽ سندن مقامي مددگارن، پير صاحب ۽ سندس حرن خلاف اهڙي پروپيگنڊا ڪئي جنهن سان حرن کي هڪ خراب، جهيڙاڪ ۽ ڌهڪاري قوم ڪري پيش ڪيو ويو. جيڪي خيرخواهه لکندڙ هئا يا جن ڳالهه جي تهه کي سمجهيو ٿي انهن کي اهڙي خوف ۽ هراس ۾ رکيو ويو جو گهڻي وقت تائين انهن کي ڪجهه لکڻ يا چوڻ جي همت ڪانه ٿي. ايتري قدر جو پير پاڳارن يا سندن مريدن جو نالو سُٺن لفظن ۾ وٺڻ جڻ ته وڏي ڏوهه جو ڪم هو. اول جن ماڻهن دٻجي دٻجي آواز اپاريو تن حرن جي فائدي ۾ لکڻ جي بدران حرن تي ٿيندڙ ظلمن جي خلاف ڳالهايو يا لکيو. جي ايم سيد جڏهن به حرن تي ٿيندڙ ظلمن جي ڳالهه ٿي ڪئي ته علي محمد راشديءَ ڪيس ياد ٿي ڏياريو ته مارشل لاءِ وارن وٽ سندس نالو حرن سان همدردي ڪرڻ وارن جي لسٽ ۾ لکيو پيو آهي. عبدالمجيد سنڌي سنڌ اسيمبلي ۾ ڳالهائيندي چيو ته پلا سنڌ جا سيئي ماڻهو حر ٿي ويا آهن جو مٿن اهڙيون سختيون رکڻ لاءِ حرن کي دٻائڻ وارو ايڪٽ (حُر سپريشن ايڪٽ) ڪندو رهجي. 1946 تائين حرن تي ٿيندڙ ظلمن خلاف لکڻ يا ڳالهائڻ جڻ ته پاڻ کي سرڪاري عملدارن جي طرفان ٻاريل باهه ۾ اڇلڻ جي برابر هو. انهيءَ زماني ۾ روز نامو آزاد ڪراچيءَ مان، قرباني؛ باب الاسلام، الوحيد، هفت روزه پيغام صلح، روزنامه زميندار لاهور، روزنامه هندوستان (سنڌي)، جهڙا جريدا حرن خلاف ٿيندڙ سرڪاري ظلمن جي خلاف لکندا رهندا هئا، پر اهو

آواز ايڏو تہ جھيٽو ھو جو سرڪاري ايوانن تائين پڌڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو. انھن اخبارن ۾ چيپل ايڊيٽوريل گڏ ڪري حڪيم حافظ محمد يعقوب قادري صاحب 1947ع ڌاري اردو ۾ ھڪڙو ڪتابڙو ڇپايو جنھن جو نالو رکيائين "حُر مظلومون ڪي فرياد". انھن ننڍڙن مضمونن ۾ حرن تي ٿيندڙ ظلمن ڏانھن سنڌ حڪومت ۽ پين ماڻھن جو توجھہ ڇڪايو ويو. پر چئجي تہ ان وقت اھڙو ڪم ڪرڻ وڏي ھمت ۽ دل گردي جو ڪم ھو جو ظالم حاڪم جي انتقامي ڏاڍ جي ڊپ ھوندي بہ مرد خدا، سر ترئ تي رکي حق جي ڳالھہ چوي. ملڪ جي بظاھر آزاد ٿيڻ کان پوءِ ۽ پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ بہ اھو آواز ڊبيل رھيو ۽ حر مردن، عورتن ۽ ٻارن تي ظلم برقرار رھيو. جن ماڻھن علمي سطح تي ان موضوع تي لکيو انھن مان سر فھرست ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ، محمد عثمان ڏيپلائي، ملھار فقير خاصخيلي ۽ وليداد ولي جا نالا وٺي سگھجن ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ، پير پاڳارن حزب الله شاھہ، شاھہ مردان شاھہ ۽ سورھيہ بادشاھہ تي نيم سرڪاري اداري سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجندڙ رسالي سماھي مھراڻ ۽ پين تصنيفن جي مقدمن ۾ گھٽو ذڪر ڪيو. سماھي مھراڻ جي ان وقت جي مدير ڪيرون لھٽيون جو سرڪاري ذمر جي پؤ کان ھيسجڻ بدران 1958 ۾ وليداد ولي جو مضمون ڇاپيو. وليداد ولي ھڪ بروھي ھو جيڪو سنڌ پوليس رينجرز جي بلوچ ڪمپني ۾ ڪوارٽر ماسٽر جي حيثيت سان 21 مئي 1942 تي شامل ٿيو ۽ جنھن 1942 ۽ 1943ع وارن ملٽري آپريشنز بابت ھڪ تمام ڪارائتو تفصيلي مضمون لکيو. ھن مضمون جي خاص خصوصيت اھا ھئي جو چئجي تہ فرعون جي گھر جو پيدي ھئڻ جي حيثيت سان فرعون جي لشڪر ۾ رھي، ان سان گڏ ڪم ڪرڻ کان پوءِ فرعون جي ڏاڍ ۽ ظلم جو ويھي داستان لکي. ان وقت ماڻھن ۾ ڪورٽ مارشل ٿيڻ جو گھٽو ڊپ ھو ۽ اھا ھڪ وڏي جرئت ۽ چريائپ جي ڳالھہ ھئي جنھن جا مثال ھاڻوڪي زماني ۾ انھن فوجين جي واتان پڌڻ ۾ اچن ٿا جيڪي ويٽنام، عراق ۽ افغانستان ۾ وڙھي واپس اچڻ کان پوءِ پنھنجي ديس واسين کي اھو پڌائين ٿا تہ سندس حاڪم ڪيڏي وڏي انسانيت سوز ڪم ۾ مشغول آھن. وليداد ولي جو اھو مضمون اھڙو ھو جيڪو ان زماني ۾ گھڻن ماڻھن جي اکين تي چڙھيل پردن کي لاھڻ ۾ ڪارگر ثابت ٿيو ھوندو. پر جيڪو پردو تعصب ۽ پروپيگنڊا جي ڪوپن جو اکين تي چڙھيل ھو سو تنھن

ڪوٽڪي جي بار هيٺ سند جي بيگار جو ڏڪو ائين ئي پيو پيران وهندو رهيو. گهڻا سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارا نڪي ان زماني ۾ نڪي هن زماني ۾ اهڙا مضمون ڇاپيندا. ان ڪري ملهار فقير خاصخيلي، هڪ غريب حر فقير هوندي به ڪي ننڍڙا ڪتابڙا لکيا ۽ پنهنجي خرچ تي ڇاپائي پڌرا ڪيا، ۽ نه رڳو حرن تي ظلمن جون ڳالهيون ماڻهن کي ٻڌايائين پر حرن کي مثبت انداز ۾ پيش ڪري، هنن جي حريت جو داستان ان لاءِ ٻڌايائين ته ايندڙ نسل پنهنجي وڏن جي قربانين جي ڪمن تي فخر ڪري سگهن. ملهار فقير جنهن حرن بابت ڪيترا ئي ننڍا وڏا ڪتاب لکيا، ملهار فقير جي ڪمن کي ائين ڏسڻ گهرجي ته ڄڻ ڪو هيٺو ڏڪو ظالم مالڪ جي پاڇاري ۽ ڳٽ مان مٿو ڪڍي، درهڙي پري، ٻت ڇنڊي، پاڻ سڻئون ٿي ظالم مالڪ جي اکين ۾ اک وجهي چوندو هجي ته "اي ظالم انسان مون تنهنجي غلاميءَ جو ڳٽ لاهي ڦٽو ڪيو آهي، هاڻي اچ ته ڏسان ته تون ڪيئن ٿو منهنجي آزاديءَ جي اڳيان اچين."

اهو ساڳيو نقطو نظر ذهن ۾ رکي محمد عثمان ڏيپلائي حرن جي ڪهاڻي "سانگهڙ" نالي ناول تاريخي انداز ۾ لکيو. اهو محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو سنڌ ۽ سنڌ واسين تي وڏو ٿورو آهي جنهن کي جيترو ساراهجي اوترو گهٽ آهي. ڏيپلائي صاحب جڏهن ڏٺو ته سندس ناول کي ڪو سرڪاري يا نيم سرڪاري ادارو ڪونه ڇاپيندو، نڪي وري پاڻ ۾ ان وقت اهڙي سگهه ٿي ساريائين، ان ڪري فيروز سنز وارن کان اهو ڪتاب ڇپرايائين.

ٻئي دؤر ۾ (1980 واري ڏهاڪي ۾ ۽ ان کان پوءِ) جن ماڻهن پير صاحب ۽ حرن بابت مثبت انداز ۾ لکيو تن ۾ ان وقت ڪرنل ۽ پوءِ ميجر جنرل جي حيثيت سان رٽائر ٿيل وصال محمد خان جو نالو وٺي سگهبو، جنهن جا مضمون مرحوم سائين غلام مصطفيٰ شاهه صاحب پنهنجي انگريزي رسالي "سنڌ ڪوارٽرلي" ۾ 1980ع ۾ ڇپايا. ڪيس هلڻ وقت جيڪي ڊانڊليون پي ٿيون سي هن پنهنجي اکين سان ڏٺيون، ۽ ويڙهه ۾ حرن جي بهادري، جرئت ۽ ايمان جي قوت سان انگريز جي هيڏي قوت سان سندن مقابلو ڪرڻ، اهو سچو داستان وليداد ولي وانگي فرعون جي لشڪر مان آيل ٻئي سپه سالار جو تصديقي بيان آهي.

انهيءَ اسي نوي واري ڏهاڪي ۾ انگلينڊ مان ڊاڪٽر ساره انصاري

سنڌ ۾ آئي جنهن انگريز جي زماني ۾ سنڌ جي مڙنئي ولين پيرن ۽ صوفين جي ڳالهہ لکي تہ ڪيئن اهي سيئي حڪومت طرفان عطا ٿيل نعمتن جي عيوض حڪومت جا چاڙتا ٿي رهيا ۽ حڪومت جي ڪم کي نباهڻ لاءِ حڪومت جا ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا. ۽ ڪيئن حڪومت جنهن وقت ڏنو ته هي حڪومت سان غداري جا مرتڪب ٿي غلاميءَ جي ڳٽ کي لاهي ڦٽي ڪرڻ جي خيال ۾ آيا ٿي تہ ڪيئن "ويچاري" حڪومت پنهنجي انتظام کي برقرار رکڻ لاءِ طاقت جي استعمال کان ڪم ٿي ورتو. اهڙي عجب جهڙي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر ساره انصاري حرن بابت ٻہ باب ڏنا آهن، جن ۾ ڊاڪٽر صاحبہ پنهنجي انگريز وڏڙن جي طاقت جي استعمال کي مجبوريءَ جو قدم چيو آهي. طاقت جي اهڙيءَ استعمال کي حق بجانب ثابت ڪيو ويو آهي. انگريزن جي اهڙي طريقي ڪار کي برحق۽ سچ ڪري پيش ڪيو ويو آهي. سنڌ جي صوفي سياستدانن تي لکيل هن ڪتاب ۾، جيڪو 1992ع ۾ ڇپيو، سنڌ جي سيني اڳين پوين صوفي سڳورن ۽ سياستدانن کي انهيءَ نقطہءِ نظر سان ڏنو ويو آهي تہ هو ڪيتري قدر حڪومت سان ڪوليبوريٽر (collaborators) هئا. يعني ٻينڪي سرڪار طرفان عطا ٿيل يا مليل پيسي ڏوڪڙ، زمين ۽ اختيار جي لالچ جي حق نباهڻ لاءِ مٿن اهو لازم هو تہ هو غاصب حاڪمن سان شامل ٿي پنهنجي وطن خلاف، انگريزن سان غداريءَ ۾ ساٿياري ڏوڙي ٻنجي ٻيهن ۽ ڊاڪٽر صاحبہ پاڻ فرمائي ٿي تہ ائين ئي ڪيائون. ڊاڪٽر ساره جي نظر ۾ ڪو هڪڙو سياستدان بہ اهڙو ڪونہ هو جنهن لاءِ چئي سگهجي تہ هن حب الوطنيءَ جي جذبي سان سر شار هئڻ ڪري ٻاهرين سان سازشن ۾ ساٿ نہ ڏنو.

ان کان پوءِ تازو هاڻوڪي زماني ۾ آفتاب نبي جي مضمون جون ڏهہ قسطون ڊان اخبار ۾ ڇپيون، جنهن کي ماڻهن اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڪتابي صورت ۾ آندو آهي. انگريزيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو ڪتابڙو ڪتابي صورت ۾ ڇپجي چڪو آهي تہ اهو اڃا منهنجي نظر مان ڪونهي گذريو. پر ڊان وارا مضمون مون وٽ آهن. مضمونن جي انهيءَ سلسلي ۾ پير صاحب پاڳاري تي ٿيل 1943ع واري ڪيس جي مختلف پهلوئن کي سرڪاري دستاويزن جي شاهدين جي آڌار تي پيش ڪري اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ ڪيئن انگريز جي اها سچي ڳالهہ سراسر ڪوڙ تي ٻڌل هئي. پنهنجي ديسي ماڻهوءَ طرفان، پنهنجي ڪنهن بہ تعصب يا اڳ خيالي کان بلند ۽ بالا

رهي آفتاب نبي سچي تحقيق جو حق ادا ڪيو آهي.

ڊاڪٽر حميده کهڙو صاحب به پنهنجي والد صاحب محمد ايوب کهڙي صاحب بابت پنهنجي لکيل ڪتاب ۾ جيڪو 1998ع ۾ ڇپيو تيرهون باب حرن ۽ پير صاحب پاڳاري سان انگريز جي هلت بابت لکيو آهي ۽ ان جو ساٺياري باب چوڏهون محمد ايوب کهڙي صاحب ۽ انگريز حڪومت جي اهڙيئي تصادم بابت آهي. هن ڪتاب ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن 1930ع واري ڪيس ۾ کهڙي صاحب پير صاحب لاءِ هٿ پير هنيو. پر جي اي ٿامس جي هنيلي انداز حڪومت جي ڪري ڪوشش مان ڪو ڪڙ تيل ڪونه نڪتو. جيلن مان واپس اچڻ کان پوءِ پير صاحب سياست ۽ اليڪشن جي ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ بدران حج تي هليو ويو. پير صاحب جي مسلم ليگ ۾ شامل نه ٿيڻ مان اهو مطلب ڪڍيو ويو ته هن لازمي طور ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻ تي چاهيو ۽ ڏانهنس مسلم ليگ جو جيڪو رويو رهيو ان کي ڊاڪٽر حميده واضح ڪري لکيو آهي. 1943ع واري ڪيس ۾ حڪومت جو نقطي نظر ۽ ان ڏس ۾ علي محمد راشديءَ جي ڪردار.کي پهريون دفعو سرڪاري دستاويزن جي آڌار تي پڌرو ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب ڏيکاريو آهي ته ڪيئن ڏيئل مل جي ڪاريگري ۽ هوشياري يا پير صاحب جي معصوميت يا غير معصوميت هن ڪيس ۾ ڪم نٿي اچي سگهيا جو حڪومت اڳيئي فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته پير صاحب کي ڦاسي ڏيڻي هئي. ڊاڪٽر صاحبه اهو به ڏيکاريو آهي ته ڪيئن کهڙي صاحب پير صاحب جي موافقت ۾ اُن وقت شاهدي ڏني. ڊاڪٽر صاحبه هن ڪتاب جي آخري باب ۾ آخري صفحي تي بلاواسطه طور هڪڙي تمام نازڪ، دلچسپ ۽ اهم معاملي ڏانهن توجهه ڇڪايو آهي،جنهن تي گهڻن پڙهندڙن شايد غور نه ڪيو هجي. انگريز حڪومت کي پير صاحب جي نعش مبارڪ غائب ڪرڻ مان ڪو فائدو ٿيو يا نقصان، ان تي ظاهر آهي ته وقت جا حاڪم غور ڪندا رهندا هوندا. جڏهن پيٽي صاحب تي ضياءَ الحق طرفان مڙهيل ڪيس پڄي هليو ۽ خدشو هو ته پيٽي صاحب کي ڦاسي ڏيندا ته کهڙي صاحب، ضياءَ الحق کي تمام زوردار لفظن ۾ هڪڙو ذاتي خط لکيو ته ڪنهن به صورت ۾ پيٽي صاحب کي اها ڦاسي هرگز نه ڏجو جو ان مان ملڪ جي بدنامي ٿيندي ۽ پاڪستان جي بين الاقوامي ساک کي نقصان پهچندو، ۽ حڪومت کي ڪو فائدو ڪونه ٿيندو. ڊاڪٽر حميده لکيو آهي ته حڪومت جي طرفان ان خط

جو ڪو جواب ڪونه آيو. پر پوءِ جڏهن وقت ويجهو آيو ته کهڙي صاحب کان پڇيو ويو ته اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن پيٽي صاحب کي ڦاسي ڏجي ته پيٽي صاحب جو لاش مائٽن کي واپس ڪجي يا گم ڪري ڇڏجي (يعني گذريل تجربي مان ڪهڙو سبق سکيو؟) تنهن تي وري به کهڙي صاحب لکيو ته ڪوشش ڪيو ته ڦاسي جي انتهائي قدم ڪڻڻ تائين نه رسو. پر جيڪڏهن اوهان کي جيڪي ڪرڻو آهي تنهن کان ننا مڙو ته لاش ڏيڻ کي واپس ڪيو. ان ڪري جو پير صاحب جو لاش گم ڪرڻ مان حڪومت کي وڏيڪ مسئلا ٿيا، ڪو اهڙو فائدو ڪونه ٿيو. جنهن جو حڪومت وارن کي آسرو هو ته ٿيندو. هن ڳالهه جو تت مون پنهنجي لفظن ۾ پيش ڪيو آهي، پر اها ڳالهه تمام واضح لفظن ۾ ڪتاب جي آخري صفحي تي آيل آهي.

حر تحريڪ بابت ٻي سطح تي هن وقت مير محمد نظاماڻي، الهورايو ڀهڻ، ولي محمد خاصخيلي، محمد اسحاق مگريو، استاد نظاماڻي، سردار پيو ۽ ٻيا ڪيترا نوجوان ڪم ڪري رهيا آهن. انهن مان ڪي جهونن حر مردن ۽ حر عورتن کان انٽرويو وٺي جهونگار ۽ منصور رسالن، روزانه مهراڻ ۽ ڪاوش اخبار ۾ ڇپائي رهيا آهن. گذريل سال 2003ع ۾ مارچ جي آخر ۾ سورهيه بادشاهه جي ياد ۾ ٿيل تقريبات مان ۽ سال ڏيڍ ۾ (2002-3) ۾ حر تحريڪ تي ڇپيل انيڪ ڪتابن مان اظهار ٿي رهيو آهي ته سنڌ ۽ پاڪستان جي لکيل پڙهيل ماڻهن ۽ دانشورن ۾ هڪڙي ساڃهه پيدا ٿي رهي آهي ته انگريز ۽ سندس مقامي عملدارن تقريبا هڪ سئو سالن تائين جيڪو حر قوم تي "ڪرمنل ٽرائبز" جي نالي تي ظلم ڪيو سو ناقابل قبول ڏاڍ هو ۽ ايڏو وڏو ڏاڍ سهي، ۽ ان جو مقابلو ڪري، پير صاحب سورهيه بادشاهه ۽ سندس سرويچ مريدن پنهنجي جان جي قرباني ڏئي نه رڳو ملڪ جي آزاديءَ لاءِ رستو هموار ڪيو، پر سنڌ جي سورهيائيءَ جو ڀرم رکيو. انهيءَ سچي ڪهاڻيءَ کي وري ورجائڻ ۽ ياد ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن سڌ وارن توڙي بي خبرن. پنهنجن توڙي پراون کي صحيح تاريخ جي ڄاڻ حاصل ٿئي ۽ پنهنجي تابناڪ ماضيءَ تي فخر سان ڳاٽ اوچي ڪرڻ جي ترغيب ملي.

پير صاحب شهيد جا مريد هوندا ته سنڌ، بلوچستان، بهاولپور، راجستان، جوڌپور، جيسلمير ۽ ٻين گهڻن علائقن ۾ هئا، پر جن ضلعن ۾ سرڪاري عملدارن حرن خلاف هٿيارن توڙي قلم جا خاص محاذ ۽ دفتر کوليا تن ۾ سانگهڙ، نوابشاهه، ٿرپارڪر، سکر ۽ خيرپور هئا. جتان جي

عملدارن پير صاحب ۽ حرن خلاف ڪارروايون ڪيون. انهن ۾ ضلعن جا ڪليڪٽر، ڊسٽرڪٽ ميجسٽريٽ ۽ ڊسٽرڪٽ سپرنٽنڊنٽ پوليس ۽ سندن هيٺيون عملو شامل هئا. آخري معرڪي ۾ اپريل 1941ع کان وٺي انهن چئن ضلعن جا عملدار پير صاحب ۽ مريدن خلاف هڪ ٽي بيٺا. پير صاحب جي ڪيٽيءَ جي خيرپور رياست ۾ هئڻ ڪري رياست جي وزير اعجاز علي، ناظم پوليس جون لاهور ۾ رهيل ريزيڊنٽ سان ۽ ان جون حڪومت سنڌ ۽ دهليءَ جي مرڪزي حڪومت سان لکپڙهون ٿينديون رهيون. انهن چئن ئي ضلعن جي ڪامورن جون اهڙيون لکپڙهون وري پنجين آسمان تي پوليس جي جاسوسي ڪاتي اسپيشل برانچ حيدرآباد ۾ وينديون هيون. انهن لکپڙهن جو تت يا نچوڙ انهن پنجن ئي هنڌن کان ويندو هو ڇهين عرش تي ڪراچيءَ ۾ موجود، سازشين جي سردار، گورنر هيو ڊو (Hugh Dow) ۽ سندس سيڪريٽرين وٽ، جتان اهڙيون لکپڙهون وري موڪليندا هئاستين آسمان تي گورنر جنرل يا وائسراءِ ڪي دهليءَ ۾، جيڪو وري انهن جو تت يا نچوڙ موڪليندو هو، ست منڊ پار سدرة المنتهي کان پريان اٺين آسمان تي لنڊن ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ کي. اهڙين لکپڙهن جا ڪافي فائل پوئتي سکر، خيرپور، ميرپورخاص، نوابشاهه، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ رهيا ۽ 1946ع ۾ جڏهن ليمبرڪ سنڌ ڇڏي پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽيو ته جيڪي فائل وٽس پيل هئا يا جيڪي ڪيس هٿ آيا سي ليمبرڪ پاڻ سان لنڊن کڻي هليو ويو. جيڪي ڪجهه وقت کان پوءِ لنڊن جي ”انڊيا آفيس لائبرري“ کي ڏنائين جتي اجان محفوظ آهن.

اوڻيهه سئو ستر واري ڏهاڪي ۾ (جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن اسلام آباد ۾ ڪلچر (ثقافت) جا سيڪريٽري هئا) ٻين ثقافتي تجويزن سان گڏ هڪڙي تجويز اها به هئي ته ڪيبينيٽ ڊويزن ۾ هڪ نيشنل ڊاڪيومينٽيشن سينٽر کوليو وڃي جتي انڊيا آفيس لائبرري لنڊن مان توڙي پاڪستان جي صوبن جي سرڪاري ڪاتن مان تاريخي رڪارڊ تحقيقي مواد گهرائي تحقيق لاءِ محفوظ ڪيو وڃي. انڊيا آفيس لائبرري ۾ موجود حرن بابت مواد به انهي مواد ۾ شامل هو. اهو رڪارڊ پوءِ ڪيبينيٽ ڊويزن ۾ محفوظ ڪيو ويو. حرن ۽ پير صاحب پاڳارن متعلق جيڪو مواد مختلف مقامن تي هو تنهن مان گهڻو فوٽو ڪاپي يا مائڪرو فلم ڪرائي ڊاڪيومينٽيشن سينٽر ۾ رکيوويو. حيدرآباد، خيرپور، سکر، نوابشاهه ۽

ڪراچيءَ جي اسپيشل برانچن جي آفيسن وارو مواد فوٽو ڪاپيءَ جي صورت ۾ فوٽو ڪاپي هولڊنگز (Photocopy Holdings) ۾ رکيل آهن جن ۾ چوراسي (84) فائل حرن بابت آهن. انڊيا آفيس لائبرري مان آندل (ليمبرڪ پيپرز ۽ ٻيا ڪاغذات) مان ستر اسي فائل مائڪرو فلم هولڊنگز (microfilm holdings) ۾ موجود آهن. فوٽوڪاپي هولڊنگز وارو حر تحريڪ بابت مواد تقريبا ساڍن ٻارهن هزارن کان ٻارهن هزار صفحن تي مشتمل آهي. ايترو ئي يا ان کان به وڌيڪ مواد مائڪرو فلم هولڊنگز جي صورت ۾ موجود آهي.

هن کان اڳي اسان کي هن خزاني جي اسلام آباد جي نيشنل ڊاڪيومنٽيشن سينٽر ۾ هئڻ جي خبر ڪانه هئي. هن کان اڳ اهو مواد رڳو لنڊن جي انڊيا آفيس ۾ سُجهيو ٿي، جتي عام محقق جو پهچڻ اهڪو ڪم هو. ان ڪري تمام ٿورا ماڻهو هئا جيڪي هن کان اڳ ان مواد مان ڪا ورچ حاصل ڪري سگهيا يا ان تي تحقيقي ڪم ڪري سگهيا. انهن خوش نصيبن مان اول ڊاڪٽر ساره انصاري صاحبه ۽ ڊاڪٽر حميده کهڙو صاحبه جن هيون. پوءِ سگهوئي آفتاب نبي صاحب ۽ ڊاڪٽر لائق زرداري صاحب به اهڙي مواد مان مستفيض ٿيا. آفتاب نبي صاحب اسلام آباد ۾ حاضري ڀري هئي ۽ معلوم ٿئي ٿو ته اتي موجود مواد به نظر مان ڪڍيو اٿس. پر لنڊن ۾ موجود اهو خزانو عام ماڻهوءَ جي پهچ کان پراهون هو. اسان پڻ ڪافي درن تي پٽڪڻ کان پوءِ اتفاق سان ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي ڏنل پار پتن تي اپريل 2004 جي آخر ۾ وڃي نيشنل ڊاڪيومنٽيشن سينٽر پهتاسون جتي هيڏو سارو خزانو ڏسي حيرت ۾ پئجي وياسون. جيئن ماڪوڙيءَ کي مَڻ ملي وڃي.

## نيشنل ڊاڪيومنٽيشن سينٽر ۾ فوٽو ڪاپي هولڊنگز ۾ پاڳارن ۽ حرن بابت مواد

نيشنل ڊاڪيومنٽيشن سينٽر جي فوٽو ڪاپي هولڊنگز ۾ پير صاحب پاڳارن ۽ حرن بابت 84 فائل آهن. فوٽو ڪاپي واري ان مواد جو مختصر تفصيل هيئن آهي.

- ڀهريان چوڏهن فائل (فائل نمبر ايس-162 کان وٺي ايس-175 تائين) حيدرآباد جي اسپيشل برانچ وٽان آيل آهن پر انهن جو تعلق خيرپور ۽ ٻين ضلعن سان به آهي ۽ ان ۾ 1914 کان 1970 جي سالن تائين جون ڳالهيون

اچي وڃن ٿيون.

- ان کان پوءِ فائل نمبر ايس 176 ۽ 177 سنڌ رڪارڊز ڪراچيءَ مان چونڊيل فائلن مان ورتل آهن، جن ۾ 1929 کان 1932 وارن سالن جي لکپڙهه آهي.
- فائل نمبر ايس 178 کان ايس 180 تائين ڊپٽي ڪمشنر خيرپور مان چونڊ لکپڙهه تي مشتمل آهن جن ۾ 1938 کان وٺي 1973 وارن سالن جون لکپڙهون آهن.
- فائل نمبر ايس 181 کان وٺي ايس 190 تائين ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ميرپورخاص وٽان آيل رڪارڊز تان ورتل آهن جن ۾ 1904 کان وٺي 1968 تائين جون ڳالهيون آهن.
- اهڙيءَ طرح ايس 191 کان ايس 199 تائين سکر رڪارڊز مان چونڊيل فائل آهن جن ۾ 1930 کان 1941 وارن سالن جو مواد آهي.
- وري فائل نمبر ايس 200 کان وٺي ايس 246 تائين فائل آهن جن ۾ ڪراچي، حيدرآباد، ٿرپارڪر ۽ نوابشاهه جي عملدارن، سنڌ جي گورنر ۽ انڊيا جي گورنر جنرل يا وايسراءِ جون لکپڙهون ڏنل آهن. ايس 245 اپر سنڌ آپريشنز جي رپورٽ آهي، ۽ اخري فائل ايس 246 سنڌ جي سياسي دنيا ۾ ڪير ماڻهو ڪير آهي (Who is who in Sind) هن فائل۾ سنڌ جي سياستدانن تي سي آءِ ڊي وارن جون جوڙيل هسٽري شيٽون شامل آهن.

انهن فائلن جو وڌيڪ تفصيل هن ريت آهي.

جلد پهريون، فائل نمبر ايس 162 فائل ۾ 122 صفحا آهن ۽ 1914 جي سال وارين حالتن ۽ جناب پير شاهه مردان شاهه جي وڇين زماني کان وٺي 1923 جي حالتن بابت ڪاغذ آهن جو پير سائين سورهيه بادشاهه تخت تي ويهن ٿا. پير سائين شاهه مردان شاهه جي زماني جون خاص ڳالهيون هي آهن: ڪمشنر لوڪاز جو پير صاحب کان ڪنهن ڪاغذ تي زبردستي صحيح وٺڻ وارو واقعو، غلام محمد پرڳڙي صاحب جو پير صاحب وٽ صلاح مشوري لاءِ اچڻ، پير صاحب جي ڳوٺ ۾ چٽي پوليس جو برپاءُ ٿيڻ ۽ اتي حڪومت طرفان چاڙهي واٺي هڪڙي حر دشمن جمعدار شادي خان ڪي ترقي ڏياري سب انسپيڪٽر ڪري رکڻ ته جيئن حرن ۽ مريدن سان مهاڏو اٽڪائي رکي، پير صاحب جو اهڙي ماڻهوءَ جي پير ڳوٺ جي پوليس چوڪيءَ تي رکڻ تي اعتراض ڪرڻ؛ وڏيري ڪريمداد جوڻيجي جو قتل ٿيڻ؛ ڪن

نامور حرن کي ويساپور ۽ ٻين ولايتن ڏي موڪلڻ. ساٿن گڏ ويل پوليس عملدارن جو حر قيدين جا پئسا ۽ زيور کٽي ڀڄڻ. آفيسرن کي پوءِ دير سان معلوم ٿيڻ تہ پرديس ۾ ڏيهہ نيڪالي ڏئي جن حرن کي پرديس ۾ وٺي آيا آهن تن مان کي اسي ورهين جا پوڙها آهن ۽ پاڻ ڪمائي پنهنجي پيٽ پالي سگهڻ جهڙا ناهن. درياءَ خان نظاماڻي ۽ ڪن ٻين حرن جو ويساپور مان ڀڄي نڪرڻ ۽ پير سائين شاهہ مردان شاهہ جو انهن حرن کي موٽائي حڪومت وٽ پيش ڪرڻ. نئين ڪمشنر جو چوڻ تہ ڪنهن پوري قوم کي ڏوهاري قبيلو قرار ڏيڻ غير فطري امر آهي.جرن بابت پاليسيءَ ۾ ڪي نرميون اختيار ڪرڻ. پير صاحب جو اسڪول برپا ڪرڻ. عالمي جنگ ۾ پيسي ۽ ماڻهن جي مدد ڏيڻ جو وعدو ڪرڻ. پير صاحب شاه مردان شاه جي وفات. ميرپورخاص مان نڪرندڙ اخبار ”ميرپورخاص گزيٽ“ جو حرن کي مشورا ڏيڻ تہ حڪومت سان ٺهي هلجي. اخبار جو هڪ خط بعنوان ”هڪ حر جي پڪار“ شايع ڪرڻ. جنهن۾ سرڪار کي درخواست ڪرڻ تہ حرن سان ٻينڪن يا ڪنسنٽريشن ڪيمپن ۾ ٿيندڙ ظلمن ۽ زيادتين جي جاچ ڪئي وڃي. سرڪاري عملدارن جي جاسوسي سرگرمين جو تيز ٿيڻ ۽ سرڪاري عملدارن جو اهو چوڻ تہ هي خط ڪنهن حر نہ پر ايڊيٽر پاڻ لکيو آهي.

جلد ٻيو. فائل نمبر ايس-163 ۾ پير صاحب صبغت الله شاهہ جي خلاف شڪايتون ۽ پٽيشنون آهن جيڪي پنهنجن ۽ پراون کان 1928 کان 1930 جي عرصي ۾ ڊسٽرڪٽ ميجسٽريٽ سکر ۽ سپرنٽنڊنٽ پوليس لکرايون آهن. سائين راحم شاهہ. پير صاحب پاڳاري سيد صبغت الله شاهہ جي ننڍي ڀاءُ جي معرفت. ڪليڪٽر ۽ ڊسٽرڪٽ سپرنٽنڊنٽ پوليس جي چرت ۽ هدايتن پٽاندڙ. پير صاحب جي ڳوٺ ۾ مڙهيل چٽي پوليس ۽ ٽاٽي جي ايماءَ تي. پراڻن ۽ نون نوڪرن ۽ نوڪراڻين. ڪامين. مکن ۽ خليفن کان خط لکرايا ويا ۽ پاڪن جي نالن تي خط لکرايا ويا جن ۾ حڪومت کي درخواستون لکيون ويون تہ اسان سان پير صاحب هي يا هي زيادتيون يا ظلم ٿو ڪري ۽ پاجهاري سرڪاري اسان جو تدارڪ ڪري ۽ اسان جي حفاظت ڪري. اهڙيءَ طرح پاڙي وارن کان خط لکرايا ويا آهن تہ اسان جي پرسان پير صاحب جايون وٺي اسان تي سوڙه ڪئي آهي ۽ چون ٿا تہ انهن جاين وٺڻ جي پير صاحب کي ڪا.ضرورت ڪا نہ هئي. وتس هڙا ڪين هڙا ماڻهو اچن ٿا جيڪي اسان کي پسند ناهن ۽ اسان جي گهرن جي اوگهڙ

ٿي ٿئي. يا اسان جي مال تي هي يا هي پابنديون ٿو وجهي. پير جيئل شاهه جا ۾ خاص خط آهن جن مان پنهنجي دوست ڪليڪٽر برنارڊ ڏي لکيل هڪڙي مان ظاهر ٿو ٿئي ته ڪيئن جيئل شاهه سڄو وقت انهن ڪوشش ۾ لڳو پيوآهي ته مختلف اختيار وارا ماڻهو ڪيس لکي ڏين يا ڪنهن عملدار جي اڳيان هلي چون ته پير صاحب فلاڻي هنڌ ڪين چيو ته آئون جيئل شاهه کي مارائيندس. خط ۾ دلچسپ تفصيل آهن: علي محمد شاهه راشدي ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر قادري جي رقابتي معاشقن ۽ انهن جي هڪ ٻئي جي تختن ڪيرائڻ جي سازشن مان جيئل شاهه کي وڏين تڪليفن مان گذرڻو ٿو پوي. پر جيئل شاهه ان وقت پنهنجي ڪليڪٽر دوست برنارڊ صاحب کي اهو ڏهن صفحن جو تفصيلي خط لکڻ تي مجبور ٿو ٿئي جڏهن سندس سازشي يار ڊپٽي ڪليڪٽر قادري ڪيس دڙڪو ٿو ڏئي ته جيڪڏهن سندس ڪم راشديءَ وٽان نه ڪرايو اٿائين ته جيئل شاهه مارجي ويندو پوءِ ماڻهو هون ئي هٽندا پير پاڳاري تي. پير ڪان ڪري پائيندا. قادريءَ ڏانهن ڪنهن جوشڪ به ڪونه ويندو. اهو ساڳيو جيئل شاهه عرف حزب الله شاهه ٻئي خط ۾ ڪليڪٽر صاحب کي لکي ٻڌائي ٿو ته حر جماعت وارا ڇو سندس خلاف آهن ۽ ڪيئن انهن سندس والد صاحب حسين شاهه کي مارايو هو. ڪانڌڙا ٺاٺي جو سب انسپيڪٽر ۽ ٻيا ننڍا وڏا عملدر لکن ٿا ته ڪيئن راحم شاهه سان سازباز ڪرڻ لاءِ پير صاحب جي دروازي تي ويندا آهن ۽ کهڙا نياپا کڻي ويندا آهن ۽ کهڙا نياپا کڻي ايندا آهن. پير صاحب صبغت الله شاهه سورهيه بادشاهه جو ڊسٽرڪٽ سپرنٽنڊنٽ پوليس ڏانهن لکيل خط آهي ته اوهان ۽ ٻين سرڪار عملدارن منهنجي خلاف عملي ڪارروائن جي ۽ پروپيگنڊا جي هڪ مهم شروع ڪئي آهي جيڪا سراسر بي انصافيءَ تي ٻڌل آهي. اوهان ڇٽي پوليس به مون تي مڙهي آهي جنهن جو ڪو جواز ڪونهي پر مون هيستائين اوهان جي هر نامناسب ڳالهه رکي اوهان جي زيادتن تي به اوهان جي خواهش مطابق مثبت رد عمل ڪيو آهي، پر اوهان جي ڪارروائن جو سلسلو انصاف تي ٻڌل ناهي. انهي ڳالهه تي اوهان کي سوچڻ گهرجي ۽ مون کي ڇٽي پوليس جي ناروا آزار کان آجو ڪيووڃي. هن فائل ۾ اهي لکپڙهون به آهن ته نيئن سنئين حرن کي وري پيهر ويساپور موڪلڻ جا سانباها ڪري ماڻهن کي سنڌ کان ٻاهر موڪليو. ڪليڪٽر هوڊ (Hood) لکي ٿو ته انهن حرن کي رجسٽرڊ ڪرڻ يا سرڪاري لکپڙهه جي ٻيءَ ڪنهن

فارميلٽيءَ مان گذرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، انهن کي وٺي پڪڙي ويساپور موڪلي ڇڏيو. حالانڪ انهيءَ ساڳئي فائل ۾ اينڊز صفحن تي وري لکپڙهون به آهن جن ۾ ڪنهن چڱي عملدار انهن بي لغام ڇيڪ ڇڏيل ڪامورن جون وري اهي لکپڙهون نقل ڪري موڪليون ويون آهن. جن ۾ ڇاڻايو ويو آهي ته (ڏوهاري قبيلن جي بينڪن) ڪرمنل ٽرائبز سيٽلمنٽ ۾ ماڻهن (حرن) کي موڪلڻ لاءِ ڪهڙا طور طريقا (procedure) اختيار ڪيا وڃن. سرڪاري سازشن سان ٽپ تار ڪهاڻين سان ڀريل هن فائل جي آخر ۾ حڪومت جي حڪم تي ويهن صفحن جي هڪڙي يادداشت تيار ڪئي وئي آهي جنهن ۾ 1923 کان وٺي 1929 تائين ٽن ربين، ڇئن ربين، ٻارهن ربين جي چورين کان وٺي وڏن ڌاڙن، قتلن ۽ ٻين تقريبا ٻن سون وارداتن جي يادداشت ڏني وئي آهي ۽ دعوي ڪئي وئي آهي ته اهي سڀ چوريون، ڌاڙا ۽ قتل، پير صاحب ڪرايا آهن ۽ سندس حڪم تي يا سندس اشاري تي ٿيا آهن.

جلد ٽيون، فائل نمبر ايس-164، 135 صفحن تي مشمل هن جلد ۾ 1928 کان 1930 واري زماني ۾ خانداني نزاع جون وڏيڪ ڳالهيون آهن ۽ انهن ۾ سرڪاري عملدار ڪهڙي نموني نهن کان چوٽيءَ تائين ملوث هئا، ڪهڙيءَ طرح راحم شاهه کي لالچ ۽ دُلبي ۾ آڻي، ڪوٽ پيجرائي پاڪن کي ڪوٽ مان ٻاهر آڻي جيئل شاهه جي ڪوٽ ۾ آڻي رهايائون. انگريز ڪيڏارين اهڙءَ وڏيءَ ڳالهه کي چرچو يا راند ڪري سمجهيو. سکر جو نئون آيل ڪليڪٽر جي. آر. هوڊ (Hood J..R.) اول ته محتاط آهي، ڊڄي به ٿو ۽ جي. جي. ري (G.G. Ray) جي سازش ۾ لهي ٻهي شامل ٿيڻ کان لهرائي ٿو. جو 14 ڊسمبر 1929 تي ري کي سندس تازي سازش جي سلسلي ۾ لکي ٿو ته " پير صاحب جي والده کي ڪنهن ڊرامائي انداز سان ڪوٽ مان ڪڍڻ جي صلاح آئون اوهان کي ڪونه ڏيندس. جيڪڏهن اسان ائين ڪيو ته اول ته پير صاحب کي جلدئي خبر پئجي ويندي. ٻيو ته ائين ڪرڻ سان اسان پاڻ کي ڪوڙواري پوزيشن ۾ وجهنداسون. البته جيڪڏهن خاتون پاڻ همٿ ڪري ڪوٽ مان نڪري اچي ۽ پوءِ ٻاهر اچي اسان کان پوليس جي حفاظت جي گهر ڪري ته پوءِ ڀلي ائين ڪري." پر سازشي يارن سان صحبتي ٿي هوڊ صاحب بهادر ٿوريئي وقت ۾ شاهاڻين رمزن مان محفوظ ٿيڻ لڳي ٿو ۽ سازش مان حاصل ٿيندڙ فائدن جو پتو پويس ٿو ۽ سگهوئي، نائين تاريخ فيبروري 1930ع تي پنهنجي ماتحت پر سازشي پيالي ڀائي ۽ رهبر جي. جي. ري کي

ميرپورماٿيلي مان ويهي اهو لکي ٿو تہ ”خواتين جي معاملن ۾ هيئن هٿ وجهڻ آهي تہ وڏي بيڄزائيءَ واري ڳالهہ يا آزار جو ڪم (nulsance)، پر انهيءَ سان سدائين اها اميد رهي ٿي تہ (اسان جي انهيءَ طريقي اختيار ڪرڻ سان) مان ڪي هو اهڙي ڪا ڳالهہ ٻڌائين جنهن سان پير صاحب کي ڦاسي ڏياري سگهجي.“ وڌيڪ چوي ٿو تہ ”پير کي پاٺيءَ پتو پوندو تہ هتي پير جي ڳوٺ ۾ اصل حاڪم ڪير آهي.“ ري جي ٻچ تي ۽ هوڏ جي حڪم تي ويچارو سٽي ماجسٽريٽ ماين کان بيان تہ وٺي ٿو پر فيبروري جي ڏهين تاريخ 1930 تي پنهنجي بالا عملدار کي مرندي سجهندي چورايائين تہ ”سائين، ڪنهن ڪيس داخل ڪرائڻ کان سواءِ، ماين کي هٿ ڪري ڪانئن مون وٽ بيان پيا وٺرايو. اهڙن بيانن جي هن حالت ۾ ڪابہ قانوني حيثيت ناهي. اوهان مهرباني ڪري ڪو ڪيس داخل ڪري انهيءَ جي حساب سان اهڙا بيان ڏياريو تہ پوءِ انهن بيانن جي قانوني اهميت ٿيندي.“

جن ماٺهن پانئيو هو تہ پير صاحب جي جيلن ۾ وڃڻ کان پوءِ ڏاڍو کو آرام حاصل ٿيندو. سي، قدرتي قانون مطابق، پنهنجن سان وير وجهڻ ۽ ڏارئين، ڪافر سازشين کي ساٿ ڏيڻ کان پوءِ هڪ ٻئي جي هٿان ويتر وڌيڪ آزار ۾ پئجي ويا. جنهن جيئل شاهہ جي ڳالهين تي لڳي پاڪن سرڪار جو ساٿ ڏنو سو پير صاحب جي ولايت ڏانهن جيلن ۾ وڃڻ کان پوءِ پير صاحب ۽ راحم شاهہ جي والده کان پيسن ڦرڻ جي ڪم ۾ مستعد ٿي پيو جو بقول والده جي ”ڪيس پئسن جي ضرورت رهي ٿي.“ ايترو بيزار ڪيائين جو ڪپتان صاحب بهادر ڏاهن خط لکي والده کي چوٽو پيو تہ ”جيئل شاهہ جو پهريان اسان کان پئسا طلب ڪرڻ ٿيو جنهن کي ڪجهہ رقم اسان ڏني، جڏهن پئسا اسان وٽ نہ ٿيا تڏهن زيور طلب ڪرڻ ٿيو. جنهن تي مان ٽن سون جي سون جي ڪنڍي ۽ هڪ سو جو پيو زيور ڏنم جي اجا بہ وٽس آهن. ۽ هو خيال ڪري ٿو تہ مون کي کان (ڪا) وڏي رقم ڏين مگر مان مسڪين وٽ ڪا دولت ڪانہ هئي... مگر اسان سندس هيءَ روش ڏسي بر ڪنار ٿياسي ۽ هُو انهي کان پوءِ بہ اسان جو پيڇو نٿو ڇڏي ۽ ڪوڙيون شاهديون ٿو ڏئي تہ....“

اهڙيون عبرت واريون ڳالهيون آهن هن فائل ۾، پر هن فائل جي پوري ٿيڻ کان اڳ، جي جي ري جي تفصيلي رپورٽ آهي تہ 1930ع وارو ڪيس هن ڪيئن تيار ڪيو (جنهن جا تفصيل وري فائل نمبر ايس 191 ۾ مائڪرو فلم جي پندرهين فائل ۾ ڏنل آهن. ري پنهنجي هن رپورٽ ۾ لکي ٿو تہ 1930

واري هن ڪيس ۾ ڪهڙن ڪهڙن ماڻهن مدد ڪئي، ڪهڙن کي انعام ملڻ گهرجن، ماڻهن کي 1020 روپين جا انعام ڏنائون. بچاءَ واري ڌر بابت چوي ٿو ته انهن 175000 روپيا بچاءَ جي وڪيلن تي خرچ ڪيا، چئي ٿو ته اهي دراصل ڇهه ڪيس هئا، جن مان پوءِ ٽي ڪيس هليا. قتل جو ڪيس ڪوڙو ٿيو، حبس بيجا واري ڪيس تي ٻه سال سزا ٿي، هٿيارن واري ڪيس تي ڀرپائين اٺ سال سزا ٿي، جيڪا پوءِ اپيل ۾ ڇهن سالن ۾ تبديل ٿي. ٽي ڪيس جيڪي ڪونه هليا تن مان هڪڙو هو ته پير صاحب، راحم شاهه جو سامان چوري ڪيو آهي، باقي ٻه ڪيس پاڻهين تي تشدد بابت هئا، جيڪي اڻندي ئي ڪوڙا ٿيا جو ڪورٽن ۾ نه هليا.

فائل نمبر 165 کان 168 تائين، ۽ 188 ۽ 189 انهن خطن تي مشتمل آهن جيڪي پير صاحب، عملدارن ۽ خانگي ماڻهن کي جيلن مان لکيا، جن جو احوال الڳ ايندو.

●●

**پيغام**

پاڳارا خاندان ۽ سندن جانثار مُريدن، حُرن، ملڪ ۽ ملت لاءِ عظيم قربانيون ڏنيون آهن، جيڪي تاريخ ۾ سُنهري اکرن سان لکڻ جي قابل آهن. موجوده محسن ملت اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جن ملڪ لاءِ چيڙ ۽ چانوءَ آهن. اسان کي گهرجي ته ڪامل مُرشد جي نيڪ هدايتن تي عمل ڪري دين ۽ دنيا کي روشن بڻايون.

**فقير اسحاق علي وساڻ**
**حاجي محمد عيسيٰ وساڻ**
شهدادپور



فقير اسحاق علي وساڻ

# اڳيان اڏين وٽ، پٺين سر سنيپايا

پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري

حر جماعت روحاني، مذهبي جماعت آهي، جنهن جو واسطو ذڪر ۽ فڪر سان آهي. پاڳارا خاندان جي ملفوظات، مڪتوبات، مفروضات اول کان آخر تائين مذهبي آهن. هي جماعت درگاهہ شريف تي ڪڏهن بہ ميلو ناهي لڳائيندي، هن جماعت جا ڏينهنڙا اهي آهن جيڪي محمد ؐ عربي ڏينهن مقرر ڪيا هئا. حر جماعت جي لاءِ 27 رجبي شب معراج وارو ميلو آهي،جنهن ڏينهن رسول الله ﷺ کي سراپا معراج جو درجو عطا ڪيو ويو هو. رسول الله ﷺ جي معراج سان انسان ذات کي ارتقا جي آخري حد ملي، ان ڪري اهائي حر جماعت جي لاءِ وڏي ۾ وڏي عيد "خوشي" آهي، باقي ٻين عيدن وارا ڏينهن اسلامي طريقي سان هن جماعت لاءِ خوشي وارا ڏينهن آهن، هي واحد جماعت آهي، جو اهي ڏينهن اسلامي طريقي سان ملهائيندي آهي نہ وري ميلي، ملاکڙي جون تقريبون درگاهہ شريف تي ٿينديون آهن، حالانڪ هتي صرف مذهبي پروگرام منعقد ڪيا ويندا آهن. اهي مذهبي پروگرام پاڳاره خاندان ڪيترين ئي پيڙهين کان وڏي شان و شوڪت سان منعقد ڪندو پيو اچي.

جامعہ راشديہ مدرسو درگاهہ شريف تي قائم هڪ وڏي ۾ وڏو نيٽ ورڪ آهي، جيڪو دنيا جي ديني مدرسن ۾ وڏي ۾ وڏو ۽ سڀني جو وڏو مرڪز پڻ آهي. پيران پاڳاره ۾ نظم، نثر، علم جو ڪمال، روحانيت جو رمزون يعني هن سلسلي ۾ فيض، هدايت ۽ رشد آهي، جيڪو صرف اخلاق ۽ اعليٰ مقصد ماڻهو ڏانهن مائل ڪري ٿو، هن خاندان جي روحانيت، ايمان آهي، ايمان، حريت آهي، حريت غيرت آهي، ۽ غيرت ۾ غلامي قبولڻ جو تصور ناهي. پاڳارا خاندان ۾ روحانيت آهي تہ ايمان جي طاقت جا سرچشما بہ آهن، ايمان جي قوت سان گڏ حريت بہ وراثت ۾ مليل آهي، حريت سان گڏ غيرت اِها هئي، جنهن انگريزن ڌارين جي غلامي کي نہ قبوليو بلڪ جنگ جوٽي فرض پورو ڪيو آهي.

دنيا جي تاريخ تي سبط آهي، اڄ نہ واضع ٿي تہ سڀاڻي ضرور واضح

ٿي ويندي تہ پاڳارا خاندان جي سيني سجاده نشين ڪڏهن بہ غلامي کي دل سان تسليم ناهي ڪيو ۽ انهن پنهنجو پنهنجو فرض احسن نموني سان پورو ڪيو آهي. غلامي خلاف جدوجهد سيني تي فرض آهي، اهو فرض ڪنهن پنهنجون جانيون، ملڪيتون، قربان ڪري پورو ڪيو تہ ڪنهن ڪونہ ڪيو.

موجوده پير سائين پاڳاره جن پنهنجي بزرگن جي روحانيت، حريت، علمي ڪماليت، اخلاقيات، دور انديشي، مردم شناسي، غيرت، هدايت و رشد سان رتل آهي، پاڻ ملڪ ۽ قوم کي متحد ۽ منظم ڪيو ۽ سرحدن جو دفاع پڻ وڏي حب الوطني واري جذبي سان ڪيو آهي. راشدي خاندان جي هڪ ذميوار شخصيت مون کي ٻڌايو تہ ڪجهہ عرصو اڳ ۾ آمريڪن ڪائونسل جي هڪ ڪائونسلر پير صاحب پاڳاري سان ملڻ چاهيو ٿي. ڪائونسلر جي خواهش بابت پير صاحب پاڳاري بادشاهہ کي آگاهہ ڪيو ويو تہ جيئن ملاقات ٿي سگهي. جڏهن بادشاهہ کي چيو ويو تہ آمريڪن ڪائونسلر ملاقات ڪرڻ چاهي ٿو تہ پاڻ سختي سان انڪار ڪندي فرمايو تہ آمريڪا عراق تي حملا ڪيا آهن، افغانستان تي حملا ڪيا آهن، آئون آمريڪن ڪائونسلر سان قطعي طور ڪونہ ملندس. پيران پاڳارا وارو تسلسل اڄ بہ جاري آهي، ۽ محمد ﷺ عربي، علي شير خدا، شهيد، ڪربلا، حضرت علي مڪي، شاهہ صدر بادشاهہ، سيد محمد بقا شاهہ شهيد حضرت روضي ڌڻي بادشاهہ جي نظر سان هي سلسلو ڏينهن قيامت تائين جاري رهندو. هن سلسلي مان فيض جي پالوٿ ٿيندي رهندي، عوام الناس انهي فيض مان سيراب ٿيندي رهندي.

شهيد سورهيہ بادشاهہ جا اڻ ڳڻيا پهلو آهن، روحانيت ۾ روحاني رهبر آهن، صاحب ڪرامت آهن، اسلام خاطر ڪافرن سان جنگ تا ڪن، غلامي قبولڻ بدران غيرت جو مظاهرو ڪري وطن مان انگريزن کي ڪڍڻ لاءِ حر تحريڪ تا هلائين.

جيئن علامہ اقبال چيو تہ:

اسلام ڪي دامن مين اور اس ڪي سواءِ ڪيا هي
ايک ضرب يضلائي اک سجده شبيري

تاريخ هميشه پنهنجو پاڻ ورجائيندي آهي. حر تحريڪ خالص خدا جي رسول جي پيغام ۽ دين جي سربلندي لاءِ هئي. هن ۾ ڪنهن بہ شڪ

جي ڪالهہ ناهي ۽ ڪي بہ ٻہ رايا جوڙي نہ ٿا سگهجن. پير سورهيہ بادشاهہ ۾ ضرب يضلائي هئي تہ سجده شبيري پڻ هئي.

الله تعاليٰ پنهنجي محبوب سرور ڪائنات حضرت محمدﷺ عربي کي سچي دين سان موڪليو تہ جيئن اسلام کي ٻين دينن، مذهبن تي غالب ڪري، توڙي جو ٻين مشرڪن کي برو لڳي. جيڪي ٻيا نظام آهن، انهن ۾ بهترين نظام (System) هن ۾ آهن.

باطل جي سربلندي، ان جي غلبي ۽ حڪمراني کي سورهيہ بادشاهہ قبول نہ ڪري رهنما اصول قائم ڪيا. سورهيہ بادشاهہ فرمايو تہ رڳو ذهن ۾ انگريزن جي عزت ڪرڻ جو خيال اچي ٿو تہ مون کي پنهنجي حسيني هجڻ تي شڪ ٿيندو آهي.

سورهيہ بادشاهہ وارو رستو حسينيت وارو رستو هو ۽ سچ ۽ حق جو جهنڊو بلند ڪيو، سندن جماعت کي انهي جهنڊي ۽ ان جي ابتدا ۽ انتها جي پڻ خبر هئي. ان ڪري انهن پنهنجين جانين، عزتن، ملڪيتن ۽ مال جو نظرانو پيش ڪيو.

قرآن پاڪ ۾ اچي ٿو تہ:

”الله تعاليٰ مومنن جون جانيون، مال ۽ ملڪيتون، آخرت ۽ ايمان لاءِ خريد ڪيا آهن.“

ستيزه ڪار رها هي ازل سي تائل رو
چراغ مصطفوي سي شرار بولهبي.
علامہ اقبال رح

جنهن کي نصيب ۾ وڏو رتبو ۽ مرتبو مليل هو ۽ جيڪو چراغ مصطفوي پاسي ٿيو ۽ شرار بولهبي کي منهن ڏنائون.

وحده لا جي وڍيا، اِلا الله ڪيا اڏ
سي ڏڙ ٻي سڌ ڪنهن اَياڳي نہ ٿيا

اها تہ شهيد سورهيہ بادشاهہ ۽ حُرن کي خبر هئي جنهن جي اندر ۾ آڙاهہ متل هو. انهن پنهنجي روحاني رهبر مرشد جي حڪم تي پنهنجون جانيون، مال، مڏيون، ملڪيتون، عزتون قربان ڪيون ۽ انگريز سامراج جي غلامي قبول نہ ڪئي.

پتنگن پهه ڪيو، مڙيا متي مچ
پسي لهس نہ لڇيا، سڙيا متي سچ
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڄائيا.
(شاهہ ڀٽائي)

اها عشق جي آتش هئي، اهو عشق جو جذبو هو، اها حضرت عشق جي رهنمائي هئي جنهن سيني حُرن کي سنئون سڌو ڳس ڏنو.

اين سعادت بزور باز ونيست
تابع بخشت خدائي بخشنده

اها ڪنهن جي بہ وس ۾ ناهي تہ همت، جرائت، بهادري ۽ شهادت ملي، جنهن جي نصيب ۾ هوندي آهي تہ ان کي ئي ملندي آهي. جيئن سردار علي شاهہ "ذاڪر" مرحوم چيو آهي:

سردار صبر جميل بهي، نہ تيخ سر سجود
هي مقام عالي رسول جو جنهن سان همسري نہ برابري.

جڏهن حق، سچ ۽ طاقت جي پروپئگنڊه ٿيندي آهي تہ بولهبي جون شرارتون سامهون ايندون آهن، مختلف قسم جون ڳالهيون بہ اڳيان اچي ويندون آهن. اسان کي ان کان خبردار ٿيڻ جي ضرورت آهي.

جيئن تہ:

Evil has self destructive tendency

"برائي پنهنجو پاڻ کي ختم يا تباهہ ڪري ڇڏيندي آهي ۽ گهڻو وقت قائم نہ ٿي رهي سگهي."

جڏهن تہ:

"نيڪي ۽ حق پنهنجي جاءِ تي قائم هوندو آهي، ان کي دٻائي تہ سگهجي ٿو مگر ختم يا تباهہ نہ ٿو ڪري سگهجي."

اهو تسلسل آهي، جو ماڻهن جي پنهنجي زندگي ۾ تمام ٿورن سالن اندر الهاد جو طوفان پنهنجي موت پاڻ مري چڪو آهي، ان جو نالو يا مرثيو ڳائڻ وارو بہ ناهي بچيو، انهي طوفان جا حامي هن وقت تصوف يا پين ۾ پناهہ وٺي رهيا آهن. يقينن اهو ڏينهن ايندو تہ سچ، سچ ثابت ٿيندو.

"سچ جي ٻيڙي لڏندي آهي ٻڏندي ناهي"

حر تحريڪ ۽ سورهيہ بادشاهہ بابت جيڪو مواد ڇپجي چڪو آهي يا

ڪم ٿي رهيو آهي، اهو آخري ناهي. جو تہ تحقيق واري علم ۾ پهرين (data collection) ميڙي، جونڊي هڪ هنڌ گڏ ڪري رڪارڊ ڪبو آهي، اها معلومات جڏهن معقول تعداد ۾ ميڙڻ بعد ڇنڊڇاڻ ڪبي آهي، پوءِ بہ اهو آخري ۽ حتمي فيصلو ناهي هوندو. هن وقت ڪافي پراڻا فقير حياتي آهي، انهن ڪان مَعلومات وٺي گڏ ڪئي وڃي (جيڪا هاڻي فقيرن انهن ڪان انٽرويو وٺي گڏ ڪري بہ ڇڏي آهي) ۽ بعد ۾ صحيح تحقيق ڪري حقيقت کي سامهون آندو وڃي.

پير سورهيہ بادشاهہ جي شخصيت گهڻ رخي هئي. جيڪو سنڌ، پاڪستان، برصغير، دنيا جي نہ بلڪہ عالم انسانيت لاءِ وڏي ۾ وڏو مرتبي واري شخصيت آهي. سورهيہ بادشاهہ پرچار بہ سندن معيار مطابق ڪريون جو تہ پير صاحب جي خوبين جي جيڪڏهن فهرست ٺاهجي تہ خوبيون اجان بہ گهٽيون آهن. خدا پاڪ پير صاحب کي مردم شناسي جهڙي وڏي خوبي عطا ڪئي هئي، پاڻ ڏسڻ شرط پرکي ويندا هئا تہ ڪير بي وفا آهي، ڪري ۽ کوٽي کي هڪ نظر سان سڃاڻي وٺندا هئا، جڏهن غازين جي هزارن جي تعداد ۾ پرتي ٿي رهي هئي تہ پير صاحب اڳيان گذرندڙ غازين تي هڪ نظر ڏسڻ شرط سڃاڻي ڇڏيندو هو. پير صاحب کي اها خدا پاڪ طرفان ڪشف جي شڪل هئي جو وڏا وڏا اڳواڻ بہ اهڙي قدرت ۽ خوبي کان بلڪل محروم هئا.

سورهيہ بادشاهہ بهترين انتظام هلائيندڙ هڪ ماهر (Expert) هو. پاڻ بزنيس مئنيجمينٽ، پبلڪ ائڊمنسٽريشن، ائنٿروپالاجي، سائڪلاجي، سوشيالاجي، بزنيس ائڊمنسٽريشن ۾ بلڪل هوشيار هئا. انهن مضمونن ۾ جيڪو پهلو آهن سي پير سورهيہ بادشاهہ وٽ عملي صورت ۾ هئا. پير صاحب جهڙي منظم قسم جي شخصيت جو مثال هن جديد دور ۾ ملڻ محال آهي.

پير صاحب تحريڪ ۾ نظم و ضبط وسيلي پنهنجي لکين جماعت کي متحد ۽ هڪ اهڙي طريقي سان پرورش ڪئي جو انگريزن جي جديد هٿيارن ۽ لاتعدد سپاهين اڳيان ڇڙويڇڙ نہ ٿيا بلڪ سولي تي نعرا هڻندي چڙهندا ويا.

پسي لهس نہ لڇيا سڙيا مٿي سچ
اڳيان اڏين وٽ پنين سر سنياپا. (شاهہ)

حر آخري دم تائين انگريزن خلاف وڙهيا، جنهن پنهنجن ٻچن، عزتن، ملڪيتن ۽ جانين جي پرواهہ ڪرڻ بغير پنهنجي بادشاهہ جي رهنمائي ۾

انگريز سامراج خلاف هر محاذ تي جنگ جوتي، پير صاحب جماعت اندر اهڙو تہ عشق پيدا ڪيو، جو انهي جماعت انگريزن جي پوري انتظام کي چڙوچڙ ڪري ڇڏيو مگر خود متحد ۽ منظم رهي.

پير صاحب سورهيہ بادشاهہ وٽ انتظامي، مئنيجمينٽ واريون وڏيون صلاحيتون هيون جنهن جي نتيجي ۾ انگريزن جو انتظام بہ تباهہ ٿي ويو. پير صاحب جي شخصيت ۾ هڪ مقناطيست هئي، ڪنهن جي بہ جرئت نہ ٿيندي هئي جو اڪ سان اک ملائن. جيڪي زبان مان لفظ ڪڍن تہ مجال آ ڪو ان تي بحث مباحثو ڪري يا رد ڪري سگهي. سندن شخصيت ۾ اها ڪشش هئي جو سپني کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. پير صاحب جا تمام گهڻا پهلو آهن، جن کي ان وقت جي فقيرن پنهنجن اکين سان ڏٺا، انهن فقيرن کان پڇي لکيو وڃي ۽ تحقيق پڻ ڪجي.

حر تحريڪ دوران مواصلاتي نظام تمام بهتر هو، ان دوران پير صاحب جو فقيرن کي رازداري جو حڪم ٿيل هو، ان وقت جيڪي ڪجهہ ٿيو سو گهڻو ڪجهہ پير صاحب ۽ فقيرن جي وچ ۾ ئي ٿيو تنهنجي باري ۾ اڄ تائين ٻين کي خبر ناهي. اڄ بہ انهي وقت جا وڏا فقير زندهہ آهن، جيڪي راز واريون ڳالهيون قطعي ٻڌائڻ لاءِ تيار ناهن.

مون هڪ پيري موجوده پير سائين پاڳارا بادشاهہ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ سائين توهان حڪم ڪريو تہ پراڻا فقير راز وارين ڳالهين تان پردو کڻن تہ جيئن محققن کي ٻڌائي سگهجي، توهان بادشاهہ آهيو ۽ توهانِ ئي حڪم ڪري بندش ختم ڪري (Ban lift) سگهو ٿا.

موجوده بادشاهہ فرمايو تہ مائٽ ان کي ائين رهڻ ڏيو، ڇڏي ڏيو. وڏيڪ تہ پير صاحب جن معاملي فهم ۽ اعليٰ دماغ جا مالڪ آهن جيئن فرمائين ٿا اهو بلڪ ٺيڪ هوندو. مون تي وڏا مهربان آهن. مان تہ سندن جُتي جي چاڪ جهڙو بہ ناهيان.

پير سورهيہ بادشاهہ وڏا (Powerful Communicater) هئا، پاڻ ڳالهہ ابلاغ، تبليغ جا وڏا ماهر هئا، جيڪي بہ نظام قائم ڪيا سي جماعت ۾ ڪامياب ويا.

سورهيہ بادشاهہ الله جي ذات ۾، نبي جي شفاعت ۾، حسينيت ۾ ايڏو پختو ايمان رکندا هئا جو ڪڏهن بہ ايمان متزلل نہ ٿيو، پاڻ جامع شخصيت هئا ۽ سندن اڻ ڳڻيا پهلو هئا.

پير صاحب سيف القلم هئا، وڏا قلمڪار هئا، وڏا اديب هئا، ڪڙنڪ بنگلي تي هڪ وڻ هيٺيان ويهي لکندا رهندا هئا. هزارين صفحا پير صاحب جي قلم مان نڪتا هئا، اهي موتي داڻا وڏو ذخيرو هئا، اهو سڄو مواد انگريزن جي بمباري سبب تباهه ٿي ويو. حالانڪ پير صاحب جون جيڪي به تحريرون ۽ ادبي پهلو آهن، ان مان ظاهر آهي ته پاڻ وڏا قلمڪار ۽ اديب هئا.

لئمبرڪ ٽيررسٽ ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو آهي ته War against terrorism "دهشتگردي خلاف جنگ". مگر پوليٽيڪل سائنس سان دهشتگردي ڪنهن ڪي مظلوم نه ٿو ڪري سگهجي، نه محڪوم ٿي ٻڌائي سگهي ۽ نه وري ڪنهن ڪي ڪمزور ٿي ڪري سگهي. اصل ته ظلم ئي جابر، طاقتور، زورَ ۽ دهشتگردي ذريعي ٿيندو آهي. حر تحريڪ دهشتگرد تحريڪ نه هئي، بلڪ آزادي خاطر انگريز ظالمن جي خلاف جنگ هئي.

Every terrorism has states terrorism

جيڪڏهن ان کي ٽيررزم يا دهشتگردي جي ذمري ۾ آڻبو ته انهي کي ڪائونٽر ٽيررزم (Counter terrorism) چئبو آهي، ان جو مقابلو نه ٿو ڪري سگهجي. حُرن جي تحريڪ انگريزن طرفان ڪيل ظلم، جبر، ڏاڍ، ناانصافي خلاف هڪ وڏي ۾ وڏي ڪامياب تحريڪ هئي. جنهن کي انگريز سرڪار مڪمل طور تي چيپاڻي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو. حالانڪ خود انگريز سامراج برائي تي هئا. ان ڪري گهڻو وقت حُرن کي (face) مقابلو ڪري نه پئي سگهيا. ڇو ته انگريز وڏي ۾ وڏا دهشتگرد هئا، ان جي موٽ ۾ حُرن جيڪو ڪجهه ڪيو تنهن کي دهشتگردي نه ٿو چئي سگهجي.

تاريخ شاهد آهي ته سامراج هميشه دهشتگردي (terrorism) وارو پاسو ورتو. ماڻهن کي مظلوم ڪري سندن قبضي يا غلامي هيٺ آڻڻ جا سيئي ذريعا ۽ وسيلا دهشتگردي (terrorism) ڏانهن وجن ٿا. اهڙي دهشتگردي جنهن ۾ صرف ايسٽائين ظلم ڪيو ويندو جيسٽائين ماڻهو سندن قبضي هيٺ اچي محڪوم نه ٿي وڃن.

جسمن تي حڪومت دهشتگردي، ظلم ۽ ڏاڍ وسيلي ڪري سگهجي ٿي مگر دلين ۽ روحن تي حڪومت صرف محبت وسيلي ٿي سگهي ٿي. پير سورهيه بادشاهه اهو روحاني رهبر هئا جنهن جي لکين حُرن جي روحن ۽ دلين تي حڪومت هئي، سندن هڪ حڪم تي حُر پنهنجو عزتون، لڄون، مال، ملڪيتون، جانيون ۽ سڀ ڪجهه هڪدم قربان ڪري ڇڏيندا هئا.

پاڳارا خاندان "راشديہ خاندان يا حسيني خانذان" چئي سگهجي ٿو تہ هن خاندان وٽ وڏي محبت آهي، جنهن سان هڪ ئي وقت لکين فقيرن جي روحن ۽ دلين تي حڪومت ڪندا آهن. هي محبتي خاندان آهي، سندن عقيدتمندن ۾ محبت، ايثار، قرباني، سچائي، فرض شناسي، حب الوطني نمايان نظر ايندي آهي، اهي ماڻهو ڪڏهن بہ دهشتگرد ٿي نہ ٿا سگهن.

حر تحريڪ اصل ۾ محمدي تحريڪ هئي، ان ڪي راشدي تحريڪ بہ سڏيو ويندو آهي. ڇو تہ محمد ﷺ عربي جيڪو گس ڏنو، پاڳارا خاندان هميشہ انهي گس ۽ راهہ تي هليو آهي. جنهن ڪي صرف محمد ﷺ عربي وارو طريقو چئي سگهجي ٿو.

شهيد سورهيہ بادشاهہ جي باري ۾ پڇيو ٿو وڃي تہ پاڻ ننڍڙي ڄمار ۾ انگريزن خلاف وطن لاءِ جنگ ڪئي، يا مذهب لاءِ جنگ هئي، يا برصغير جي مسلمانن جي آزادي خاطر وڙهيو، يا هندستان جي مسلمانن لاءِ جنگ جوتي، يا صرف سنڌ ڌرتي لاءِ جهاد ڪيو. شهيد سورهيہ بادشاهہ روحاني رهبر هو، قومپرست يا مذهب پرست هو يا آزاد خيال هو مگر سورهيہ بادشاهہ جا لاتعداد رخ ۽ پهلو آهن. ڊائمنڊ (هيرو) جنهن ڪي ڪرسٽل بہ سڏيو ويندو آهي، جيئن جيئن ڦيرائيندو تہ هر پاسي کان تيئن تيئن نئون روپ، حسن، روشن خوبصورت شماع الڳ الڳ نروار ٿيندا. شهيد سورهيہ بادشاهہ جي لاءِ آئون ائين ئي چوندس تہ جنهن بہ پهلو کان ڏسنداسين تہ اسان ڪي هيري (ڪرسٽل) مثل لڳندو. گهڻ رخي شخصيت بابت ڪابہ آخري ڳالهہ يا فيصلو ٿي ناهي سگهندو، ان ڪري سورهيہ بادشاهہ بہ اهڙي شخصيت آهي، جنهن بابت حتمي ۽ آخري راءِ قائم ڪري نہ ٿي سگهجي.

آئون تہ شهيد سورهيہ بادشاهہ لاءِ ائين چوندس جيئن علامہ اقبال چيو آهي تہ:

اپني ملت پر قياس اقوامِ مغرب سي نہ کر
خاص هي ترکيب مين قومِ رسول هاشمي ﷺ

شهيد سورهيہ بادشاهہ هڪ مرشد هو تہ ان ڪي ماڊل ڪري اڳيان رکجي ۽ سندن قول، فعل، عمل، حڪمت عملي، دور انديشي، مردم شناسي، فرض شناسي، صداقت، سچائي، رهبري، غيرت، ايمان، حب الوطني، دليري، علم، فيض، هدايت و رشد، حقيقت پسندي، اخلاق، ادب، عبادت، رياضت، اصول، انصاف پسندي، ذڪر و فڪر، روحانيت، نورانيت، ذهنيت، حُسن ۽

ان کان علاوه لاتعداد خوبين جو جائزو وٺجي. شهيد سورهيه بادشاهه عالم انسانيت جي لاءِ قرباني ڏني آهي، جيڪو باعث فخر آهي ۽ شهيد ٿي امام عالي مقام جي تسلسل کي زنده رکيو آهي. حر تحريڪ صرف هڪ تحريڪ نه هئي، اها انگريز ظالمن خلاف جنگ هئي جنهن ۾ شهيد سورهيه بادشاهه ۽ سندن عقيدتمند جماعت جي فقيرن جاني ۽ مالي قربانيون ڏنيون آهن. هي تاريخ آهي، جنهن جي اڻ ڏريو تي تحقيق ڪئي وڃي. ڪوبه مفروضو ذهن ۾ ويهاري تحقيق ڪڍهن به ناهي ڪبي، حالتن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪبي آهي، حالانڪه تحقيق دوران ظاهر آهي ڪوبه آخري نتيجو اخذ نه ٿو ڪري سگهجي، ان ۾ ڪجهه صحيح ۽ ڪجهه غلط به ٿي سگهي ٿو.

حر جماعت جا باشعور نوجوان ويهي تحقيق ڪن، ان دوران پنهنجا ذهن بلڪل خالي ڪري ڇڏين، جيڪي به ذهن ۾ خيال هجن، تن کي تحقيق ڪرڻ کان پهرين ڪڍي ڇڏجن ته اها تحقيق بهتر طريقي ۾ اڻ ڏري ٿي سگهجي ٿي. پنهنجي ايمان ۽ قلب سان سڀ کان پهرين لاَ چئي پوءِ اِلا اِلله چئجي ته جيئن ذهن ۾ پيل خيالات خارج ٿي سگهن، ان کان پوءِ حر تحريڪ جي باري ۾، سورهيه بادشاهه جي زندگي جي مختلف حالتن بابت معلومات حاصل ڪجي. ائين ڪرڻ سان ڪافي لڪيل يا ڳجهيون ڳالهيون سامهيون ايندي يون ۽ تحقيق ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.

ڪجهه عرصو اڳ ۾ 2 فيبروري 2004ع تي موجوده پير سائين بادشاهه حر جماعت کي جيڪو حڪم ڏنو هو، جنهن ۾ سختي سان فرمايو اٿن ته نياڻين کي ديني ۽ دنياوي علم ڏيو، پاڙيوارن جو خيال ڪريو،نندڻ ۾ رشتا نه ڪريو نه وري نند پڻ ۾ شاديون ڪرايو، پنهنجن ٻارن کي تعليم ڏيو، نيڪ نيتي سان ڪم ڪريو، قانون جي پابندي ڪريو، حق حلال جي روزي ڪريو، ذڪر ۽ فڪر جاري رکو ۽ ٻين ڪيترين ئي ڳالهين تي پابند رهڻ جو حڪم ڏنو آهي.

اهو حڪم پير صاحب پاڳاري پاران تاريخي فرمودو آهي. هن وقت هر اڳواڻ پنهنجن ماڻهن جي اڳيان اهي ڳالهيون ڪندو آهي، جيڪي انهن (عوام) کي وڻن ٿيون مگر پير صاحب پاڳارو حر جماعت کي اهي ڳالهيون فرمائي ٿو، جيڪي ظاهري طرح اڻ وڻندڙ لڳن ٿيون، يا صحيح نه ٿيون لڳن حالانڪه حر جماعت ۽ ملڪ جي عوام جي ايمان، عقيدت ۽ محبت جي تقاضا آهي ته پير صاحب پاڳاري جي ڏنل حڪم تي عمل ڪن، پنهنجي

اولاد کي تعليم ڏين ۽ سٺي تربيت ڏين.

جڏهن 1952ع تي موجوده پير سائين سردار گادي نشين ٿيا تہ حر جماعت جون حالتون بدتر هيون. سياسي، سماجي طرح بلڪل ختم ٿيل هئي، هي جماعت جنهن جي تن تي ڪپڙو ۽ پيرن ۾ جتي ڪونہ هئي ۽ انهن جون معاشي، سماجي ۽ سياسي حالتون تباهہ ٿي چڪيون هيون مگر اخلاقي طرح بهتر هئا. اهڙي وقت پير صاحب پاڳارو دور انديشي کان ڪم نہ ورتو ها تہ پوري سنڌ ۾ اها صورتحال هجي ها جيئن اڳ ۾ حرن سان ٿيو، نہ عزتون بچن ها، نہ لڄون بچن ها نہ وري هتي جي ماڻهن جون جانيون محفوظ هجن ها. پير صاحب پاڳاري موجوده سنڌ جي عزتن، لڄن، ۽ جانين کي بچائي سنڌ وارن تي وڏو احسان ڪيو آهي، جنهن کي خود پير صاحب پاڳارو فرض سمجهندو آهي، سنڌ جي ماڻهن کي خطرناڪ حالتن کان بچايو آهي سياسي، مذهبي، سماجي لحاظ کان پوري ملڪ کي متحد ۽ منظم ڪيو آهي. 1965ع ۽ 1971ع وارين جنگين دوران پير صاحب پاڳاري پنهنجي حر جماعت وسيلي سرحدن جي حفاظت ۽ ملڪ جو دفاع ڪندي پروفيشنلزم ۽ وڏي مهارت سان ڀارت خلاف جنگ وڙهي ۽ 1600 چورس ميل اسڪوائر مان 1200 چورس ميل اسڪوائر تي قبضو ڪيو. حالانڪ پير صاحب پاڳاري جا فقير صرف هڪ حڪم تي پنهنجا سَر تري تي رکي پاڪ فوج سان گڏ تي ملڪ جي سرحدن تي وڏي بهادري ۽ دليري سان دشمن جو مقابلو ڪيو. ان جو مثال ڪٿي بہ نہ ٿو ملي.

هي اها جماعت آهي، جنهن انگريزن سان سنئون سڌو ٽڪر کاڌو، ان وقت شهيد سورهيہ بادشاهہ سميت تمام گهڻن حُرن جا لاش بہ مائٽن کي ڪونہ ڏنا ويا. 1965ع ۽ 1971ع وارني جنگين ۾ صف اول ۾ وڙهندڙ تمام وڏي بهادر ۽ فرض شناس فقير امين (شهيد فقير محمد امين مڱريو) جو لاش بہ ملي ناهي سگهيو. اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ اڌ صدي اڳ انگريزن واري دور ۾ پير سورهيہ بادشاهہ ۽ سندن هزارين حُرن کي شهيد ڪري ۽ انهن جا لاش بہ واپس ڪونہ ڪيا ويا، ان جو فائدو ضرور انگريزن کي ٿيو هوندو. باقي ڪلهوڪي ڪلهہ شهيد ٿيندڙ فقير امين جو لاش آخر واپس ڇو ناهي ملي سگهيو...؟ هن وقت دماغن، علمن، ٽيڪنالاجي، انٽرنيٽ ۽ فڪر جي جنگ آهي، پير صاحب پاڳاري جي رهبري ۽ نظر آهي جو اڄ حر جماعت

سياسي، سماجي ۽ علمي طرح اڳتي آهي. هن جماعت کي گهرجي ته علم سان چنبڙي وڃن، مدرسن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پنهنجي اولاد کي پڙهڻ لاءِ ڇڏين.

انگريزن جڏهن اسان جي غيرت، عزت، روحن، جسمن ۽ ذرتي تي حملو ڪيو ته پاڳارا خاندان ۽ حر جماعت انهن جو مقابلو جنگ سان ڪيو اها جنگ هٿيارن واري جنگ هئي. هن وقت به انگريز اسان جي عزتن، ڄڻن، روحن ۽ جسمن تي حملو ڪري رهيا آهن، اسان لاءِ موجوده پير صاحب پاڳاري جي حڪم تي ساڳئي جماعت حافظن، عالمن، مفڪرن جا جٿا تيار ڪري، پنهنجي والاد کي جديد ترين تعليم ڏي ته جيئن عالم اسلام جي لاءِ ۽ مسلمانن جي نجات لاءِ انهن ساڳين انگريز سامراج سان جنگ ڪري سگهجي. پاڳارا خاندان جو تسلسل جاري آهي ته سامهون انگريز سامراج به آهي، ان ڪري شهيد سورهيه بادشاهه واري جنگ کي جاري رکندي موجوده پير صاحب پاڳارو پنهنجو ڪردار نڀائي رهيا آهن صرف حر جماعت سندن حڪمن تي پابندي سان عمل ڪري ۽ تعليم وسيلي اسلام جي خلاف ايندڙ خطرناڪ طوفان جو مقابلو ڪن.

هن وقت ايڪيوهين صدي ۾ ذهين، عقل، علم جو جهاد آهي ۽ هن وقت خيالن جي جنگ (War of Ideas) وڙهي پئي وڃي. منهنجو حر جماعت کي نماڻو عرض آهي ته موجوده پير صاحب شاهه مردان شاهه ثاني "ڇٽ ڌڻي" جيڪو تازو وضاحت سان فرمايو آهي ته نياڻين کي تعليم ڏيو، پنهنجي اولاد کي سٺي تربيت ڏيو ۽ جيڪو ڪجهه حڪم ڪيو آهي ته سنجيدگي سان ان تي سوچين ۽ عمل ڪن.

(The war clash of civilization)

"تهذيب جي ٽڪرا واري جنگ"

هن وقت روحانيت (Spritualism) ۽ ماديت (Matialism) وچ ۾ ٽڪر (Clash) ٿي رهيو آهي، اسان جو پاسو يقيناً روحانيت وارو آهي، روحانيت معنيٰ اسلام وارو پاسو آهي. ان ڪري علم ۽ تعليم کي وڌائجي ته جيئن اسلام جي سربلندي خاطر دشمن سان جنگ جوٽي سگهجي.

موجوده پير صاحب پاڳارا ۽ سندن حُر روحانيت واري يعني اسلام واري پاسي جا آهن، جيئن سندن وڏن بزرگن ۽ فقيرن اسلام خاطر جانين جا

نظرانا پيش ڪيا ۽ اسلام کي زنده رکيو آهي. اسلام جي سربلندي لاءِ جتي حُرن عملي ڪردار ادا ڪيو، اتي حرياڻين (عورتن) به اهم ڪردار ادا ڪري ثابت ڪيو ته عورتون به قربانيون ڏيئي سگهن ٿيون.

نياڻين کي تعليم ڏني وڃي، تعليم جي معنيٰ ڊگري ناهي، تعليم جي معنيٰ امتحان ناهي. تعليم جي معنيٰ سرٽيفڪيٽ ناهي، اهي سڀئي ٻاهريون علامتون آهن ان ڪري نياڻين کي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ڏانهن پڙهڻ جي اجازت ڏني وڃي.

اهو ڪو پيو فهم جنهن سان پسجي پرين کي.

تعليم ۽ علم انسان سازي ۽ ڪردار سازي جو اهم ۽ بنيادي پهلو آهي، ان ڪري جيڪا سورهيه بادشاهه تحريڪ ڇڏي سا اڄ به موجوده پير صاحب پاڳارو هن وقت حالتن جي نزاڪت کي سمجهندي تحريڪ هلائي رهيا آهن، تنهن ڪري توهان ”حر جماعت“ کي گهرجي ته پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيئي اڄ جي حر تحريڪ ۾ اڳتي اچي اسلام جي دشمنن خلاف ذهنن، دماغن، علم ۽ قلم وسيلي جنگ ڪريو. هي اهو تسلسل آهي جيڪو امام عالي مقام کان ٿيندي حضرت علي مکي رح، کان حضرت پير سائين روضي ڌڻي رح ۽ شهيد سورهيه بادشاهه تائين، شهيد سورهيه بادشاهه کان وٺي موجود بادشاهه پير صاحب پاڳارا تائين هلندو پيو اچي ۽ روز قيامت تائين هي سلسلو جاري و ساري رهندو.

الله جي رسي، مرشد جي رسي، سنت جي رسي کي مضبوطي سان پڪڙيو. وڌيڪ متحد ۽ منظم ٿي وڃو ۽ گڏيل ڪوششون ڪري تعليمي، علمي، ادبي ۽ تحقيقي ادارا قائم ڪريو. حر جماعت جي باشعور اڳواڻن کي گهرجي ته يونيورسٽي ۾ ڪا چيئر مقرر ڪن يا الڳ ادارو قائم ڪن جنهن ۾ تحقيق، تصنيف، تاليف وارو ڪم ٿي سگهي. موجوده پير صاحب پاڳاري جي بادشاهي ۾ حر جماعت کي ڌڻي تعاليٰ اها سگهه ۽ استقامت عطا ڪئي آهي جو گڏجي ذاتي طور تي جديد قسم جو ادارو قائم ڪن ته جيئن ريسرچ تحقيق جو ڪم اڳتي وڌي سگهي. الله ڪندو منزل اکري پار پونداسون ڇو ته اسان سچ تي آهيون.

منهنجو خواب آهي ته مدرسن ۾ جتي فارسي ميڊيم، عربي ميڊيم، اردو ميڊيم، سنڌي ميڊيم ٿي سگهي ٿي، اتي انگلش ميڊيم ڇو ٿي نه ٿي سگهي. ان ڪري جماعت ۾ اهڙا مدرسا قائم ڪيا وڃن جتي انگلش ميڊيم هجي ۽

طالبن کي اها تعليم ڏني وڃي چو تہ هن وقت ائين ڪرڻ نهايت اهم ۽ ضروري آهي. حر جماعت کي سنجيدگي سان غور و فڪر ڪرڻ گهرجي تہ جيئن انگلش ميڊيم وارا مدرسا قائم ڪيا وڃن. جنهن سان شاگرد ديني علم وسيلي حالتن جو مقابلو ڪري سگهن.

هن درگاهہ شريف جي سجاده نشين ۽ عقيدتمند حر جماعت اڳ ۾ بہ اهڙن طوفانن جو مقابلو ڪري اسلام جي سربلندي لاءِ قربانيون ڏنيون آهن ۽ هن وقت بہ اها ئي جماعت علم ذريعي مقابلو ڪري سگهي ٿي.

جنهن سان ائين سمجهجي تہ پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي رح جو فيض، فرش ۽ عرش تي روان دوان آهي. خانقاهہ عاليہ روضي ڌڻي جا فقيرو (حر جماعت)! اٿو دنيا کي تاغوت جي چنبي مان آزاد ڪرايو ۽ آزادي جو سبق ڏيو.

●●

## پيغام

منصور هڪ تاريخي سلسلو آهي، جنهن ۾ ڇپجندڙ سڀ مضمون تاريخ جو هڪ اهم حصو آهن. ڪتابي سلسلو "منصور" اسان جي لائبريرين ۾ اهم تاريخي حيثيت رکي ٿو، جنهن لاءِ منصور سٿ کي واڌايون هجن.

**خادم جلالي**

تالپر وڏا تعلقہ ٺري ميرواهہ ضلع خيرپور

## پيغام

حُر تحريڪ جي تاريخ تي تحقيق ڪري ان کي ڇپائڻ ۽ شهيدن ۽ غازين جا واقعا سامهون آڻڻ، سچ تہ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، جنهن لاءِ آئون "منصور" جي سڄڻ کي مبارڪباد ڏيان ٿو.

**فقير لال خان وسڻ**

سانگهڙ

# شاهنواز جوڻيجو

## ڳالهه ٻولهه:عاجز منگي

چاچو شاهنواز جوڻيجو پنهنجي مخصوص اسٽائيل، سوچ ۽ سياست ڪانسواءِ سنڌ ۾ توڙي بلوچستان ۾ جرڳائي فيصلن جي نبيري ۾ ڪليدي رول رکندڙ وڏيرو آهي. هن وٽ سنڌي ثقافت ۽ تهذيبي قدرن جو وڏو مان آهي. ننڍي چمار ڪان وٺي هن وقت تائين سندس شخصيت ۾ رسڪ کڻڻ جو عنصر غالب رهيو آهي، جنهن ڪري ڪڏهن ريل ۾، ڪڏهن جيل ۾ هئڻ سندس زندگي جو اهم خصو رهيو آهي. هتي صرف حُر هلچل سان سندس لاڳاپي بابت ڪيل مختصر ڪچهري ڏجي ٿي.

سوال: حُرن سان توهان جو تعلق ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿيو؟
جوابُ: اسان جي تر جي وڏيري سنهتي خان ورياهه جي پٽن فيض محمد ۽ غلام حسين ورياهه سان ننڍي لاڪون دوستي ۽ ياڻپيءَ وارو تعلق هو. فيض محمد جي حُر فقيرن سان دوستي هئي. ان وٽ مٺو خاصخيلي، الهبچايو خاصخيلي، حاجي خاصخيلي، ابل مهڪاٽي، ليمون فقير سنجراڻي، سونو فقير سنجراڻي، علي شير خاصخيلي، ميرو نظاماڻي، منٺار نظاماڻي ۽ ٻيا فقير ايندا هئا. اُتي فقيرن سان ٿيل واقفيت وڏي دوستيءَ ۾ تبديل ٿي.
سوال: فيض محمد ورياهه به حُرن سان گڏ گرفتار ٿيو. ڪيس سزا به لڳي ۽ سينٽرل جيل مان به فقيرن سان گڏ ڀڳو هو. ان بابت ڪجهه ٻڌايو؟
جواب: حُرن جڏهن ننڍي آدم ويجهو لاهور ميل ڪيرايو هو، ان بعد الهبچايو خاصخيلي، حاجي خاصخيلي، ابل مهڪاٽي، ميندو نظاماڻي ۽ ٻيا فقير اڪثر ڪري فيض محمد وٽ اچي رهندا هئا ۽ مون وٽ به ڳوٺ اچي ماني پاڻي کائيندا هئا. بيماريءَ جي حالت ۾ يا ڪو هٿيار وغيره به مون وٽ رکي ويندا هئا. تڏهن فيض محمد ڪي پٽ شاهه جي ميلي ۾ هڪ چُغل جي چُغلي لڳڻ سان حاجي خاصخيليءَ سان گڏ ٻڌجي پيو. پوءِ مٿس به لاهور ميل ڪيرائڻ جو ڪيس هليو. ان ۾ ڪيس 40 سال سزا لڳي.

سوال: فيض محمد سينٽرل جيل مان فقيرن سان گڏ نڪتو هو. ان بابت توهان کي ڪھڙي خبر آهي؟
جواب: هن مون کي ٻڌايو هو ته سزا لڳڻ کان هڪ سال بعد سن ضلع دادو جو مشهور زميندار ۽ جي ايم سيد جو مائٽ سيد ستابو شاهه سينٽرل جيل ۾ مون سان ملڻ آيو. اهو ڪتاب ۾ اندر لوهه ڪٽڻ جي (آري) لڪائي مون کي ڏئي ويو. ان سان لوهي دروازن جو سيخون ڪٽي فيض محمد ۽ ٻيا حُر ابل مهڪاڻي، گل حسن جانوري، دائم مري وغيره ڀڄي نڪتا. جن ڀھرئين هالا پرسان خاٿوٺ ٺاٺي تي حملو ڪري پوليس کان هٿيار ڦريا. پوءِ به ڪافي واقعا ڪيائون. ٿوري وقت کانپوءِ فيض محمد به مارجي ويو.
سوال: حُرن سان تعلق جي ڪري توهان کي به ڪا تڪليف آئي؟
جواب: هائو! فيض محمد ورياهه جي لاءِ ۽ حُرن کي ڳولڻ لاءِ ڪافي ڀيرا ملٽري ۽ پوليس ڳوٺ ۽ شهر ٽنڊي آدم ۾ مختلف هنڌن تي چڙهايون ڪيون. نيٺ مون کي ٽنڊي آدم مان گرفتار ڪري ٽنڊي آدم جيل ۾ رکيائون. مون تي دهشت ڦهلائڻ ۽ حُرن کي ترسائڻ جو ڪيس شهدادپور ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر وٽ هليو. فريادي ان وقت جو ايس ايچ او راجا ڪرم الاهي ۽ شاهد، انسپيڪٽر محمد بخش پناڻ هو جيڪو پوءِ ڊي ايس پي به ٿيو. مون بچاءَ ۾ 25 زميندارن جا نالا ڏنا. منهنجو وڪيل هلال پاڪستان اخبار جو ايڊيٽر منشي عبدالشڪور هو. سرڪاري وڪيل خانصاحب الهه اوبايو هو. ڊپٽي مون کي هڪ سال سزا ڏني. سزا بعد مون کي نوابشاهه جيل ۾ رکيو ويو. اسان وري حيدرآباد ان وقت جي ڪليڪٽر آغا عبدالنبيءَ وٽ اپيل ڪئي. مون اتي حيدرآباد جو مشهور وڪيل ڏيئل مل وڪيل ڪيو هو. تمام مهانگو وڪيل هو. 2000 هزار روپيا في ورتائين. اهڙا دليل ڏنائين جو پي شنوائي تي ڪليڪٽر مون کي باعزت بري ڪري ڇڏيو.
سوال: توهان وٽ جيڪي غازي ايندا هئا، اهي توهان کي سورهيه بادشاهه جي تحريڪ جو مقصد ڇا ٻڌائيندا هئا؟
جواب: فقير تحريڪ جا ٽي مقصد ٻڌائيندا هئا. پهريون مقصد ته سورهيه بادشاهه کي آزاد ڪرائڻ، ٻيو انگريزن کي تڙڻ ۽ ٽيون مقصد وطن (سنڌ) کي آزاد ڪرائڻ. ان لاءِ وٽن جيڪي به پيسا گڏ ٿيندا هئا اهي به ٽن حصن ۾ ورهائيندا هئا. پهريون حصو پير صاحب جو، ٻيو هٿيارن وٺڻ لاءِ ۽ ٽيون حصو پاڻ تي خرچ ڪندا هئا.

سوال: سورهيه بادشاهه ۽ سندس تحريڪ بابت توهان جو ڇا رايو آهي؟
جواب: سورهيه بادشاهه جڏهن رتناگري ۽ ٻين جيلن ۾ ڏهه سال قيد هو، تڏهن سائس اتي انگريز دشمن بنگالين ۽ ڪانگريسي ليڊرن جون ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿيون. اتي ئي هن فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته جيئن آزاد ٿيندو ته غازي پرتي تحريڪ شروع ڪري انگريزن جا هن ڌرتيءَ تان هميشه لاءِ پليت پير اکيڙي ڇڏيندو. اوهان ٻُڌو هوندو ته 1935ع ۾ جڏهن پاڻ آزاد ٿي پهتو ۽ لاڳيتو ڇهه مهينا هند ۽ سنڌ جو سفر پورو ڪرڻ بعد اچي غازي پرتي ڪيائين. اهو ڪو پاراٺو فيصلو ڪونه هو ليڪن افسوس جو ان عظيم تحريڪ جو سنڌ جي وڏن ماڻهن ساٿ ڪونه ڏنو. انگريزن ان کي دهشتگرد طور بدنام ڪيو پر اها خالص سنڌ جي ماڻهن جي آجپي ۽ اسلام جي سر بلنديءَ جي تحريڪ هئي.
سوال: حُر تحريڪ ۽ غازين بابت ڪو يادگار واقعو وغيره؟
جواب: جنرل ضياءُ دؤر ۾ جيڪا ايم آر ڊي تحريڪ هلي. ان ۾ مون کي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ بند وارڊ ۾ رکيائون. اتي مون سان چام ساقي، رفيق صفي، مولانا جاويد ۽ ٻيا به بند وارڊ هئا. اتي هڪ انگريز دؤر جو قيدي ربو خان ڪوسو به قيد هو. اهو اسان وٽ ايندو هو. ان ڪچهريءَ ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ حُرن جون به ڳالهيون ٻڌايون. هن ٻڌايو پير سائين سورهيه بادشاهه اسپيشل وارڊ ۾ قيد (بند) هو. ان وقت جيل سپرنٽينڊنٽ لانگ ميل هو. اهو روز جيل جي ڪاري چڪر جتي مرد حُر قيد هئا اُتي ايندو هو. سندس اچڻ کان اڳ وصل (خاص گهنڊ) وڄندو هو. ساڻس گڏ اچي برقعي ۾ هڪ ماڻهو ايندو هو. اهو جنهن به حُر کي پير هٽندو هو. ان کي ڪنبي ڪٽي ويندا هئا ۽ اسر ويل ان کي ڦاسي ڏئي ڇڏيندا هئا. حُر فقيرياڻيون وري اچي چڪر ۾ قيد هيون. اتي جڏهن به ڪنهن فقير کي ڦاسي ايندي هئي ته ڳيچ ڳائينديون هيون. پوءِ ان برقعي واري ماڻهو هڪ پيرو ٽنڊي مير محمود جي هڪ (خاصخيلي هو يا ڪو ٻيو) قيدي هو. ان کي پير هنيو. اهو اڳ ۾ به جيل کان سزا ڪاٽي نڪتو هو. ان کي سپرنٽينڊنٽ به سڃاڻندو هو. ان بعد اهو سلسلو بند ٿيو.

هن ڇيو ته اهڙي سچائي، همت ۽ غيرت دنيا جي ٻي ڪنهن به تحريڪ ۾ ان سطح جي نظر نه آئي. جيڪڏهن سورهيه بادشاهه جي اها تحريڪ صحيح نموني سان ڪامياب ٿئي ها ته اڄ سنڌ جي صورتحال ئي ڪا ٻي هجي ها.●

# عظيم مرشد، عظيم رهبر

## فقير منٺار مگريو

سنڌ جي سرزمين ولين ۽ بزرگن جي سرزمين آهي، ان کي اهو اعزاز حاصل رهيو آهي ته هن پنهنجي تاريخ جي مختلف دورن ۾ ڪيترين ئي اهم شخصيتن کي جنم ڏنو آهي، جن جي خدمتن ۽ بزرگي مان نه فقط سنڌ واسي پر ديس پرديس جا ماڻهو فيضياب ٿيا آهن. قبلا حضرت پير سائين پاڳارا جن جي تاريخ ساز شخصيت متعلق لکڻ مون ناچيز جي اوقات کان گهڻو مٿي آهي، ڇو ته سندن شخصيت جو هر هڪ رخ ايترو ته گهرو ۽ وسيع آهي جو ان جي تفصيل لکڻ لاءِ قلم ٿڪي پوندا، عمر کٽي پوندي پر ان جي باوجود به تشنگي باقي رهندي. ان جي باوجود جيڪي ڪجهه منهنجي علم ۾ آهي لکڻ جي جسارت ڪريان ٿو. اميد آهي ته رب پاڪ منهنجي هن تحرير کي مرشد رهبر اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جي وڌيڪ خوشنودي ۽ قربت جو ذريعو بڻائيندو.

اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا مرشد جي حيثيت ۾ پنهنجي جماعت ۽ مريدن لاءِ هميشه ڇپر ۽ ڇانو رهيا آهن. جماعت جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ سندن خدمتون ڪنهن به تعارف جون محتاج نه آهن. اهو ئي سبب آهي جو سموري حر جماعت تسبيح جي داڻن وانگر هڪ ڌاڳي ۾ پروئيل آهي ۽ پنهنجي مرشد رهبر جي وقت بوقت ڏنل هدايتن مطابق سنت نبوي تي پوريءَ طرح عمل پيرا آهي. اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جن جي شخصيت بطور هڪ سياستدان هميشه کان غير تڪراري رهي آهي. ڇو ته وطن عزيز تي جڏهن به ڪو ڏکيو وقت آيو آهي ته هن عظيم خاندان جي عظيم سپوت پاڻ پنهنجي حر جماعت سان گڏجي ملڪي سرحدن جي ڀرپور طريقي سان حفاظت ڪئي آهي. 1965ع ۾ 1971ع جي پاڪ - ڀارت جنگين ۾ اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جي ولوله انگيز قيادت ۾ حر جماعت ملڪي سرحدن جي جهڙي نموني حفاظت ڪئي آهي، تاريخ ۾ ان جو مثال نٿو ملي، ڇو ته هڪ اهو تربيت يافته فوج کي حر مجاهدن ميدان جنگ ۾ اهڙي ته سيڪت

ذني اهي جو پنهنجون جتيون ۽ ڪپڙا به ڇڏي ڀڄي ويا. اهو پنهنجي نوعيت جو منفرد واقعو چئي سگهجي ٿو.

اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا پنهنجي منفرد انداز ۾ هميشه پاڪستاني قوم ۽ حڪمرانن کي مفيد مشورا ڏيندا آيا آهن جيڪي هر نئين ڏينهن خبرن جي صورت ۾ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. ۽ انهن جي اهميت هاڻي ايتري نه وڌي وئي آهي جو ملڪ ۾ حڪومت مخالف پارٽيون ۽ خود حڪمران انهن مشورن جي روشنيءَ ۾ مستقبل بابت پنهنجو لائحہ عمل طئہ ڪرڻ لڳا آهن. اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا ان طرح پنهنجو پاڻ کي هڪ اهڙي باخبر ۽ سچي سياستدان جي حيثيت ۾ مڃرائي ورتو آهي. جيڪو اعزاز هن ملڪ جي ڪنهن ٻئي سياستدان جي حصي ۾ نہ آيو آهي.

حضرت پير شاهہ مردان شاهہ ثاني اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا پنهنجي نگراني ۾ روضي مبارڪ جو نئين سر ڪم ڪرايو، نئين سر بنگلو ٺهرايائين ۽ ڪوٽ پڻ ڏياريائين، ان کان علاوه جماعت خاني جي نئين سر تعمير، عظيم لئبريري پڻ ان ۾ شامل آهن. بقول مرحوم مولوي محمد صالح رحمت الله عليه جي جيڪي چوندا هئا تہ منهنجي مرشد ڪريم کي جيڪو بہ لقب ڏيو اهو سونهين ٿو. ڇو تہ سڀ ڪم پنهنجي نگراني ۾ ڪرايا آهن ۽ دين اسلام لاءِ هميشه ڪوشان رهيا آهن، ديني تعليم جي سربلندي لاءِ جامعہ راشديہ جون شاخون سنڌ ۽ ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ قائم ڪيون پيون وڃن. ۽ اتي اينڊڙ جماعت ۽ واسطيدارن کي ديني ۽ دنياوي تعليم واسطي هدايتون ڏيڻ، پاڙي وارن سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ جي هر پيري تلقين، قانون جو احترام ڪرڻ ۽ ان جي بالادستي برقرار رکڻ لاءِ نصيحتون ڪندا آهن. جيڪي اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا کي هڪ اهڙي روحاني پيشوا جي حيثيت سان متعارف ڪرائين ٿيون جيڪو رب پاڪ جي خوشنودي، سنت نبوي ﷺ جي پيروي ۽ قانون جي احترام جو خواهان آهي. اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جي ٻن فرزندن پير سيد صبغت الله شاهہ راشدي (راجا سائين) ۽ پير سيد صدرالدين شاهہ راشدي (يونس سائين) پڻ عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي، ٻئي ڀائر جڏهن بہ حڪومتي عهدي تي فائز رهيا آهن تہ انهن حر جماعت سان گڏ سنڌ جي عوام جي پڻ ڀرپور خدمت ڪئي آهي. ۽ پنهنجي اصولي سياست ذريعي سياست ۾ سچائيءَ جو عنصر قائم رکيو آهي. اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جي سرپرستي ۾ نڪرندڙ سنڌ جي عوام جي ترجمان اخبار روزانہ "مهراڻ" هڪ وڏي عرصي کان سنڌ واسين، ملڪ ۽

قوم جي خدمت ڪري رهي آهي، ان اخبار ۾ لکيل مضمونن، ايڊيٽوريلز ۽ تجزين ذريعي وقت بوقت حڪومت کي اهڙا ته مفيد مشورا ڏنا ويچن ٿا جن جي روشنيءَ ۾ حڪومتي فيصلا ٿيندا ڏنا ويا آهن ۽ بحرانن جو شڪار حڪومتون انهن سٺن مشورن تي عمل ڪري وقتي بحرانن کي حل ڪنديون رهيون آهن. مهراڻ اخبار سنڌ واسين سان گڏ حر جماعت ۽ واسطيدارن جي خدمت لاءِ پڻ پاڻ پتوڙي رهي آهي. سنڌ جو عوام ان اخبار ذريعي پنهنجا هزارين مسئلا حل ڪرائي چڪو آهي.

اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جي علمي ذوق ۽ شوق جو مشاهدو ڪرڻو آهي ته درگاهه شريف پير جو ڳوٺ ۾ قائم سنڌ جي عظيم الشان لائبريري کي ڏسڻ گهرجي، جنهن ۾ هزارين ناياب ڪتاب زندگيءَ جي هر عنوان تي موجود آهن. اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا ان لائبريري جي هڪ حصي ۾ اڪثر مطالعي ۾ مصروف رهندا آهن، جنهن مان سندن علم سان لڳاءُ ۽ چاهت جي خبر پوي ٿي.

منهنجي مرشد منهنجي رهبر اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جي هڪ خوبي اها به آهي ته پاڻ بنا ڪنهن هٻڪ جي سچي ڳالهه چئي ڏيندا آهن جنهن ۾ اڪثر وقت جي حڪمرانن لاءِ مفيد مشورا به شامل هوندا آهن. جيڪڏهن اسان جا حڪمران اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جي مفيد مشورن تي عمل ڪن ته جيڪر ملڪ بحرانن مان نڪري سگهي ٿو. اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا هميشه وطن عزيز پاڪستان ۽ پاڪستاني قوم لاءِ دعاڳو رهيا آهن، اهو سندن طريقه ڪار رهيو آهي ته ڪنهن به تقريب ۾ يا ڪنهن کي زيارت جو شرف بخشڻ بعد دعا لاءِ هٿ مٿي ڪٽي ڏٽي ذر دعاڳو ٿيندا آهن. ۽ حاضرين مجلس توڙي مريدن ۽ عقيدتمندن کي دعائن سان نوازي ڇڏيندا آهن. اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا صابرين، مدبر، سنجيده ۽ نرم دل انسان هئڻ سان گڏ پاڪستان جو واحد سياستدان آهي جنهن جا حر ملٽري ڪمانڊ هيٺ ڪم ڪري رهيا آهن. ۽ وطن عزيز تي ڪنهن به ڏکئي وقت يا حالت امن ۾ انهن پنهنجو فرض احسن طريقي سان نڀايو آهي. شال ملڪ جا سمورا سياستدان اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا وانگر سچي سياست ۽ حب الوطني جو جذبو دل ۾ رکن ته جيڪر هن ملڪ جو عوام خود ساخته مسئلن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺي. ۽ هيءَ پاڪ ڌرتي امن، خوشحالي ۽ سڪون و آرام واري ڌرتي بڻجي وڃي.

اخر ۾ مان اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جي سهڻي مزاج متعلق پنهنجي قلم کي جنبش ڏيان ٿو ۽ اميد اٿم ته ڪنهن حد تائين پنهنجي مشاهدي کي قلمبند ڪري سرخرو ٿيندس. اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جي مزاج جي اها انفراديت آهي ته ساڻ ملاقات ڪندڙ هر ماڻهو خوش ٿيندو آهي. ۽ ملاقات جي اختتام تي اداس ٿي ويندو آهي. ان جو سبب اهو آهي ته اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا ساڻن ملاقات ڪندڙ هر ننڍي توڙي وڏي ماڻهوءَ تي ڀرپور توجهه ڏيندا آهن ۽ گفتگو ان ريت ڪندا آهن جو ڪچهريءَ جو گمان ٿيندو آهي، هر وقت منهن تي مرڪ زبان تي سچ جي ٻولي، ڪنهن به انسان کي نه رنجائڻ سندن هڪ اهم خاصيت آهي. پاڻ روحاني ۽ دنياوي لحاظ کان اعليٰ منصب تي فائز هجڻ جي باوجود هر هڪ ماڻهوءَ سان اٿي ملندا آهن. جنهن مان پڻ سندن اخلاق جي بلنديءَ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. نه فقط ايترو پر موڪلائڻ مهل پڻ اهڙي ته گرمجوشيءَ سان خدا حافظ ڪندا آهن، جو وڃڻ وارو ان محفل مان وڃڻ جي ئي نه ڪندو آهي. اهو ئي سبب سندس اداسيءَ جو هوندو آهي، مان سمجهان ٿو ته ملڪ جي سياستدانن مان جيترو ادب اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا ۾ آهي اوترو ٻئي ڪنهن ۾ هرگز نه هوندو. ان ڪري ئي ساڻن هر هڪ تعلق رکندڙ، ملاقات ڪندڙ، ملازم، نيازمند، خادم، مريد ۽ عقيدتمند اهو ئي سمجهندو آهي ته اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جو سڀ کان وڌيڪ پيار ان سان ئي آهي. ان ڪسوٽي تي شايد اڄ جو ڪوبه سياستدان، وڏو ماڻهو يا عام ماڻهو پورو نه لهي سگهي. ان ڪري اسان پنهنجي مرشد رهبر جي وڏ ۾ وڏ عزت ڪرڻ سان گڏ ان جا هر وقت ڳڻ به ڳائيندا آهيون، جنهن کي اسان جي دل جو آواز ئي سمجهيو وڃي.

آئون هن مضمون جي ابتدا ۾ ئي اهو لکي چڪو آهيان ته اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جي ذات مبارڪ جي سمورن رخن بابت تفصيل سان لکڻ ناممڪن آهي، ڇو ته سندن هر هڪ خوبي لکڻ لاءِ هن مضمون کان گهڻو مواد موجود آهي. ان جي باوجود مضمون جي مناسبت سان جيڪي ڪجهه مختصر لکي سگهيو آهيان، لکيو اٿم ۽ اميد اٿم ته منهنجي هيءَ ڪوشش اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جي ذات مبارڪ تي لکڻ جي ابتدا ثابت ٿيندي. شال باري تعاليٰ مون کي منهنجي مرشد رهبر جي حڪم تي هلڻ جي توفيق ڏئي ۽ سندن هميشه منهنجي مٿان شفقت رهي. جو آءُ سندن اعتماد تي پورو لهان●

# پاڳارا خاندان ۽ سنڌ

فقير حاجي محمد خان ٽالپر ٽنڊوباگو

حضرتا! هي فقير نه اديب ۽ نه ليکڪ آهي. البت حضرت روضي ڌڻي عليه رحمت جن کان عنايت ٿيل ذکر ڪامل يقين سان دل ۾ مهر ٿيل آهي. ۽ اعليٰ حضرت مرشد سائين سورهيه ڌڻي (جنهن کان ذڪر عنايت ٿيل اٿم) ۽ موجوده محبوب منهنجي مرشد تان سنڌم جان پڻ قربان آهي ۽ رهندم، "انشاء الله تعاليٰ" گذريل چند عرصي دوران اخبارن ۾ اسان جي جماعت سڳوري ۽ انهن جي عظيم رهبر تي ڪجهه تعصب پرست تنقيدون شايع ڪرائي پنهنجي پاڻ کي ميان منو سمجهي رهيا آهن. انهن جي خدمت ۾ تاريخ جا چند ورق ملاحظه لاءِ پيش آهن. يقينن انهن جي علم ۾ به اهي زرين ڪارناما اظهر من الشمس هوندا. تاهم اهي تنقيد براءِ تنقيد جي رستي تي معلوم ناهي ڇو گامزن آهن. الله پاڪ کين هدايت عطا فرمائي آمين. جماعت سڳوري ۽ پڙهندڙن جي خدمت ۾ واضح ڪندو هلان ته منهنجي نظرن ۾ ڪتاب ۽ رسالا جنهن ۾ اسان جي گادي نشين جا ذڪر هوندا آهن، اهي مطالعي لاءِ سڀ کان اهم ڄاڻندو آهيان، پڙهندڙ سڄڻن جي خدمت لاءِ ڪجهه تواريخي واقعات هن طرف پيش آهن، سنڌ ۾ پيري مريدي جا ڪافي خاندان اهڙا پيا آهن جن جي عقيدت مندن جو تعداد لکن ۾ چئي سگهجي ٿو. انهن مان "پير پاڳارا" جو خاندان نمايان آهي. "حر تحريڪ" جو تعلق پڻ انهي خاندان سان آهي. هن تحريڪ جو سلسلو هڪ صدي کان پڻ زياده جو آهي. جنهن ۾ سيد احمد بريلوي جي سکن جي خلاف تحريڪ ۾ معاونت (1831-1826ع) انهي وقت کان جڏهن سنڌ تي ٽالپرن جي حڪومت هئي ۽ ٽي تحريڪون (1) 1895ع کان 1896ع تائين (2) 1929ع کان 1930ع تائين (3) 1941ع کان 1943ع تائين خاص اهميت واريون هيون. سيد احمد شهيد سکن جي خلاف 1824ع کان اعلان جهاد ڪيو. (حالانڪ حضرت پير سائين صبغة الله شاهه اول تجر ڌڻي اهل سنت جا عقائد رکندڙ هو ۽ جڏهن ته سيد احمد بريلوي پڪو وهابي هو، پير صاحب جن گادي نشين ٿيڻ کان

ڀرين ۾ ڌارين خلاف جهاد ڪرڻ جو ارادو رکندا هئا.)

جنهن زماني ۾ سيد احمد شهيد هندستان ۾ تحريڪ مجاهدين جي تنظيم ڪري رهيو هو. ٺيڪ انهي دور ۾ سنڌ جي جليل القدر روحاني پيشوا حضور سيد صبغت الله شاهه (پهريون) ساڳئي نظم و ضبط سان فڪري ۽ نظري تحريڪ جو آغاز ڪرڻ فرمايو!. حضور جن پنهنجن جان نثارن ۽ مريدن کي روحاني ۽ اخلاقي اعليٰ تربيت سان گڏوگڏ عسڪري ترٻيت جو پڻ خاص بندوبست ڪرڻ فرمايو، سندن ذهن ۾ هيو ته بوقت ضرورت ملت اسلاميه جي خاطر پنهنجي جان جي بازي لاءِ قدم مضبوط رهن.

حضرت سيد صبغت الله بن مربي و مرشدنا حضرت پير محمد راشد عليه رحمت، سنڌ جي مشهور صوفيائي ڪرامِ جي خاندان جا چشم چراغ هيا. جيڪي حضرت سائين محمد راشد روضي ڌڻي جي رش و هدايت واري گادي جا وارث ٿيا ۽ دستار مبارڪ سندن سر مبارڪ تي سونهڻ لڳي. انهي خاندان جا پاڻ پهريان پير صاحب هئا. جو "پير پاڳارو" (صاحب دستار) جي شايان شان لقب سان مشهور ٿيا ۽ تاقيامت رهندا. "انشاءَ الله تعاليٰ" حضور پير مرشد سائين جن جو حسب نسب حضرت علي مڪي رحمت الله عليه سان وڃيو ملي ٿو. جيڪي اسلامي دور ۾ حجاز مان هلي بغداد ۽ پوءِ سنڌ پهتا ۽ اچي سڪونت پذير ٿيا. ۽ سيد صبغت الله شاهه اول جو ٻيو ڀاءُ محمد ياسين شاهه جيڪي علم (جهنڊو) ڪٺي عليحده ٿي ويا ۽ پير جهنڊي جي لقب سان مشهور ٿيا. حضرت مرشد سائين سيد صبغت الله شاهه پهرين جڏهن مسند رشد و هدايت کي زينت بخشي، انهي وقت هندستان ۾ مغلن جي حڪومت جو آفتاب غروب ٿي رهيو هو. پنجاب تي سکن جو تسلط ۽ سنڌ تي انگريز توڙي سک بد نظرون رکندي موقعي جي تلاش ۾ هئا. جماعت سڳوري ۾ توڙي ٻين تاريخ جو مطالعو ڪرڻ وارن کي خصوصي يادگيريون ڏيارڻ فرض ٿو سمجهان، ته جيئن اصلي تاريخ هن سامهون اچي سگهي. گادي مبارڪ تي اسان جي مرشد سائين سيد صبغت الله شاهه اول کان وٺي موجوده محبوب مرشد اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا تائين هر گادي وقت جي ضرورتن کي ڪڏهن به پاسيرو نه رکيو آهي، رهيون منافق اکيون ۽ سوچ ويچار رکڻ وارا مطالعي بعد به انڪاري ٿا رهن! نه معلوم دنيا ڪيترو عرصو اڳي خلقي وئي، ڪئين فرعون ۽ نمرود آيا ۽ ويا! بلڪه اڄ تائين باقي آهن ۽ قيامت جي پڪڙ تائين شايد سڀ ڪجهه ڏسڻ خاطر موجود پيا هجن! بهرحال هي فقير

تواريخي مشاهدا پيش ڪرڻ فرض ٿو سمجهي.

سنڌ اهو واحد ملڪ هيو جنهن جي سپوتن ۽ وارثن انگريز سان گڏوگڏ سکن سان پڻ نفرت ڪئي هئي. ڇاڪاڻ تہ انگريز، غاصب هئا، شاطر هئا. هوڏانهن سک پنجاب ۾ مسلمانن سان عقوبتون ڪندا هئا ۽ انهن جي مذهبي معاملات سان توهين آميز سلوڪ روا رکندا هئا. نتيجي ۾ سيد احمد شهيد 1826ع ۾ سکن جي خلاف جهاد جو اعلان ڪيو. جيئن پنجاب کي راجا رنجيت سنگهہ جي قبضي مان آزاد ڪرائي اسلامي ۽ ديني تشخص کي قائم رکجي. جناب سيد احمد شاهہ ۽ سيد اسماعيل دهلي کان پنهنجي مجاهد فورس ساڻ ڪري راجستان جي صحرا، رڻ پٽ کي پار ڪري سنڌ ۾ داخل ٿيا تہ جيئن سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن کان تعاون حاصل ڪري، پهريان پشاور کي سکن جي قبضي مان آزاد ڪرائي پوءِ لاهور جي طرف رخ رکجي. هي پهريون موقعو هو جو اسلامي ۽ ديني تشخص کي قائم رکڻ لاءِ هڪ مذهبي تحريڪ ايڏي ڏورانهين پنڌ تي پنهنجو هدف بڻايو هو. سنڌ جي ٽالپر ميرن سيد احمد جي خاطر خواهہ مهماني تہ ڪئي پر فوجي مدد کان مصلحتن ڪناره ڪشي اختيار ڪئي. ٻئي طرف سنڌ ۾ اهڙا بہ پيري مريدي وارا خاندان هئا جيڪي پنهنجي طور تي مناسب تعاون ڪرڻ جي حيثيت جا حامل هئا. سيد صاحب جڏهن پير صاحب پاڳاري حضرت سيد صبغت الله شاهہ (اول) سان راڻيپور جي منزل تي ملاقات ڪئي تہ صرف شاهہ صاحب جي پير ڳوٺ ڪنگري ۾ پوري لشڪر سميت ٽن ڏينهن تائين مهماني ڪئي وئي. پر وڃڻ وقت پنهنجن فقيرن (مريدن) مان پنج سئو مجاهد فورس پڻ مدد لاءِ ڏنا ويا. شاهہ صاحب جو پير سائين پاڳارا تي ايڏو تہ اعتماد ٿي ويو جو پنهنجي اهل و عيال کي سام طور پير ڳوٺ ۾ ڇڏي ۽ پاڻ پشاور جو رخ رکيائون. پختونن جي اسلام سان ديني وابستگي جذباتي حد تائين هوندي آهي. انهن ايڏي تہ پيماني تي سيد صاحب جو ساٿ ڏنو جو سکن سان دوبدو معرڪن ۾ ويڙهہ ۾ سنيون ڪاميابيون نصيب ٿيون. ۽ 23 جون 1830ع تي پشاور بہ فتح ٿي ويو. ان موقعي تي انگريزن پنهنجي بهتري ۾ سکن جو ساٿ ڏنو. آخرڪار شاهہ صاحب سان بالا ڪوٽ تي 1831ع ۾ سکن سان سخت ويڙهہ ٿي ان ۾ سيد احمد، سيد اسماعيل ۽ ٻيا ڪيترائي سرڪرده رهنما ۽ مجاهد شهيد ٿي ويا. ۽ هي تحريڪ ناڪامي سان هم ڪنار ٿي، حضرت سيد احمد جي ناڪامي جو هڪ وڏو سبب هي بہ هيو جو مرشد حضرت پير



سائين حضرت صبغت الله شاهہ جن پهرين رمضان 1246 هہ ۾ وفات فرمائي. اهڙي طرح سپلاءِ لائن فوجي، افرادي امداد ۽ روحاني طاقت جيڪا حضرت سيد

مير خدا بخش ٽالپر (لانمبٹ) جي پير سائين پاڳاره سان يادگار تصوير

احمد کي جاري هئي اهو سلسلو منقطع ٿي ويو.

حضور قبلہ سائين صبغت الله شاهہ جا ٻہ صاحبزاده هئا. سيد پير علي گوهر شاهہ اول "بنگلي ڌڻي" سندن وفات بعد پهرين رمضان 1246 هہ/ 1831ع بعد سجاده نشين ٿيا. پاڻ ٻيو نمبر پير پاڳارا ٿيا ۽ بنگلي ڌڻي سان متعارف ٿيا. پاڻ شعر و شاعري ۽ ادب، علم فارسي سان بہ دلچسپي رکندا هئا. سندن تخلص اصغر هو. سندن دور ۾ تحريڪ مجاهدين جو هڪ گروپ آزاد علائقي جي طرف ويندي پير جو ڳوٺ ۾ ڪجهہ عرصو قيام فرمايؤ. جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ آزاد حڪومت الاهي جي سلسلي ۾ پير

جو ڳوٺ مرڪز سمجهيو ويندو هو.

1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي غاصبانہ قبضو ڪيو، سيد صبغت الله شاھ "اول" پنهنجي طور تي انگريزن کي ڪڏهن بہ تسليم نہ ڪيو هو. پير سيد صبغت الله شاھ (اول) جنهن پنهنجن مريدن جي روحاني ۽ اخلاقي تربيت سان گڏوگڏ فوج جو پڻ اهتمام ڪيو. سندن وفات بعد علي گوهر شاھ عليہ رحمت (بنگلي ڌڻي) بہ ساڳي پاليسي تي عمل ڪرڻ فرمايو، سندن وفات 28 اپريل 1847ع بعد حضرت مرشد مربي سائين حضرت سيد حزب الله شاھ "تخت ڌڻي" گادي تي جلوه افروز ٿيا. پاڻ مريدن ۾ مجاهدانہ شوق و ذوق سان تنظيم کي قائم رکيو. 1886ع ۾ جڏهن سکر روهڙي پل (لئنسڊائون پل) جي مڪمل ٿيڻ جي تقريب تي ۽ ان ۾ انگريزن ظاهر ظهور شراب ورهايو ۽ پيتو تہ سائين حزب الله شاھ ان تي سخت احتجاج ڪيو تہ اوهان کي کهڙو حق ٿو پهچي تہ اسان جي شعار خلاف حرڪتون ۽ پيچڪڙيون ڪريو. صرف ايترو نہ بلڪ پير صاحب ترڪي جي سلطان ۽ خليفہ کي خط لکي انگريزن جي ڪڌن ڪرتوتن کان آگاھ ڪندي سخت نفرت جو اظهار ڪيو. ۽ ترغيب ڏني تہ ڪنهن بہ طرح انگريزن کي هندستان مان ڪڍيو وڃي. بهرحال انهن حالتن کي مدنظر رکندي بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ پير ڳوٺ جي مالڪن ۽ سندن حر جماعت ڪڏهن بہ انگريزن کي دل سان قبول نہ ڪيو، اهي مسلسل کين پريشان رکندا آيا. نہ ڪڏهن سندن وفادار ٿيا ۽ نہ ٿيڻ چاهيائون.

1943ع ۾ پڻ حر جماعت جا مرد توڙي عورتون باهمت ۽ جانثار ٿيا. مير شير محمد خان کي جو ان وقت انگريزن جي خلاف تحريڪ آزادي هلائي رهيو هو، انگريزن جي گهوڙي سوار دستي کان محفوظ ٿيڻ لاءِ پيڙين جي رستي مکي ڍنڍ لڳ گهاٽن جهنگلن ۾ پهچائي ڇڏيو. انگريز سوار مجبورن انهن جي وڏيڪ ڳولها ڪري نہ سگهيا. حضور مرشد حضرت حزب الله شاھ تخت ڌڻي عليہ رحمت جي دور ۾ حر مجاهدن جي ظاهري خاموشي انگريزن جي غلط فهمي جو سبب بڻي. انهن اندازو لڳايو تہ پير صاحب اسان جي رعب ۾ اچي اسان جا خير خواھ ٿي رهيا آهن. انهيءَ ڪري سنڌ جي ڪمشنر خان بهادر خداداد خان (مولف لب تاريخ سنڌ) کي ڪجهہ تحفا ڏئي پير صاحب ڏانهن موڪليو. جنهن هڪ وڏي مجلس جو بندوبست ڪري اهي تحائف پيش ڪيا. انهن ۾ هڪ سونهري تلوار ۽ آفرين نامون پيش ڪيو.

حضور تخت ڌڻي بادشاهہ مصلحتن انهن تحفن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪونہ ڪيو، تہ جيئن انگريز اصل حقيقت نہ سمجهي سگهن تہ حرن کي خاموش رهڻ جي تلقين محض وقتي طرح لاءِ هئي. انهي جي باوجود لب تاريخ سنڌ جي مصنف سرڪاري پرچي نويس جي حيثيت ۾ جو ڪجهہ لکيو انهي مان اندازو هيو تہ حرن فقيرن، وقتن بہ وقتن انگريز فوج جي دستن تي اچانڪ حملا ڪري انهن کي نقصان پهچائي پريشان ڪندا رهندا هئا. جنهن سبب حڪومت بدحواس بنجي پي رهي. اهو ئي سبب هو جو ان وقت جي انگريز حڪومت، پير سائين جن تي ڪڏهن دٻاءُ تہ وري ڪڏهن خوشامد ڪندي حرن سان وڏي ٽڪراءُ کان اهي بچاءُ حربا استعمال ڪندي رهي.

پير سائين سيد حزب الله تخت ڌڻي جي حياتي 2 محرم، 1808 هہ مطابق 21 آگسٽ 1890ع تائين ڪجهہ احرائي حالات رهيا. سندن رحلت بعد سيد پير علي گوهر شاهہ (ثاني) "محفي ڌڻي" گادي تي جلوه افروز ٿيا. سندن دور ۾ باقاعدي ۽ ظاهر ظهور انگريزن جي خلاف تحريڪ زور ورتو. 1896ع ۾ باقاعده گوريلا جنگ ڪندي سانگهڙ جي علائقي کي 12 حرن مجاهدن انگريزن جي تسلط کان آزاد ڪرايو. عين ان وقت حضرت سائين علي گوهر شاهہ صاحب جن وفات فرمائي. پاڻ لاولد هيا. سائين علي گوهر شاهہ عليه رحمت محفي ڌڻي محرم الحرام 1314 هہ مطابق 1896ع ۾ وفات فرمائي. گاديءَ مبارڪ تي سندن ننڍا ڀاءُ جناب حضرت پير شاهہ مردان شاهہ (اول) سجاده نشين ٿيا. پاڻ پڻ تحريڪ ۾ جوش پيدا ڪرڻ فرمايو "حر" فقيرن جا حوصلا اينترا بلند ٿجي ويا جو اهي پوليس ٿاڻن ۽ گورنمينٽ دفترن تي حملا ڪندا رهندا هئا. انهي دور ۾ فقير "حرن" کي ڌاڙيل ۽ رهزن ليکيو ويو. اهو غلط هيو سوچ ۽ سمجهہ جي ڳالهہ آهي تہ ڌاڙيل ڦر مارڪن ۽ پوليس کان بچندي پنهنجون ڪارروايون ڪن پر حر بجاءِ انهي جي ٿاڻن ۽ سرڪاري دفترن ۽ سرڪار جي مخبرن، چاڙتن کي نشانو بنائيندا رهيا. انهي دور ۾ "بچو بادشاهہ" "پيرو وزير" بچو خاصخيلي ۽ پيرو وساڻ جي اڳواڻي ۾ "مکي پيلي" کي پنهنجو مرڪز بنائي سانگهڙ ضلعي جي وڏي ايراضي (2000) ٻہ هزار چورس ميلن ۾ آزادي جو اعلان ڪيو. انهن حرن فقيرن ۾ گلو موچي، ٽڳيو چانگ، پلو ڳاهو، خميسو وساڻ، فتلو قاضي ۽ قلان ڪاسائي پڻ شامل هيا. انهن فقير کي "مکي جا مور" پڻ جيو ويندو آهي.

هڪ مشهور واقعو آهي تہ ان دور ۾ پوليس جمعدار جولاسنگهہ. علي

الاعلان چوندو هو تہ اهي ”مور“ مون سان مقابلو ڪن تہ انهن ڪي سندن ابا ڏاڏا بہ وساري ڏيندس. هڪ ڀيري ”ڀرم بري“ سالائي ميلي ۾ هن اها دعا بہ گهري تہ يا الله...! اڄ ڪي حر ڏيار! ويرم ئي نہ گذري تہ.موت ان جي مقابلي لاءِ پهچي ويو! ڀريل ميلي ۾ ”فقير حرن“ جولا سنگهہ ۽ سندس ساٿين کي للڪاريو ۽ ڪين گولين سان پروڻ ڪري ڇڏيو!! (رهبر ڊائجسٽ اپريل 1983ع ص 292). 1896ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر ايچ ايم جيمس حر تحريڪ جي باري ۾ گورنر کي انهي ڊگهي رپورٽ ۾ انهن جو حب الوطني هنن لفظن ۾ تسليم ڪئي آهي تہ ”حرن جو اندازو آئرلينڊ جي هارين وارو آهي“ ۽ دنيا کي خبر آهي تہ آئرلينڊ جا هاري پنهنجي وطن جي آزاد فضا ۾ ساهہ کڻڻ چاهين پيا ۽ ڌارين جي حڪومت جي خلاف جدوجهد ڪندا رهيا آهن. هن آزاد حڪومت جو عرصو هڪ بہ سال نہ پر 12 سالن تي مشتمل آهي، جتان حڪومت کي ٽيڪس بہ نہ ملندو هو پر خود انهن کي ٽيڪس ادا ڪرڻو پوندو هو. هڪ ڀيري مکي ٻيلي ويجهو انگريزن جا سپاهي ڪاٺيون ڪري رهيا هيا تہ فقيرن حملو ڪري ٻن سپاهين کي قيدي بنايو، نتيجي ۾ باقي سپاهين اچو جهنڊو ڦڙڪائي نہ صرف امان گهري بلڪہ اهو بہ لکي ڏنو تہ آئنده ٽيڪس ادا ڪرڻ بغير هتان ڪابہ شيءِ نہ کڻندا. (رهبر ڊائجسٽ اپريل 1973ع) حڪومت ڊگهي عرصي تائين نہ صرف حر مجاهدن سان مقابلو ڪندي رهي پر انهن تي غالب پوڻ لاءِ مڪر ۽ فريب جي پاليسي هيٺ فرنگين (انگريزن) پنهنجي روايتي چال جاري رکي. هنن هن وقت اها چال رکي تہ جاسوسي ڪرايو وڙهو وڙهايو ۽ حڪومت ڪريو! جاسوسي ڪرڻ ۽ حڪومت کي مدد ڪرڻ وارن غدارن کي وڏا انعامات ڏنا ويندا هيا. حرن کي پنهنجن هم وطنن لاءِ فقط هڪ ئي شڪايت هئي تہ اسان سان گڏجي انگريزن سان وڙهو! يا اسان کي وڙهڻ ڏيو!! يا اوهين غيرجانبدار رهو!! مگر حريص ۽ خوشامدڙيا ماڻهو حرن جا خيرخواهہ بنجي انهن ۾ ملي ويندا هيا ۽ ۽ سندن راز غير ملڪي آقائن کي پهچائيندا رهندا هيا. جنهن جي عيوض غدار خطير رقم ۽ هر طرح سان نوازيو ويندو هو! اهي پاڻ کي انگريزن وٽ ڏاڍا سرخرو ۽ خوش پيا ٿيندا هيا! حڪومت ڊگهي عرصي تائين سنڌ مان پوليس فورس گڏ ڪري فوج جي مدد سان انهن تي گهيرو ڪيو، نتيجي ۾ وڏو مقابلو ٿيو. ڪيترائي حر شهيد ٿي ويا ۽ سرڪاري پوليس جا جوان بہ موت کان بچي ڪونہ سگهيا.

انگريزن 1857ع جي ظالمانہ سلوڪ جو بيھر دفتر کوليو. جيڪي حر گرفتار ٿيا انھن کي ڦاسين تي لٽڪايو ويو. پير سائين جن جي هزارين مريدن کي، جن جو گوريلا جنگ سان تعلق بہ نہ هو. انھن کي گرفتار ڪري ڪيترن ئي سالن تائين جيلن ۾ بند رکيو ويو. جيل ڀرجي ويا تہ لوڙهن ۾ ڪئمپون ٺاهي قيدين (حُرن) کي ڍنڍا ٻيڙيون هڻي، اذيتون ڏيئي، رات ڏينهن بي آرام رکيو ويو. سندن زمينون ضبط ڪيون ويون. ڪاري پاڻي جي سزا ڏني وئي، جتان ڪڏهن بہ ڪير واپس نہ آيو آهي. حرن تي سخت پهرو رکندي سانگهڙ ميرپورخاص، ڪنگ پٽي جمڙائو ۽ ٻين ڪيترن ئي جاين تي نيون پوليس چوڪيون قائم ڪيون ويون. هڪ طرف حرن ۽ انھن جي خاندانن تي انتهائي سختي ۽ ظلم ٿيندو رهيو تہ ٻئي طرف بچو بادشاهہ ۽ سندس ساٿي سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر ۾ انگريزن لاءِ وڏو چئلينج بڻجي ويا. حڪومت انھن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ هنڌين ماڳهين ڇاپا هڻي رهي هئي ۽ هو وطن جا غازي فرنگين جي فوجن کي پريشان ڪرڻ لاءِ نئين انداز ۾ حملا ڪري رهيا هئا. ظاهري طور تي حرن جي شڪست جو ڪوبہ امڪان نظر نہ ٿي آيو. ڇاڪاڻ تہ مڪي جي جهنگلن ۾ فوج بہ وڃڻ کان گهبرايو ٿي. ۽ انھن تي خوف ۽ هراس حاوي هوندو هيو. ڇو تہ قدم قدم تي انھن کي اوچتي گولين جي وسڪاري کي منهن ڏيڻو ٿي پيو. ٻئي طرف حڪومت پير صاحب جن سان بہ رابطو رکندي آئي. پير صاحب جن جي هدايتن بعد جڏهن مقابلن جي وارداتن ۾ ڪمي آئي تہ حڪومت ان مان ناجائز فائدو ورتو. ان شڪ جي بنياد تي لاتعداد ماڻھن کي گولين مان ڪڍيو ويو ۽ ڦاسيون ڏنيون ويون. حڪومت جي ظالمانہ ڪارروائين کان تنگ اچي ٻن سالن جي اندر يعني 1898ع ۾ حرن وري پنهنجون ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون، مگر پير صاحب جن حالات کي بلڪل ناسازگار ڏسي پاڻ ان کي روڪي ڇڏيو. ان هوندي بہ ننڍيون وڏيون ڇڪريون حڪومت ۽ انتظاميہ خلاف جاري رهيون ۽ فرنگين کي ڪڏهن بہ سک سان ويهڻ نہ ڏنو ويو.

ڏنو وڃي تہ پوري برصغير ۾ ڪوبہ اهڙو مثال نہ هيو جو هڪ گروهہ سالن کان غاصب حڪمرانن کي بي-آرام رکندو هجي. اهو صرف ۽ صرف سنڌ ۾ حضرت پير صاحب پاڳارا جن جي خاندان جي مريدن فقيرن جو مثال آهي، جن سنڌ جي فتح ٿيڻ بعد نہ صرف پوري اڌ صدي تائين بہ، پرمارن کي چين سان ويهڻ نہ ڏنو. جناب حضرت شاهہ مردان شاهہ ”ڪوٽ ڏتي

رحمت الله عليہ جن جو انتقال 7 ربيع الاول 1440 ھ مطابق 9 نومبر 1921 ع تي ٿيو. تنهن بعد سندن نو عمر صاحبزادو پير سيد صبغت الله شاھ (ثاني) "پڳ ڏٿي" گادي نشين ٿيا. سندن عمر ان وقت 12 سال مس هئي، گادي تي جلوه افروز ٿيندي ئي پاڻ انگريزن طرفان سندن چاچي مرحوم پير علي گوهر شاھ ثاني "محافي ڏٿي" کي مليل آفرين نامہ جو فريم ديوار تان لاهي ائين فرمائيندي اڇلائي ڇڏيو "اسان جا بزرگ ڪيترا نہ سادا هيا! خدا وند تعاليٰ کين وڏي عزت بخشي پوءِ بہ هي آفرين نامون موجود آهي (تبسم چوڌري تذڪره پيران پاڳاره ص 41) ان ۾ سندس خودداري، عزت نفس، حريت پسندي، خانداني عزم و همت ۽ انگريزن سان نفرت جي پروڙ پوي ٿي. جيئن تہ پاڻ صغير هيا سندن ڪيترن ئي رشتيدارن کيً حڪومت مثائن نگراني ڪرڻ ۽ حڪومت جي حق ۾ راضي ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري ڇڏيا، ۽ مخبرن جو چار پکيڙي ڇڏيو. جيڪي هر وقت پير صاحب جن جي هر چرپر تي ڪڙي نظر رکندا هيا. جيئن تہ حڪومت پير صاحب کي گرفتار ڪرڻ گهريو ٿي ۽ اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هئي ۽ ڪيترائي بهانا ڳولي رهي هئي.

1929 ع ۾ پير ڳوٺ جي هڪ عورت، سکر پوليس کي هڪ درخواست پيش ڪئي تہ سندس پٽ ابراهيم ڪوري کي پير صاحب قيد ڪري رکيو آهي. سندس خلاف بغاوت، غير قانوني هٿيار ۽ ابراهيم کي حبس بيجا ۾ رکڻ ۽ ابراهيم جي "مريم" کي قتل ڪرڻ جي ڪوڙي ڪيس ۽ سازش ۾ مقدمو هلايو ويو. هن مقدمہ جي الزامن تحت ابراهيم ڪوري کي ناحق بند رکڻ، غير قانوني 12 رائيفلون، 3 بندوقون، 2 ريوالور ۽ پنڌرنهن هزار ڪارتوس ۽ گوليون بہ لڳايون ويون. جيئن تہ انگريزن تمام خطرناڪ مقدمو ٺاهيو هو. انهي سبب حضور مرشد قبلہ سائين جن هندستان جي مشهور معروف بئريسٽر جناب محمد علي جناح (قائداعظم) کي مقرر ڪيو. بمبئي کان سکر ڪيس جي پيروي لاءِ ايندا هيا. مقدمي جي اڃان چوٿين پيشي هئي تہ جناح صاحب جماعت سڳوريَ جي فقيرن صاحبن کي واضح الفاظن ۾ ٻڌايو تہ فرنگي حڪومت ڪنهن بہ صورت ۾ پير صاحب جن کي آزاد هرگز ڪونہ ڪندا. محمد لائق زرداري پنهنجي ڪتاب "تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو" ۾ لکيو آهي تہ انهي سبب محمد علي جناح حضرت سائين جي مريدن کان ورتل ايڊوانس في جا پئسا واپس ڪري ڪيس جي پيروي تان معذرت گهري. ڪيس جي فتويٰ آئي جنهن ۾ "مريم" جو قتل ثابت ٿي نہ سگهيو.

البتہ بين الزامن تحت پير صاحب جن کي 8 سال سزا ٻڌائي کين "رتناگري" جيل "پونا" موڪليو ويو.

انهي جيل ۾ پاڻ پنهنجي جد امجد حضرت پير محمد راشد "روضي ڌڻي" رحمت الله عليه جي "ملفوظات شريف" جو بہ غور سان مطالعو فرمايو ۽ ان سان گڏوگڏ فارسي، سنڌي ۽ اردو جا ڪافي ڪتاب اخذ ڪري، هڪ انتخاب مرتب فرمايو. هتي ئي کين هندستان جي سياست کي سمجهڻ جو موقعو مليو ۽ پاڻ انگريزن جي غير منصفانہ پاليسي "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" تي غور فرمائيندي پنهنجو سياسي منشور مرتب فرمايو. (حضرت قبلہ مرشد سائين جن کي 29 آگسٽ 1930ع هاءِ ڪورٽ سکر جي فيصلي مطابق) کين رتناگري بعد ۾ مدناپور، ڍاڪا ۽ راجشاهي ۾ رکيو ويو. جتي جتي بہ کين جيترو وقت بہ رکيو ويو اتي فقيرن جو سائن رابطو بلڪل قائم رهيو. هن فقير جي ان وقت عمر 12-14 سال هئي. سندن مقدمي جي ڪارروائي سکر جي هڪ سنڌي اخبار ۾ شايع ٿيندي رهندي هئي. والد مرحوم فقير مير حاجي خدابخش خان ٽالپر ساڪن ٽنڊو باگو جن اخبار آڻيندا هيا. جا آئون نهايت دلچسپي سان پڙهندو هيس. ۽ گهر ۾ والده صاحب جن کي ٻڌائيندو هيس. ان وقت ۾ جناب مرحوم مير نور حسن خان جو بہ ترم تائون ڪاميٽي ٽنڊوباگو جنهن تقريبن پوري هندستان جو سير ڪيو ۽ نہ فقط انگريزي، سنڌي، اردو، هندي، گرمکهي ۽ سنسڪرت جو علم پڻ پڙهيو، دين کي سڃاڻڻ خاطر طريقا بہ بدلائيندو رهيو. ڪڏهن جوڳي، ڪڏهن پنڊت!! برهمڻ!! بولي ۽ زبان تي پورو مڪمل عبور هوندو هيس. .بعد ۾ خاڪسار تحريڪ ۾ جانباز بنيو. آخري دم تائين انهي تحريڪ لاءِ محبت رهندي آيس. آخري چند سالن ۾ جماعت اسلامي سان وابستہ رهيو. پاڻ مون کي ٻڌايائين تہ 1930ع ۽ 1934 درميان پاڻ بئنگلور طرف پنڊتن جي لباس ۾ مڪمل بدليل هيو. پيرن ۾ ڪاٺ جون جاڪڙيون، نراڙ تي سنڌور جو تلڪ ۽ ڪنڌ ۾ مالا رتناگري شهر ۾ هڪ وشنو هندو هوٽل ۾ ماني کائڻ لاءِ وينو هيو تہ نظرون ڦيرائيندي پاڻ هڪ "پنڊت" گرو تي نظر ڪيائين تہ شڪجي پيو! ۽ انهي بہ اشارن ۾ خاموش رهڻ جو اطلاع ڏنس. آخر ۾ انهي ڏينهن ٻنهي جي ملاقات ٿي. مرحوم مير صاحب ٻڌايو تہ اهو برهمڻ گرو ٽنڊي باگي جو "خليفو احمد لغاري" هو. جيڪو ويس بدلائي سالن جا سال وقت گذاري پنهنجي قبلہ مرشد پير سائين سورهيہ

بادشاهه عليہ رحمت سان ملندو هو. هيڏانهن وري جماعت سان پڻ رابطو رکندي آيو ۽ حضور سائين پاڳارا کي هر سهوليت پهچائڻ خاطر وڏو خرچ حڪم موجب ڪندو رهندو هيو. مرحوم مير نور حسن ڪڏهن ڪوڙ نہ ڳالهايو ۽ جي ممڪن آهي تہ منهنجي هم عمر (80 سال) وارن کي اها معلومات بہ هجي تہ واحد اهو مرحوم و مغفور خليفو احمد لغاري هيو جيڪو هر ڪمال سان پنهنجي روپ، لباس، زبان، اٿڻ، ويهڻ سڀ ڪجهہ پنڊتن جي روپ ۾ لڳندا هيا. جان جي بازي لڳائي پربس ۽ ڪٽر ڌارئي مذهب وارن سان اهو ويس رکندي مرشدن ڪريمن جي هر سهوليت خاطر هر ڀرپور عقيدت ۽ جذبي سان اهو ڪردار ادا ڪيو. سندن اهو ڪارنامو لکندي فخر پيو ٿئي. وري سن 1950ع ڌاري ڳاديءَ دائم قائم بڻائڻ لاءِ بہ ڀرپور ڪردار ادا ڪيائون.

سنہ 1937ع رتناگريءَ جيل مان پير صاحب سائين جن آزاد ٿيو تہ جماعت سڳوري جي فقيرن جي ڀرپور ڪوشش سان ڪلڪتي مان هڪ خاص اسپيشل ٽرين ذريعي روهڙي پهتا. سندن تشريف آوري تي روهڙي اسٽيشن کان پير ڳوٺ تائين رستي کي خوب سجايو ويو! اسٽيشن تي سنڌ جي لاتعداد وڏيرن، زميندارن پيرن، ميرن، مريدن ۽ معتقدن سندن والهانہ استقبال ڪيو. هندستان جي مختلف جيلن ۾ رهندي پير سائين جن جون برصغير جي ڪيترن ئي اهم سياسي شخصيتن سان ملاقاتون ٿيون. پر مرشد سائين جن ڪنهن بہ سياسي جماعت سان گڏجي ڪم ڪرڻ پسند نہ ڪيو ۽ پنهنجن وڏن جي پاريل جذبہ آزادي جي شمع کي ساڳين انداز ۾ روشن رکڻ جو وڏيڪ عزم ۽ حوصلہ کڻي وطن واپس پهتا.

برصغير جي ڪنڊڪڙڇ مان فقيرن جا قافلا ايندا رهيا. ديدار ٿيندا رهيا. پير ڳوٺ ڪنوار مثل سينگاريو ويو. "لقمان" خيرپور ميرس اسٽيشن تان پيادل ۽ ٽانگي وارا قافلا "ڀيج پاڳارا" جي تڪبيرن سان گونجيا. جهرجهنگ جهومر هٽي رهيو هو. مغرب ۽ فجر نماز بعد ذڪر لاالہ الاالله جي ڌوم هئي. هن مسڪين فقير پنهنجي والد ۽ ڏاڏا سائين مرحوم مير حاجي غلام شاهه خان سان گڏ درگاهه شريف تي موجود هيو. ياد خوب آهي تہ مسافر خانہ ۾ رهيا پيا هياسون! بجلي جو نالو نشان نہ هيو خاص ديدار ۽ عام زيارت جون جا تعريفون ڪجن. بس چئو طرف سبحان الله سبحان الله زبان تي هئي! ترت پوءِ پاڻ پوري سنڌ جو سفر فرمايائون. ڪجهہ مهينن بعد

سورهيہ بادشاهہ. گڙنگ بنگلي سانگهڙ ۾ خاص خليفن ۽ مريدن جي گڏجاڻي ڪرائي. مريدن جي تربيت جا بندوبست ڪيا ويا. ڪجهہ هٿيار پڻ فقيرن آڻڻ شروع ڪيا! وڏيڪ ڊسپلين پيدا ڪرڻ لاءِ مريدن کي حڪم ڪيائون تہ هر قسم جي نشي کي ترڪ ڪيو وڃي. ٻئي پاسي انگريز سرڪار جا وفادار ۽ ڌرتي جا غدار، آزادي جي هر عمل جي خبر سرڪار تائين پهچائيندا رهيا. ٻئي پاسي انگريز سرڪار هڪ پروپيگنڊه جي مهم هلائي جنهن ۾ ڏيهي غدارن وڏو ساٿ ڏنو. اها پروپيگنڊه هئي تہ حر رهزن "ڌاڙيل" آهن ۽ دهشتگردي ڪري سنڌ جو سڪون برباد ڪرڻ گهرن ٿا. انگريز ميڊيا جي استعمال پروپيگنڊا جي ٽيڪنڪي پهلوئن کان بلڪل واقف هيا ۽ انهن جي ڳالهہ جو هر هنڌ اثر ٿيندو رهيو ۽ سنڌ جي ان وقت جي سياستدانن ۽ اقتدار جي بوڪڙين سر، خان بهادرن، خانصاحبن، پٽيلن، راءِ صاحبن ۽ راءِ بهادرن جهڙن انگريزن خطابن جا جهنڊا ڪٽي هلندڙن پڻ حرن کي دهشتگرد ۽ ڌاڙيل ڪري پيش ڪيو. افسوس تہ اهو آهي اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي ڪن ڏاهن لئمبرڪ جي ڪتاب "دهشتگرد" کي اعليٰ حقيقت سڏيو آهي، جڏهن تہ انهي ڪتاب جي مصنف سنڌ جي حرن کي ۽ سنڌن سرواڻ کي بدنام ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي لکيو. عطا محمد ڀنڀري لئمبرڪ جو اهو ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪري زبردست حاشيا لکيا آهن. دنيا جي ڪيترن ئي قومن گوريلا جنگ لڙي آهي. گوريلا جنگ تہ هاڻي باقاعده جنگ جي ٽيڪنيڪي اصولن هيٺ مضمومن طور پڙهائي پئي وڃي پر افسوس جو انگريز ۽ انگريزي پرچارڪ اڄ بہ سنڌ ۾ موجود آهي ۽ لئمبرڪ جي اک سان شهيدن کي ڏسي رهيا آهن. هاڻي اچو تہ اصل قصي تي اچون! جڏهن سورهيہ بادشاهہ، غازين فقيرن جي تربيت شروع ڪئي تہ فرنگي سرڪار فورن تحرڪ ۾ آئي. انهي دوران 1935ع جو حج، والد مرحوم سان ڪري آيو هيس. جو ڪجهہ لکيو اٿم ۽ جن رسالن ۽ مشهور ڪتابن جا حوالا آهن. تن ۾ حضرت مرد قبلہ جي باري ۾ وڏائي يا ڪوڙ لکڻ ڪفر ڄاڻندس. 1936ع جي ڊسمبر ۾ فيصلو ٿيو تہ توهان يعني والد صاحب سان ذوالقعد 1355 هہ لڳ ڀڳ فيبروري 1937ع هيو. حضرت سورهيہ بادشاهہ جن پاڻ فرمايائون تہ اسان اول ايران، عراق، جون زيارتيون ڪندا حاضري ڀريندا مصر کان ٿيندا. اسڪندره مان اسٽيمر ذريعي 20 ذوالقعد، جده شريف پهچنداسون جتان سڌو مدينہ منوره وڃي چاليهہ نمازون ادا ڪري، ذوالحج جو چنڊ انشاءَ الله اچي

مڪي شريف ۾ ڏسنداسون. حج ان وقت ۾ مارچ 1937ع جي پهرين تاريخن ۾ هيو. مڪه شريف ۾ ڪليد بردار بيت الله شريف، مرحوم شيبي عبدالله شيخ سان والد صاحب جن جا بهترين تعلقات هيا. انهن صفا جي ٽڪرين تي ته ماڙ منزل تي جاءِ حوالي ڪئي. نه فقط جاءِ بلڪه ان ۾ قالين، گاديلا ۽ ضرورت جون سڀ شيون موجود ڪري رکيون. هن گنهگار کي ياد آهي ته ان وقت والد مرحوم سان گڏ نه فقط آئون بلڪه منهنجا به پائر، مرحوم مير حاجي عبدالحسين خان ۽ مير حاجي علي نواز خان ٽالپر الحمد الله اڄ به باخيريت، مسلم سوسائٽي حيدرآباد ۾ مقيم آهن. سيد حاجي مقبول شاهه گلشن، سيد علي بخش شاهه (پپو شاهه) ۽ سائين حامد شاهه جو ڏاڏو بزرگوار سائين حاجي عبدالله راشدي، لاڙ مان خليفو حاجي شير محمد مرحوم، ماتلي مان محترم حاجي جاني نظاماڻي خدمت لاءِ حاضر هيا. ڪراچي کان ايران، عراق ويندي پاڻ سان همسفر حاجي لقمان شايد خيرپور رياست ۾ ڪنهن اعليٰ درجه تي فائز هيو. ۽ خانگي نوڪرن ۾ شايد اڪيلو نالي پيارو شامل هيو. مڪي شريف ۾ ۽ طائف ۾ پوءِ يوم عرفه مذولفه ۾ رات جي قيام ۽ تنهن بعد به ٽي راتيون منا شريف جو قيام ضروري هوندو آهي، انهي سموري وقت جي رهبري لاءِ هر ملاقات لاءِ ايندڙ حاجي سڀ گورن کي معلمن جي تلاش رهندي آهي، والد صاحب اڳيئي واقف هيو. انهي مير محمد عالم ساڪن محله جياد کي منتخب ڪيو، جنهن جي ايجنٽ مرحوم شيخ عبدالرحمان (مرحوم شيخ عبدالحميد جي خاندان سان هيو) نهايت عقيدت سان خدمتون ڪيون. هر وقت حضور جن جي دروازي تي وينل نظر ايندا هيا. ڪاڌي پيتي جو مڪمل بندوبست مرحوم شيخ شيبي عبدالله ۽ سندس پاءُ شيني صالح جن ڪرڻ فرمايو، ڪاڌو گهر جي ناشتي سميت پيش ڪندا هيا.

هي پڙهندي توهان شايد حيران ٿيو ته قيام ۽ طعام جو شيبي پائرن ڪجهه به اجور وٺڻ کان انڪار ڪيو. الحمد الله اسان فقيرن کي ڪيترائي اهڙا موقع نصيب ٿيا جو مدزلفه ۾ اڳيان پويان مڙوئي گڏ هياسون. اهڙي طرح صفا مروه ۾ به شڪر الحمدالله اسان تي نظرون پونديون هيون ته مسڪرائي ڏيندا هيا. 9 ذوالحج ساڳئي معلم جي ڪئمپ ۾ بلڪل پير ۾ هياسون. پاڻ ڪجهه پئسا، بابا صاحب کي ڪڍي ڏنائون ته سياڻي کان گوشت جا منيٰ شريف ۾ ڊير ٿي ويندا، اڄ لنگر ۾ ڪنڊ وجهو ۽ منو منهن مسڪين جو ڪريو. عرفات ۾ خلق خدا جو حساب ڪونه هيو ۽ اتي چند ڪلاڪن جي

قيام خاطر عموماً ڪيتريون فئمليون (خاندان) رڌ پچاءُ جو بندوبست ڪونہ ڪنديون آهن. ڏيکيون لهنديون آهن، حضرت سورهي سائين طرفان لنگر عام شروع ٿي ويو. هي سلسلو 10-11 بجي صبح کان شام تائين هلندو رهيو جزاڪ الله. وڏا وڏا ارب ۽ کرب پتي انهي ڏينهن حاضر هوندا آهن ليڪن هن گنهگار اهڙي سبيل ڪونہ ڏني...! الحمد الله بہ حج اڪبر ۽ ٿيون بہ حج نصيب ٿيو اٿم. برسات پرجي آئي وسندي رهي معلم پنهنجن حاجين جا ٽولا ٺاهي مناسڪ حج جون دعائون گهرندا رهيا شيخ عبدالرحمان معلم چوي تہ پير صاحب جن اندر نفل پڙهي رهيا آهن اچو تہ توهان کي دعا پڙهايان! ليڪن اسان سمورن ڪيس چيو تہ اسان جي ٽولي ۾ بادشاهہ سائين جن جي موجودگي ۽ سندن دست مبارڪ الله تعاليٰ جي حضور ۾ گڏ ڪٽڻ اسان لاءِ بيحد خوشي ۽ سڪون جو باعث بڻبي. شيخ چيو انتظار ڪريو تان جو حاجين واپس وڃڻ شروع ڪيو. آفتاب بہ غروب ٿي رهيو هو، آب رحمت ڪنهن وقت تيز ۽ ڪنهن وقت گهٽ! بهرحال شيخ عبدالرحمان، بادشاهہ سائين کي ٻاڪرن ۾ خيمي کان ٻاهر آندو. اهو ڀلارو موقعو هو جو چا ڏسون تہ احرام زيب تن هيو. سجدي ۾ڪلاڪن جا ڪلاڪ رهيا هئا. زارو زار الله جي حضور ۾ روئي رهيا هيا، اسان سمورن ڏٺو تہ سونهاري مبارڪ تمام جو تمام لڙڪن سان تر هئي. ٻاهر بارش هئي. معلم صاحب دعا شروع فرمائي. الله الله چا حالت هئي، شايد پنهنجي رهبر ڪامل سان ڪڏهن ڪنهن مريد کي اهڙو موقعو مليو هجي. بهرحال واپس ورياسون چند ڪلاڪن جي قيام دوران 49-49 ڪڪريون ڳٽي ٻي ڏينهن 10 ذوالحج تي شيطانن کي هڻڻ لاءِ هر حاجي کي پٿريون ڪٺيون پونديون آهن. اتي شيطان کي هڻڻ لاءِ اسان ساڻن گڏ هياسون. قرباني بہ پنهنجي دست مبارڪن سان فرمايائون. اڄ بہ ننڍيو ڀاءُ حاجي علي نواز خان الحمد الله حاضر وينو آهي. ڪيس بہ سڀ اهو سفر ياد آهي. ڪير بہ ڪائونس معلوم ڪري سگهي ٿو. اسان ڪيس اسلامي جهاز ۾ جده مان الوداع ڪيو ۽ پوءِ مديني شريف وياسون. پڌڻ ۾ آيو تہ حضرت مرشد سائين جن جو ڪراچي ۾ جماعت سڳوري والهانہ انداز ۾ آجيان ڪئي.

بهرحال سمورن احوالن کي مختصر ڪندي اها ڳالهہ ڪندس پير سائين سورهيہ بادشاهہ عليہ رحمت جن ڪنهن بہ دور ۾ نہ جهڪيا، نہ وڪيا!! جنهن جي سچائي ۽ ثابتي لاءِ پوري سنڌ، توڙي خود انگريز جا پنهنجا ريڪارڊ گواهہ آهن ۽ مضمون شايع ٿي ويا آهن ۽ ٿي رهيا آهن. هاڻي اچو تہ

ڪاڪوس اندر لڪي جان بچائي. ۽ ميان الله بخش سومري حيدرآباد ۾ بنا بروگرام لهي پاڻ ڪي بچائي ورتو. اهڙن واقعن بعد پير صاحب تي ڦرلٽ بغاوت ۽ قتل جا ڪيس جوڙيا ويا. ڳڙنگ بنگلي تي ڪڙو چاڙهيو ويو. گولا بارود تباهه ڪيا ويا. جڻ تہ هيڊڪوارٽر يا ڇانوٽي تي انگريزن حملو ڪيو بر غازين جي تحريڪ تي ڪوبہ اثر ڪونہ پيو.

— پير صاحب جن تي بغاوت جو ڪيس انگريز ججن جي سامهون هلائي ڪين ڦاسي جي سزا ٻڌائي وئي. هن ڪيس ۾ انگريزن ڪيترن ئي ڏرتي غدارن کان سورهيہ بادشاهہ خلاف شاهديون ڏياريون، پير علي محمد راشدي بہ برقعو پائي پير صاحب خلاف شاهدي ڏني ۽ ڪيترن ئي مشهور غازين جي سڃاڻپ ڪري ڪين ڦاسيون ڏياريون. سورهيہ ڏٿي سزا ٻڌڻ بعد فرمايو تہ "شهادت اسان جو تاج آهي ان ڪي اڳتي وڌي پائڻ اسان لاءِ عبادت آهي" پير سائين جن ڪي اٿارٽي وارن چيو تہ هو سرڪار کان معافي گهري ۽ رحم جي اپيل ڪري. پاڻ مسڪرائيندي فرمايائون "اسان فقط الله تعاليٰ کان پنهنجي گناهن جي معافي گهرون ٿا، انسانن کان معافي جو تصور بہ نہ ٿا ڪري سگهون." بهرحال 20 مارچ 1943ع تي فجر وقت شهادت جو پيالو پيتائون. سورهيہ جي شهادت کان پوءِ خصوصن انگريزن جي مارشل لا جي پوري ٽيم ۽ ڪجهہ وائسراءِ صاحب جا ارادا نظر ۾ رکندي، جنرل رجرڊ سن، ليئمبرڪ صاحب ينگ صاحب ۽ ڪيترن ئي پين ڪوششون ڪيون تہ گادي ختم ڪري انهي تي ٻي خاندان مان ڪو پاڳارو بنايو وڃي، جو اسان جو "يئس سر" هجي پوري سنڌ ۾ جماعت سڳوري حراسيل هئي اهڙي وقت جي اهميت کي مدنظر رکندي، تنهن وقت جي ڪليڪٽر صاحب حيدرآباد سنڌ، محمد بخش شيخ ڊي سي بنگلي تي خاص دربار ڪوٺرائي. جنهن ۾ وڏو انگ جماعت سڳوري جي ٻنهي طبقن يعني "سالم" ۽ "فرق" ۽ راشدي خاندان جا سمورا صاحب ۽ جملي خليفا ڪوٺايا ويا. پوري جماعت ڪي جوش هيو. سڀ کان همت وارو ڪم خليفي احمد لغاري لاڙ واري پنهنجي ذمي ڪنيو. هن پير سائين پاڳاري جي تمام ويجهي عزيز جو حڪومت جو ڪم ڪندو هيو سندس اسم گرامي سائين شاهہ مراد شاهہ راشدي عمر 90 سال هئي. اهو ڪار ۾ ڪٽي اچي حاضر ڪيو. دربار ۾ جڏهن حڪومت جي خيالن جو اظهار ميان محمد بخش شيخ صاحب ڪيو تہ فورن سائين شاهہ مراد ڪيس ويجهو سڏي چيو تہ سائين ڪنهن ميلي ملاڪڙي جي پڪ ڪري آيا آهيو جو توهان جي حڪم

اڳيان ڪنڌ جهڪايو آهي، هي هڪ وڏي خانقاهه آهي. لڪين عقيدتمندن جا عقيدا ڪيئن بدلائي سگهندا؟ جماعت جو گادي نشين اهو ئي جو ”نطفو“ هجي خون جو پائيوار تہ مان پيي آهيان. عمر ۾ وڏو، ويجهو عزيز مان پيي اميدوار تي سگهان ٿو. ليڪن لاکون فقير حضرت روضي ڌڻي جي جماعت جا هرگز هرگز ڪنهن ٻئي کي منظور نہ ڪندا. واهه واهه تي وئي اهڙي طرح اهو تاريخي فيصلو رب جي رضا سان ظهور پذير ٿيو ۽ اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جن جي 4 فيبروري 1952ع ۾ تاج پوشي ٿي. شڪر الحمدالله بعد ۾ انشاءَ الله تعاليٰ حضرت جن جو تاج پوشي کان پهريون سفر لکندس جنهن جا احوال بہ نهات دلچسپي وارا آهن ۽ زندگي رهي تہ اعليٰ حضرت پير سائين جن سان ”رڻ ۾ هر رات“ جو پڻ احوال پيش ڪندس.

بس في الحال دعا آهي تہ اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جن سدائين اهل و عيال سميت شاد هجن. آباد هجن، ۽ جماعت سڀوري پڻ ديرا ڌير هجي.

●●

---

# پيغام

حُر تحريڪ اسان جي ڌرتي واري هڪ اهڙي لازوال ملڪي آزادي واري تحريڪ هئي جن پنهنجي بهادري ۽ سورهيائي سان انگريز جهڙي ظالم قوت کان ملڪ آزاد ڪرايو. جنهن تي جيترو بہ فخر ڪجي سو گهٽ آهي.

## محمد ابراهيم قائمخاني

ايس ڊي او ايجوڪيشن تعلقہ کپرو ضلع سانگهڙ

---

# مبارڪباد

حُر تحريڪ تي ”منصور“ جهڙي تاريخ ساز سلسلي جي انين ڪڙي شايع ڪرڻ تي ”منصور“ جي سڄڻن کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.

## حاجي ملڪ شير محمد

ڊيلر: پيسٽيسائيڊ، فرٽيلائيزر اينڊ ڪميشن ايجنٽ سانگهڙ

# غازين جي جنازي نماز ۽ فتوي وارو قصو

————— محمد عمر چنڊ

ميرپورخاص مان نڪرندڙ اخبار "همدرد" جي جون 1944ع جي ڏهين يارهين تاريخ واري اشاعت ۾ ڪا خبر ڇپي (ان خبر جو متن اسان وٽ في الوقت ڪونهي)، جنهن جو حاصل مقصد اهو هو ته ڪنهن مولوي صاحب ڪن مارجي ويل يا شهيد ٿيل حرن جي جنازي نماز پڙهائڻ کان انڪار ڪيو. جنهن تي "همدرد" جي ايڊيٽر ان مولوي صاحب تي سخت تنقيد ڪئي. اخبار جي ان تنقيد جي اها خبر جڏهن ان وقت جي ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ ٿرپارڪر، مسٽر آر. ايف ڪيٿ (Robin F. Keith) تائين پهتي ته ان پنهنجي ماتحت اينڊريو ڊيوز (Andrew E. Davies) ڊسٽرڪٽ سپرنٽنڊنٽ پوليس ٿرپارڪر کي 13 جون 1944 تي خانگي خط لکيو (جنهن ۾ ان عملدار کي پهرئين ذاتي نالي اينڊريو (Andrew) سان مخاطب ٿي) پڇيائين ته جاچ ڪري مون کي ٻڌاءِ ته اها ڳالهه دراصل ڪيئن آهي جو هن ايڊيٽر هڪڙي (يعني معمولي) حر جي جنازي نماز نه پڙهجڻ تي هيڏي واويلا يا گهوڙا گهوڙا (fuss) ڪئي ڪئي آهي. جاچ ڪر ته اخبار جيڪا خبر ڇاپي آهي تنهن ۾ ڪيتري صداقت آهي. ڇا اهو ڪو خانگي وير (جو معاملو) ته ڪونهي ڪو جيڪو اخبار جو ايڊيٽر پاڙيندو هجي؟ (مسٽر ڪيٿ وڌيڪ لکيو ته) آئون ته نٿو سمجهان ته ڪا اها ڳالهه ائين هوندي، پر ٿي سگهي ٿو ته اخبار واري کي ڪا حرن جي ڪهاڙي لاٿي (يا تکي ڪرٽي) هئي (يعني ڪو ذاتي غرض ته ڪونهيس ڪو جو حرن کي ريجهائڻ يا سرچائڻ چاهيندو هجي.) (He just might have some Hur axe to grind).

(وڌيڪ چوي ٿو ته) مون کي ته سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي ته اخبار هرويرو هڪڙي مئل حر تي ايڏي واويلا ڇو ڪئي آهي...؟ انهيءَ ڪري جو (ڪيٿ ٿو چوي ته) "حرن کي عام طرح مسلماني عقيدي جي اندر سمجهيوئي ڪونه ويندو آهي."

ان تي هڪ ٻن ڏينهن جي اندر پوليس جي انگريز عملدار، اينڊرو ڊيوز، ميرپورخاص مان جواب ۾ هڪ رپورٽ مڪي ۽ پنهنجي تشريحي خط

ڪم ۾) ”توهان جو ڇا خيال آهي؟“ What do you think?

انهيءَ فائل ۾ نڪي اينڊريو ڊيوز جي طرفان موڪليل رپورٽ آهي. نڪي اينڊريو جي خط تي تاريخ ڇاٽايل آهي. رڳو اهي ٻه خط ڏنل آهن. پر اهو اينڊرو ريڇڪائي آهي ڪير؟ ڪهڙا سندس ڪارناما آهن؟

اينڊرو ڊيوز (Andrew E. Davies) اڳي 1941ع جي مئي کان ڊسمبر تائين نوابشاهه ضلعي ۾ هن 29 جون ۽ 29 نومبر تي گڙنگ تي آيو ۽ جاچ ڪرايائين ۽ لانديون سازڙيائين جنهن جي سزا ۾ ان وقت ڪيس نوابشاهه مان يا سنڌ مان ڪڍي ڇڏيائون پر پير صاحب جي شهادت کان پوءِ وري ڪيس موٽائي ٿرپارڪر ۾ آندو اٿائون. سندس ڏوڙي پيچي ڊي- آر- سي هالفرڊ جنهن پير صاحب سان 18 جون 1941ع تي راؤتياڻي واري بنگلي تي بڪ بڪ ڪئي هئي. ان کي ٻه انوقت فورن ڪڍي فاريسٽ ڊپارٽمينٽ (هيلي ڪاٽي) ۾ موڪليو هئائون. پر هاڻي ان جون خدمتون ليمبرڪ حاصل ڪندو مکي ۽ ناري جي زمين کي ڪولونائز ڪرڻ جي لاءِ.

(٢)

شهيد ڪتان جا هئا ۽ مولوي صاحب ڪير هو؟

فقير حافظ سخي محمد مهراڻ صاحب وٽان پهتل احوال ان موضوع جي رهيل مسئلي تي روشني ٿو وجهي ته اهي حر شهيد ڪهڙا هيا ۽ مولوي صاحب ڪير هيو جنهنجي ناالي سان اهڙو اعتراض ڇپيو. فقير سخي محمد مهراڻ صاحب جو موڪيل احوال.

**غازين جي جنازي نماز بابت فتويٰ**

1942-1943ع واري مارشل لاءِ (۽ ان کان پوءِ لاڳو ڪيل حر ايڪٽ ۽ ڊفينس آف انڊيا جي رولز ۽ ريگيوليشن واري زماني ۾ (جون 1944ع جي ڏهين يارهين تاريخ ڌاري) ڪيري جي طرف اڃڙي ٽر کان ميرپورخاص پوليس ڇئن غازين کي شهيد ڪيو ۽ انهن جا لاش ميرپورخاص آندا ويا. جن تي جنازي نماز ڪانه پڙهي وئي. ميرپورخاص جي هفتيوار اخبار ”همدرد“ ۾ جامع مسجد (ميرپورخاص) جي خطيب مولوي محمد صالح راهمون ڪانگريسي جي طرفان فتويٰ شايع ٿي ته ”اهي ماٺهو حڪومت جا باغي ۽ ذاڙيل آهن تنهن ڪري نماز جنازو نه پڙهبي.“ مارشل لا وارو دور ختم ٿيڻ بعد استاد سائين محمد سليم مهراڻ صاحب مولوي محمد صالح راهمون صاحب کان پڇيو ته ”همدرد اخبار ۾ توهان جي نالي فتويٰ شايع ٿي

هئي. ڇا (اوهان جي خيال ۾ واقعي) حرن تي جنازي نماز پڙهائڻ ناجائز هئي؟"

مولوي صاحب يڪدم سنهن ڪٿي چوڻ لڳو تہ حڪومت پاڻ ئي پي فتوائون ڏنيون ۽ شايع ڪرايون، مون ڪي انهي ڳالهہ جي ڪا خبر ڪانهي ڪا.

سائينءَ ڪلندي وراڻيو تہ (سائين جا چيل لفظ لکت ڪان رهجي ويا آهن) (تنهن تيءَ) مولوي صاحب جي منهن جو پنو ئي لهي ويو. (چيائيون) "ميان، ميان! اسان ڪي ڪا خبر ڪانهي." (روايت استاد سائين محمد سليمُ مهراڻمرحوم).

(3)

**خبر جو تجزيو**

جنازي نماز نہ پڙهڻ بابت انگريز آفيسرن جا بہ خط پڙهياسون ۽ ان ڪان پوءِ مولوي صاحب سان ٿيل گفتگو بہ پڙهي سون. معلوم ٿيو تہ جنازا آندا ويا پر ڪنهن سبب جي ڪري، پاڻان مولوي صاحب جي اندر جي آواز جي ڪري يا مٿس سرڪار جي دٻاؤ جي ڪري شهيدن تي نماز نہ پڙهي وئي. اهڙا واقعا ان زماني ۾ گهڻا ٿيا، پر اخبارن ۾ ڪونهن آيا. سرڪاري مولوين جو اهڙو موقف هوندو هو. پر غير سرڪاري ملن تي بہ سرڪار جو دٻاؤ گهڻو هو جو سرڪار نٿي چاهيو تہ جن ڪي هو ڏاڙيل ۽ ڦورو ظاهر ڪري ماري آيا آهن. انهن ڪي عوام الناس اهڙي توقير ۽ عزت ڏين جو مٿن نماز جنازه ٿئي ۽ سندن تدفين عزت ۽ شان سان ٿئي. ڪوبہ ظالم حاڪم اهڙي اجازت ڪونہ ڏيندو. اهو ان ڪري جو جنازي ۽ تدفين جي شاندار نظاري سان ظالمن جا ڏيل ڏرندا.

وري ان جي ابتڙ بئي پاسي ڏسجي تہ جڏهن اهڙا ظالم حاڪم هوندا تہ انهن جي موجودگيءَ ۾ قلب جي ڪمزور علمائن جي وس جي ڳالهہ ڪانهي تہ هو انهن شهيدن جي ديدهہ دليريءَ سان جنازي نماز پڙهي سگهن. جن ڪي وقت جو حاڪم ناپسند ٿو ڪري. حڪومت جو پاسو وٺي، جنازي نماز پڙهائڻ ڪان انڪار ڪرڻ آسان تر آهي ان ڪان جو حاڪم جو ناراضپو حاصل ڪري شهيد جي توقير ۽ تعظيم ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ ڏٿيءَ پاڪ ڪان دعا گهربي تہ اهڙي امتحان ۾ نہ وجهي، ۽ جيڪڏهن اهڙي امتحان ۾مبتلاءَ ڪري وجهي تہ سرخروئيءَ سان پار اڪاري. اهڙي حالت ۾ ڪمزورن لاءِ بخشش جي دعا گهرجي. انهيءَ ڪري جو الله تعاليٰ انسان ڪي

ضعيف ڪري خلقيو آهي. بقول يوسف عليہ السلام "لا تثريب عليڪم اليوم، يغفر الله لڪم، وهو ارحم الراحمين." ايمان جي استقامت گهٽڻ ڪي نصيب نہ ٿيندي آهي، "وما يومن اڪثر هم باالله الا وهم مشرڪون."

اهو بہ ذهن نشين رکڻ ضروري آهي تہ اسان ڪي پڪ ڪانهي تہ خود سورهيہ بادشاهہ جي جنازي نماز پڙهڻ جو ڪو بندوبست ڪيائون يا نہ ۽ پڪ سان پين جن مائهن ڪي ڦاسيون ڏئي حڪومت پاڻ دفن ڪيو تن مان ڪنهن هڪ جي جنازي نماز پڙهڻ جي اجازت ڪانہ ڏنائون.

همدرد اخبار ۾ جيڪا خبر ڇپي هئي ان ۾ سرڪاري مولوي جي اهڙي جنازي پڙهائڻ کان انڪار ڪرڻ تي ان مولوي صاحب تي تنقيد ڪئي وئي هئي. اها تنقيد بہ حڪومت وارن کي پسند نہ آئي جو ڪيس گرفتار ڪرڻ جا سانباها ٿيندي ڏناسون.

البتہ ايترو چئبو تہ اخبار ۾جيڪا خبر ڇپي هئي ان کي فتويٰ ڪونہ چئي سگهبو. اها خبر فقط جنازي پڙهڻ کان انڪار جي خبر هئي. فتويٰ ٽيڪنيڪلي (فقهي حساب سان) اها ٿيندي جو سياق ۽ سباق تفصيل سان ٻڌائي ڪو سوال مفتيءَ کان ڪيو وڃي ۽ مفتي صاحب انهي سوال جي پس منظر کي نظر ۾ رکي قرآن، سنت ۽ فقه جي حوالن جي روشني ۾ جامع ۽ مدلل جواب. ڏئي اها فتويٰ ٿيندي. پر هڪڙو ملو موراڻو بيني پير موقعي کي ڏسي پنهنجي راءِ مطابق جنازي نماز پڙهڻ پسند ڪري ٿو يا پڙهڻ کان انڪار ڪري ٿو تہ اها فتويٰ ڪانہ چئبي.

ان کان سواءِ اهو بہ ذهن ۾ رکبو تہ هر خطيب، مولوي يا حافظ اهو اختيار نٿو رکي تہ هو فتويٰ ڏئي. البتہ هر هڪ عالم جو ڪوبہ ذاتي خيال ٿي سگهي ٿو، پر ان ذاتي خيال کي فتويٰ جي حيثيت حاصل نہ ٿيندي.

حرف آخر اهو تہ شهيد جو درجو وڏو آهي ۽ ڪيس غسل، ڪفن ۽ دفن جي رسومات جي حاجت يا ڪاڻ ڪانهي. اها ڏرتيءَ تي باقي رهيل جيئرن جي پنهنجي عزت ۽ ناموس آهي جو هو گذري ويل جي تڪفين ۽ تدفين عزت ۽ توقير سان ڪن. البتہ امت محمديءَ جي اڳواڻن تي لازم آهي (فرض ڪفايه) آهي تہ هو مسلمان مرد يا عورت جي جنازي پڙهڻ جو اهتمام ڪن، جيتوڻيڪ ان جي شهادت (يا موت) وقت جي حاڪمن جي هٿان ٿيو هجي، جيتوڻيڪ اهڙي سزا حقيقي اسلامي حڪومت جي هٿان ٿي هجي، تہ بہ ان اسلامي حڪومت تي لازم ۽ برحق آهي تہ ان مسلمان مرد يا عورت جو

جنازو، ڪفن ۽ دفن عزت ۽ توقير سان ڪن. جيئن ڪنهن به پڻ مسلمان مومن جو حق آهي ۽ اهڙي اهتمام ڪرڻ جي سلسلي ۾ حڪومت جي ڪارندن کي هرگز مانع نه ٿيڻ جڳائي.

غير مسلم انگريز بينڪي حڪومت جي روبي تي جيڪڏهن نظر ڊوڙائبي ته اهو سمجهه ۾ ايندو ته ملڪ جا پڻ ماڻهو جن مان هڪڙو ساڻس وڙهيو ۽ پڻ سندس نصرت يا واهر ڪئي. جن ۾ مان هڪڙو غازي جيڪو شهيد ٿيو ۽ ٻيو مولوي صاحب جنهن نماز نه پڙهائي، بينڪي حاڪم جي نظر ۾ پڻ ڏريون موذي بلائون آهن ۽ پڻ ناقابل اعتبار آهن ۽ پڻ گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪرڻ جي "لائق" آهن. ڏاڙهين اوپري بينڪي حاڪم جي نظر حق ۽ انصاف تي نه پر پنهنجي بينڪي مفاد تي هوندي آهي. ضرورت پونديس ته انهي مولوي جهڙا هزارين مولوي به لاڪپ ۾ بند ڪري ڇڏيندو.

حاصل مقصد ته مولوي صاحب جي جنازي نماز نه پڙهائڻ مان به سرڪار کي فائدو ٿيو. ايڊيٽر صاحب جي مڇرجي ان مولويءَ صاحب تي تنقيد ڪرڻ به سرڪار سڳوريءَ جي مفاد ۾. صورتحال اها بيٺي ته ايڊيٽر توڙي مولوي پنهي جا سر ڪڙاهي ۾ ۽ باقي رهي سنڌ سڳوريءَ جي پوليس سڳوري تنهنجون پنج ئي آڱريون گيهه ۾.

انگريز بينڪي راڄ انهن لڇڻ سان گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نه سگهيو. پر انگريز مائي باپ جي ڇانو ۽ سيائي عاطفت ۾ سکيل اهي سبق آزاديءَ کان پوءِ عملدرن کي گهڻو ڪم آيا. هاڻي حال اهو آهي جو پوليس ۽ عملدار جي آزار کان سرزمين پاڪ، بلده طيب، آجي ٿئي، ان جا آثار بظاهر ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن. رسي ڏکهي آهي، پڪڙ سخت ٻڌجي ٿي. پر جيسين پڪڙ ٿئي ئي ٿئي تيسينءَ ڪامورن جا جاوا آهن. وقت مٿي تي اچڻ کان پوءِ سبق حاصل ڪرڻ جو موقعو ڪونه رهندو. پر ان جي پرواهه ڪنهن کي ڪانهي.

مستقبل جي عمارت جي پيڙهه ماضيءَ جي گچ ۽ گاري سان ٻڌبي. پيڙهه جي پهرئين پٿر ۾ جيڪڏهن ٽيڙهه پئجي ويو ته پوءِ جيئن عمارت مٿي پئي ڪڄندي تيئن ٽيڙهي پئي ويندي تان جو پلي سنڌس چوٽي وڃي ثريا سان لڳي.

●●

# حضرت پير صاحب پاڳارا
# ايشيا جي عظيم شخصيت

فقير شهناز ————————

رب پاڪ هن ڪائنات جو خلقڻهار آهي. جنهن هن دنيا ۾ انسان کي اشرف المخلوقات ڪري موڪليو آهي. رب سائين انسانن کي سڌو رستو ڏيکارڻ ۽ پنهنجي وحدانيت جو ڪائنڻ اقرار ڪرائڻ لاءِ انساني تاريخ جي هر دور ۾ وقت نبي سڳورا اماڻيا آهن ۽ اهو سلسلو اسان جي پياري نبي پاڪ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تي اچي پڄاڻي تي پهتو. جنهن کي آخري نبي پاڪ ۽ اسلام کي آخري دين ڪري اماڻيو ويو ۽ انسانن جي هدايت لاءِ موڪليل قرآن پاڪ کي قيامت تائين انسانن لاءِ رشد و هدايت جو ذريعو بڻائڻ سان گڏ، ان جي حفاظت جو ذمو به الله سائين پاڻ کنيو آهي. پر جيئن ته ڪنهن اسڪول ۾ استاد کان سواءِ شاگرد تعليم حاصل نٿا ڪري سگهن ۽ چڙواڳ بڻجي وڃن ٿا. ساڳئي طرح انسانن جي رهنمائي لاءِ الله پاڪ جي برگزيده هستين جو هجڻ ضروري آهي پر جيئن ته نبوت جو سلسلو ختم ٿي چڪو آهي، ان ڪري اهو ڪم اولياءَ الله کان ورتو پيو وڃي. سنڌ جي سرزمين الله جي ولين سان پريي پئي آهي. جن ۾ اسان جو مرشد رهبر قبلا پير سائين پاڳارا موجوده به شامل آهي. جنهن جو شفقت وارو هٿ اسان جي سرن مٿان موجود آهي. حضرت پير سائين پاڳارا نه صرف سنڌ بلڪ پوري ايشيا جي عظيم شخصيت آهي. حضرت پير سائين پاڳارا نه صرف اولياءَ آهن بلڪ هڪ محب وطن سياستدان پڻ آهن. پاڻ هميشه صاف سٿري سياست ڪئي اٿن. حضرت پير صاحب پاڳارا جي سٺي سوچ ۽ امن واري سياست جي ڪري هر دور حڪومت ۾ حڪمران حضرت پير سائين پاڳارا وٽ دعا ۽ مشوري لاءِ ايندا آهن ۽ فيضياب ٿيندا آهن. حضرت پير سائين پاڳارا سياست ۾ يا عام زندگي ۾ جيڪا به ڳالهه ڪئي آهي اها هميشه سچ ثابت ٿي آهي. اسان کي کپي ته اسان الله تعاليٰ جو ڏينهن رات شڪر ادا ڪريون جو اسان کي بهترين رهبر و رهنما مرشد ڪامل جو ساٿ آهي. جنهن جي دعا سان پٿر به پاڻي ٿي سگهي ٿو. پاڻ هميشه حق ۽ سچ جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ پنهنجي عقيدتمندن

کي ديني ۽ دنياوي خبرن کان باخبر رکيو آهي. حضرت پير سائين پاڳارا هميشه مريدن کي مشورا ڏنا آهن. هن عظيم شخصيت دشمن جو خاموشي ۽ صبر سان مقابلو ڪيو آهي ۽ دشمن کان بدلو وٺڻ کان وڌيڪ معاف ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا آهن.

حضرت پير سائين جي ڪشش آهي جو 70 سال جو بزرگ، يا وزي نوجوان يا وري ستن سالن جو ٻار ئي ڇو نه هجي سندن شخصيت کان ضرور متاثر ٿيندو آهي. آئون هميشه اخبارن ۾ سڀ کان پهرئين قبله سائين جو بيان ڳوليندي آهيان. قبله سائين جا بيان يا ڪنهن جي باري ۾ راءِ، هميشه سچ ثابت ٿيندي آهي. يونيورسٽي ۾ ايوننگ ٽائيم ۾ اسان فرينڊز گڏجي لائبريري جو رخ ڪنديون هيون سين. منهنجي لاءِ سڀ کان وڌيڪ منهنجو مرشد رهبر رهنما اهم شخصيت آهي. اسان فرينڊز (سهيليون) پنهنجي فيوريٽ (پسنديده) ليڊرن جا بيان پڙهي هڪ ٻئي کي ٻڌائينديون هيوسين. جڏهن آئون پنهنجي مرشد جو بيان پڙهي ٻڌائيندي هئس ته هو مون تي طنز ڪري چونديون هيون ته توهان سمجهين ٿي ته تنهنجي مرشد کي ملڪ تي ايندڙ حالتن جي باري ۾ الهام ٿيندو آهي. انهن ڳالهين تي هميشه دوستن سان بحث ٿيندو هو. منهنجو عقيدو وڌيڪ مضبوط ٿيندو ويو. منهنجي محبت مرشد سائين سان ويتر وڌندي ويئي. اسان کي حضرت پير سائين پاڳارا سان پيار ۽ عقيدو آهي. ڇو جو حضرت پير سائين پاڳارا هميشه حق ۽ سچ جي لاءِ اٿي بيٺا آهن. انهن ڪڏهن به پنهنجي عوام سان ڪوڙا واعدا نه ڪيا آهن ۽ نه وري منفي سياست ڪئي آهي. ان ڪري پاڻ سان محبت ڪرڻ وارن جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي. اسان سڀني عورتن کي جماعت جي مريدن جيان پنهنجي مرشد حضرت پير سائين پاڳارا تي فخر ڪرڻ گهرجي. ڇو ته مرشد رهبر پنهنجي خطاب ۾ جتي پين ديني ۽ دنياوي ڳالهين جو حڪم ڏنو آهي اتي خاص ڪري عورتن جي حقوق جي به ڳالهه ڪئي آهي: خطاب ۾ خاص ڪري جماعت کي تلقين ڪندا آهن ته نياڻين کي تعليم ڏيو ۽ عورتن جا حق غضب نه ڪريو. انهن سڀني خطابن جي ڪري به جماعت جي هر عورت، مردن کان پهرين حضرت پير سائين پاڳارا جي حق ۾ نعرا هڻندي آهي. حضرت پير سائين پاڳارا جيڪا به ڳالهه ڪئي آهي اها سچ ثابت ٿي آهي. پاڻ حال ۾ مستقبل جي ڳالهه ڪندا آهن ۽ اسان گنهگار ته پنهنجي حال کان به واقف نه آهيون، مستقبل جي ڳالهه ته اسان تصور ۾ به نٿا ڪري سگهون.

جماعت جي هر عورت کي صبر ۽ نظم و ضبط جو سبق پنهنجي مرشد حضرت پير سائين پاڳارا کان سکڻ گهرجي. اسان عورتن ۾ فتنو غيبت تمام گهڻي تعداد ۾ هوندي آهي. اسان جتي پنهنجي دشمن کي دليلن سان مطمئن نٿا ڪري سگهون، اتي خاموشي اختيار ڪرڻ بهتر آهي. پوءِ توهان ڏسو ته مرشد پاڪ جي دعائن سان اسان عورتن جا مسئلا ڪيئن ٿا حل ٿين.

حضرت پير صاحب پاڳارا جن جي نقش قدم تي هلڻ سان جماعت جي ڪابه عورت ديني ۽ دنياوي ڳالهين ۾ ڪنهن کان پوئتي نٿي رهي سگهي.

اسان جو مرشد سڀني پيرن کان اعليٰ پير ۽ مرشد رهبر آهي. پاڻ هر عورت کي عزت جي نگاهه سان ڏسندا آهن. حضرت پير سائين پاڳارا حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي سنت پاڪ تي هلي عورتن سان شفقت و محبت سان پيش ايندا آهن. جماعت جي هر عورت کي کپي ته هو پنهنجي اولاد کي الله سائين ۽ رسول پاڪ حضرت محمد ﷺ کان پوءِ حضرت پير سائين پاڳارا سان محبت جو درس ڏين ۽ پنهنجي مرشد لاءِ عقيدو ۽ احترام مضبوط ڪرائين ته جيئن هو پنهنجي اولاد کي گناهن ۽ براين کان بچائي سگهن.

جنهن حضرت پير صاحب پاڳارا سان دشمني يا غداري ڪئي يا نافرماني ڪئي، اهي ڪڏهن به ترقي نٿا ڪري سگهن. حضرت پير سائين پاڳارا جي نافرماني اسان جي لاءِ تباهي جو دروازو کولي ڏيندي آهي. مون جيڪو ڏٺو سو مهراڻ اخبار جي ذريعي سان ڏٺو. مون قبلا سائين کي خوابن ۾ تصويرن، اخبارن ۾ ۽ درگاهه شريف تي زيارت ڪرائيندي ضرور ڏٺو هو پر ڪڏهن تصور ۾ به نه سوچيو هو ته روبرو قبلا سائين سان ڳالهائيندي يس.

آئون اڪثر ڪري پنهنجي امان کي چوندي هئيس ته امان منهنجي خواهش آهي ته مان پنهنجي مرشد حضرت پير سائين پاڳارا سان ملاقات ڪريان.

امان هميشه اهو ئي جواب ڏيندي هئي ته پٽ قبله سائين عام ماڻهو نه آهي جو تو جيڏي ننڍي ڇوڪري کي ملاقات جو شرف بخشيندا، ايڏا وڏا خواب نه ڏسندي ڪر ۽ مرشد سائين سان ڳالهائڻ لاءِ وڏو دل گردو کپي، تون ڇا ڄاڻين مرشد جي حشمت ڪيءَ؟ ڪٿي ڪا اهڙي بيوقوفي نه ڪجان جو مرشد سائين جو رنج، نه هيڏانهن جو رکئي نه هوڏانهن جو تون ڪا هڪڙي مريدياڻي نه آهين. حضرت پير سائين پاڳارا جا لکين مريد آهن. هن سان سچي محبت ۽ عقيدو رکڻ وارا آهن. اهي ته ڀاڳ وارا هوندا آهن جنهن کي حضرت پير سائين پاڳارا وقت ڏيندا آهن. اگر توکي ايڏي ئي محبت آهي ته

ڏينهن رات هن کي ياد ڪندي ڪر ۽ ان جي زندگي لاءِ الله تعاليٰ کان دعا گهرندي ڪر آخر الله تعاليٰ مون گنهگار حقير فقير تي مهربان ڪئي منهنجي رب دير سان پر منهنجي اها خواهش پوري ضرور ڪئي.

ڪنهن دوست جي ذريعي خبر پئي ته حضرت پير سائين پاڳارا حيدرآباد اچي رهيا آهن. اگر تون چاهين ته مرشد جي زيارت ڪري ٿي سگهين. مون انهيءَ وقت سوچيو ته هن کان بهتر ڪو موقعو نه هوندو. مون امان، بابا ۽ پنهنجي ماما کان اجازت ورتي ۽ بابا حوصلا افزائي ڪئي ۽ چيو ته مرشد سائين جي زيارت لاءِ توکي هر قسم جي اجازت آهي. اگر تنهنجي منزل مرشد جو در آهي ته اسان جي طرفان توکي مڪمل اجازت آهي. ۽ڏيک تون پاڻ سمجهدار آهين.

آئون هڪ گهٽ علم ۽ گهٽ عقل رکڻ واري ۽ هر ڳالهه کان اڻ ڄاڻ، اهو سوچي گهران نڪتيس ته حضرت پير سائين پاڳارا عام شخصيت نه آهن ڪين تياري ۾ يقينن ٽائيم لڳندو ۽ دير سان پهچندا. وڏن ماڻهن جي تياري به وڏي هوندي آهي.

بهرحال آئون جيئن ئي چاموٽ هائوس پهتس ته منهنجي حيرت، جي انتها نه رهي، خبر پئي ته حضرت پير سائين پاڳارا وقت تي پهچي ويا آهن. سوچيم ته آئون ڪيڏي نه ناسمجهه آهيان. اسان جو مرشد رهبر رهنما ڪيڏا نه عظيم آهن. منهنجو مرشد نه صرف اعليٰ اخلاق جا مالڪ آهن بلڪ پاڻ وقت ۽ اصولن جا به پابند آهن، آئون پنهنجي ئي نظرن ۾ تمام گهٽي شرمنده ٿيس.

اڪر اسان پنهنجي رهبر و رهنما جي نقش قدم تي هلون ته ڪڏهن به ڪنهن قوم کان پوئتي نٿا رهي سگهون. آئون اڪثر درگاهه شريف تي پنهنجي مرشد رهبر جي زيارت ڪندي اهو سوچيندي هئيس ته حضرت پير سائين پاڳارا تمام سخت قسم جي شخصيت هوندا ۽ شايد کلندا به آهن يا نه! قبله سائين جي سامهون وڃڻ تي آئون انهن جي سخت ناراضگي برداشت ڪري سگهنديس يا نه. انهيءَ سوچ کان دعا گهرندي رهيس ته يا الله مون کي همت ڏي جو آئون پنهنجي مرشد جي سامهون وڃي سگهان.

جڏهن ملاقات لاءِ منهنجو نالو ورتو ويو ته منهنجي جسم ۾ ڏڪڻي پئجي وئي ۽ مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ته منهنجي جسم مان روح نڪري ويو آهي، ۽ مون کي ڪو ڏکو ڏئي قبلا سائين ڏانهن وٺي وڃي رهيو

آهي پوءِ تہ آئون هڪ ئي لمحي ۾ مرشد سائين جي ڪمري جي دروازي وٽ پهچي ويس. مرشد سائين جي رمز کي نہ سمجهندي دروازو کولي داخل ٿيس ۽ ڏٺم تہ قبلا سائين بيٺا هئا. اتي ئي سوچ ۾ پئجي ويس تہ هي خواب آهي يا حقيقت...! تہ جنهن عزت جي آئون لائق نہ آهيان ۽ قبلا سائين مون کي عزت ڏئي رهيا آهن. يا مون کان ڪو امتحان وٺي رهيا آهن. آئون قبلا سائين جي اڳيان پاڻ کي شرمنده محسوس ڪري رهي هئيس ۽ دل ۾ سوچي بہ رهي هئيس تہ منهنجو مرشد ڪامل جيترا وڏا آهن اوترو ئي انهن جو اخلاق مبارڪ آهي. حضرت پير سائين پاڳارا پاڻ کان ننڍن تي وڏي نظر رکندا آهن ۽ جيڪي عزت جي قابل نہ آهن انهن کي بہ عزت ٿا ڏين، ائين اسان ڪم ظرف حقير ماڻهو جيڪي عزت جي قابل آهن انهن کي بہ عزت نٿا ڏيون.

حضرت پير سائين پاڳارا خوبصورت نوراني چهري ۾ اڇي رنگ جي لباس ۾ منهنجي سامهون واري ڪرسيءَ تي ويٺا هئا اهو خواب نہ هو بلڪ حقيقت هئي. حضرت پير سائين پاڳارا هر ڳالهہ جي ڄاڻ ۽ علم رکندا آهن. هو يقينن مون کان پڇڻ بغير منهنجي چهري کي پڙهي چڪا هوندا! تنهن جي باوجود مون تي ائين ئي ظاهر ڪري رهيا هئا تہ هو ڪجهہ ڄاڻن ئي نٿا ۽ مون کان سوال تي سوال ڪري رهيا هئا.

قبلہ سائين وائيٽ (سفيد) ڊريس ۾ زبردست پرسلنٽي (شخصيت) لڳي رهيا هئا. وائيٽ ڪلر تہ گهڻا ماڻهو پائيندا آهن پر قبلہ سائين کي ڏسي اندازو ٿيو تہ وائيٽ (سفيد) ڪلر لاءِ بہ شخصيت هجڻ ضروري آهي.

آئون جيڪو سوچي گهران نڪتي هئيس سو قبلا سائين تي نظر پوندي ئي سڀ ڪجهہ وسري ويو. پهرئين تہ مون کي اها بہ خبر نہ هئي تہ قبلا سائين سان ڳالهائبو ڪيئن آهي. انهن جي نظر پوندي ئي منهنجون سڀيون چالاڪيون ختم ٿي ويون، آئون قبلا سائين کي سر ڪري مخاطب ڪري رهي هئيس. قبلا سائين باقاعده ايڊمنسٽريٽر جو رول ادا ڪري رهيا هئا ۽ منهنجي حالت ائين هئي تہ جيئن ڊفر اسٽوڊنٽ ڪنهن سي ايس ايس جو امتحان ڏيئي رهيو هجي. منهنجي ڪنفيوز ٿيڻ جي باوجود قبلا سائين شفقت سان منهنجي حوصلا افزائي ڪري رهيا هئا.

قبلہ سائين جي زيارت ڪرڻ کان پوءِ سوچيم تہ قبلا سائين ڪو عام يونيورسٽي جا پروفيسر يا ٽيچر نہ آهن، انهن تي الله تعاليٰ ۽ ان جي نبي ﷺ جي خاص رحمت آهي.

منهنجي قبلا سائين سان جڏهن به ملاقات ٿي آهي منهنجي دل مان اها ئي دعا نڪرندي آهي يا الله! منهنجي مرشد کي وڏي زندگي ڏي. حضرت پير سائين پاڳارا جي شفقت منهنجي سر تي هميشه قائم و دائم رهي. جڏهن به آئون قبلا سائين جي زيارت ڪري ٻاهر نڪرندي آهيان ته ڪنهن ٻي جو چهرو نه وڻندو آهي ۽ نه هٿ ملائڻ تي دل چوندي آهي. ۽ آئون پنهنجي پاڻ ۾ فخر محسوس ڪندي آهيان ۽ الله تعاليٰ کان اها ئي دعا گهرندي آهيان ته اي الله! مون کي همٿ ڏي جو آئون پنهنجي مرشد جي اميدن ۽ معيار تي پوري لهان، مون کان اهڙي غلطي يا گناهه سرزد نه ٿئي جو منهنجو مرشد مون تي رنج يا ناراض ٿئي. مرشد رهبر جي هر زيارت کان پوءِ ٻي زيارت جي لاءِ دعا گهرندي آهيان.

هڪ ڀيرو مون کي تمام گهڻي حيرت ٿي ته قبلا سائين مون کان گهريلو مسئلي جي باري ۾ پڇيو ته مون لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. ته قبلا سائين مون کي هڪدم چپ ڪرائيندي چيو ته مون کي سچي خبر آهي، مون کان نه لڪاءِ، مون کي تمام گهڻي حيرت ٿي ته قبلا سائين کي شايد ڪنهن ٻڌايو آهي. پر وري به اهو عقيدو آهي ته قبلا سائين اسان جي دلين جا ۽ گهرن جا راز به ڄاڻندا آهن. انهيءَ سوال کان پوءِ مون پنهنجا سڀ ڏک وساري ڇڏيا. سوچيم ته هاڻي مون کي پريشان ٿيڻ جي ضرورت نه آهي. جڏهن ته قبلا سائين هر ڳالهه کان واقف آهن ته يقينن انهن جي دعائن سان منهنجا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا.

●●


## مبارڪباد

حُر تحريڪ، تاريخ ۽ ادب تي منصور جي اٺين شماري

آڻڻ تي "منصور" ستّ کي واڌايون ڏيان ٿو

## سيٺ ميرُو مل

**انڊس ڪاٽن فيڪٽري سانگهڙ**

# رحمت پري رات پنهل پير پاڳاري جي شهر ۾

فقير محمد هاشم سيال "غمدل"

فقير محمد هاشم "غمدل" سيال مرحوم، جنهن 18 نومبر 2003 تي وفات ڪئي. فقير صاحب، اداري سانگهڙ پبليڪيشن، منصور جو جو سهڪاري ميمبر رهيو. پنهنجي وفات کان چند ڏينهن اڳ 10 نومبر تي هي مقالو خاص طرح منصور لاءِ لکيو. جيڪوسندس زندگي جو آخري مقالو هو. ادارو، مرحوم جي مغفرت لاءِ ڏٽي در دعاڳو آهي.

الله تبارڪ تعاليٰ جي ذات بابرڪات ڪجهه راتيون ۽ ڏينهن شان واريون، عظمت واريون ۽ ڀلاريون ڪيون آهن. انهن راتين ۽ ڏهاڙن کي وري الله سائين جا محبوب بندا ملهائيندا آهن. معراج واري رات به انهن مان هڪ آهي. 27 رجب المرجب جي رات الله جي محبوب محمد مصطفيٰ ﷺ جي معراج واري رات آهي جيڪا هر سال جيان پنهل پاڳاري جي پروانن پنهنجي محبوب مرشد جي درگاهه شريف تي پهچي ملهائي. معراج مصطفيٰ هر سال جيان مني محبوب مصطفيٰ جي ٻچڙي "حرن" جي روحاني پيشوا، مرشد رهبر، روضي ڌڻي جي درگاهه شريف جو سجاده نشين وڏي اهتمام سان ملهائيندا آهن. شام کان ئي جماعت ٽولن جي شڪل ۾ جوڪ در جوڪ درگاهه پاڪ تي پهچڻ شروع ٿي ويئي. لکن جي تعداد ۾ پانڌيئڙا ايندا رهيا. هاءِ اسڪول کان باب روضي ڌڻي رهبر تائين، جماعت خانن کان شاهي بازار تائين هر گهٽي ۾ جماعت سڳوري جٿن جي شڪل ۾ گڏ ٿيندي رهي. اهو سلسلو فجر تائين جاري رهيو. هوڏانهن مغرب کان پوءِ مسجد شريف ۽ روضي شريف جي چانڊوڪي هيٺ معراج مصطفيٰ جي تقريب شروع ٿي ويئي. علماءِ ڪرام پري پري کان اچي تقريب ۾ شريڪ ٿي رهيا آهن. نعت خوان نعتون پڙهي رهيا آهن. سائين عاشق حسين شاهه جيلاني جي تقرير جماعت کي گرمائي ڇڏيو ته دينو فقير ۽ محبوب شيخ جي نعتن جماعت جي نند اکين مان اڪيڙي ڇڏي. ٻي طرف جماعت ۾ فقير ننگر تقسيم ڪندا رهيا. جيڪو سلسلو صبح تائين جاري رهيو. سبحان الله! يا رسول الله، ٻيڄ پاڳارا جون صدائون سڄي رات

گونجنديون رهيون. سڄي رات رحمت جو درياهہ موجزن رهيو. حضرت روضي ڌڻي رهبر جي درگاهہ اڳيان 'سماع' عجيب رنگ لڳايو بيٺو هئي. تان جو فجر جو ٽائيم ٿيو. آذان شروع ٿي ويئي. نماز بعد فارغ ٿيل شاگردن کي پڳون ۽ جبا، علماءِ ڪرام پارائيندا رهيا. اهو سلسلو صبح صادق کان ويندي ٻن پهرن تائين جاري رهيو. اڄوڪو ڏينهن خوشين ڀريو، رحمتن ڀريو ۽ مرشد روضي ڌڻي جي درگاهہ، سبحان الله. يار سول الله ۽ پيج پاڳارا جي صدائن سان گونجندي رهي. تان جو اهو لمحو، اهي گهڙيون جن جو انتظار حر جماعت جي هر فرد، جوان توڙي پوڙهي کي هوندو آهي اچي ويو. ۽ لڪي دروازو صبح 8 بجي مهل کلي ويو. پيج پاڳارا جي صدائن سان هر هڪ مجاهد جي منزل هاٿي پير سائين سردار جي بنگلي جي اڳيان ميدان ڏانهن تولن جي صورت ۾ جماعت گڏ ٿيڻ شروع ٿي ويئي. ڪجهہ ئي لمحن بعد جماعت لکن جي تعداد ۾ اچي زيارت گاهہ ۾ گڏ ٿي. اهم نظارو ڏسڻ وٽان آهي. پيج پاڳارا جي صدا، نعت شريف جو آواز، سماع جي آواز سان زيارت گاهہ گونججي رهي آهي. هاٿي تہ تر جيتري جڳهہ بہ نہ رهي آهي. حر پروانن جون نگاهون بنگلي جي بالڪني ۾ پنهنجي محبوب مرشد جي ديدار جون منتظر آهن. پويان روضو شريف، سامهون مرشد رهبر جي لاءِ آتيون اکيون، وري پيج پاڳارا جا نعرا، ڪيڏو نہ روح پرور منظر هو. اچانڪ سمنڊ جي ڇولين وانگر بسم الله! سبحان الله جي صدا بلند ٿي. هر نگاهہ بالڪني ڏانهن ڇڪجي وئي. اهو لمحو ڪيڏو نہ عظيم آهي. حر پروانا انهي هڪ لمحي لاءِ هزارين ميل منزلون ماري اچي گڏ ٿيا آهن. بنگلي مبارڪ جي بالڪني مان حرن جو جيءَ جيارو، سهڻو سيد، محسن ملت، شاهہ مردان شاهہ (ثاني) پير سائين پاڳارا جن روائتي لباس سان تشريف فرما آهن. پاڻ ايندي ئي جماعت ڏانهن نگاهہ ڪيائون. لائوڊن تي اسلام عليڪم جو آواز گونجڻ لڳو. جماعت جيڪا لکن جي تعداد ۾ آهي، سا خاموشي سان محبوب مرشد ڏانهن متوجهہ آهي. پاڻ جماعت کي تلقين بہ ڪندا رهيا ۽ مشورا بہ ڏيندا رهيا. نماز سان گڏ سلسلہ قادريہ جي ذڪر جي تلقين، پاڙي وارن سان ڀلائي ڪرڻ سان گڏ جماعت کي مبارڪ ٿا ڏين تہ وڏي خشڪ سالي کان پوءِ آباد ٿيا آهيو. ۾ هوٽلن تي ويهي اجايو وقت نہ وڃايو. نيائين کي تعليم جي تلقين ڪري دعا لاءِ هٿ مٿي ڪنيائون. سبحان الله، روضي ڌڻي رهبر جو روضو، محبوب مرشد جا دعا لاءِ ڪنيل هٿ مبارڪ. جماعت جا ٻيڙا پار،

رحمتن جي رات کان پوءِ رحمت پري دعا، جماعت هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيڻ لڳي. سڀئي خوش. هر نگاهہ مرڪي رهي هئي. هوڏانهن تمام خليفہ پنهنجي مک خليفي فقير عبدالله مگريو سان گڏ موجود آهن، سڀيئي خوشي ۾ هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيئي رهيا آهن. خليفيٰ صاحب جو فرزند فقير قادر بخش مگريو هر هڪ سان گلي ملي مبارڪون ڏيئي رهيو آهي. سندن پر ۾ فقير منٺار مگريو "ايڊيٽر مهراڻ" موجود آهن. هر هڪ خوش آهي. ٿورو اڳتي بنگلي جي اڳيان صحن ۾ باغيچي پرسان حر جماعت جو مجاهد، فقير جادم مگريو پڻ موجود آهن. هر هڪ فقير سان ملي رهيا آهن. جيئن تہ پاڻ وزيراعليٰ سنڌ جا مشير بہ آهن سندس ڪراچي واري آفيس هر ننڍي ۽ وڏي لاءِ کليل آهي. غريب جماعت وارن جا مسئلا حل ڪرائي خوش ٿيندا آهن. اڄ بہ فقيرن کي ٻڌي رهيا آهن. ٿورو اڳتي مجاهد فورس 606 ٻٽالن ۾ سلسلہ فرق جو سرواڻ فقير وريام خاصخيلي بہ جماعت وارن سان ملي رهيا آهن. پرم لاڙ چونڪي جو مک خليفو لال بخش احمداڻي، خليفو خان محمد لغاري، ٽنڊي باگي وارو سائين حامد علي شاهہ راشدي بہ جماعت کي مبارڪون ڏئي رهيا آهن. سانگهڙ سان جماعت جو خليفو علي غلام نظاماڻي بہ موجود آهن. تان جو اسپيڪرن تي اعلان ٿي ويو تہ جماعت آهستي آهستي لوهي دروازن کان روانگي ڪري. جماعت سڀوري دعائن سان جهول ڀري پنهنجن ماڳن ڏانهن رواني ٿي رهي آهي. اهو سلسلو شام تائين جاري رهيو. ڏٺي در دعا آهي تہ اهو سلسلو قيامت تائين جاري رهي. يقيناً مرشد روضي ڌڻي جي دعائن سان رحمتن جو درياءُ ۽ فيض، قيامت تائين ائين جاري ۽ ساري رهندو. انشاءَ الله

●●

---

## پيغام

تاريخ تي قلم کڻڻ ۽ وساريل ورقن جي ڳولها ۽ تحقيق ڪري دنيا سامهون آڻڻ، اهو قابل قدر ڪم آهي، جنهن لاءِ منصور سٺ جا دوست مبارڪباد جا مستحق آهن.

**فقير موليڏنو راڄڙ**

ناظم يو سي چوٽياريون - ٽنڊو منا خان ضلع سانگهڙ

---

# ميوو فقير ڪارڙو

ڳالهه ٻولهه: فقير مير محمد نظاماڻي



(ميوو فقير ڪارڙو تاحال حيات آهي ۽ سندس عمر هن وقت 100 سال آهي.)

سوال: فقير سائين، توهان پنهنجو تعارف ڪرائيندا؟

جواب: منهنجو نالو ميوو ولد عثمان آهي، ۽ ذات جو ڪارڙو آهيان. اسان جو اصل ڳوٺ ڏڏر آهي ۽ هينئر اسان جو پنهنجو ڳوٺ آهي.

سوال: توهان جي عمر ڪيتري آهي؟

جواب: آءُ 1905ع ۾ پيدا ٿيس، هاڻ اوهان پاڻ ٿي حساب لڳايو ته ڪيتر 1992ع ۾ منهنجي عمر گهڻي ٿيندي. (فقير جي عمر ان حساب سان 1992ع ۾ انٽرويو ڏيڻ وقت 87 سال ٿيندي).

سوال: توهان ذڪري ڪهڙي گادي ڌڻي کان ورتو؟

جواب: مون پير سائين ڪوٽ ڌڻي بادشاهه کان ذڪر ورتو. ان وقت پير

سائين ڪوٽ ڏني جن ٽر جي آخري سفر تي هُئا. ان وقت منهنجو والد صاحب وفات ڪري چڪو هو. منهنجي عمر 10-11 سال ڪن جي هئي. مون ۽ منهنجي ڀاءُ پنهنجي پڦي بختاور سان گڏ اچڙي ٽر جي (مٺي وارو) واري دعوت ۾ پير سائين ڪوٽ ڏٺي جن کي ذڪر لاءِ روبرو عرض ڪري، ذڪر ورتو. مون کي حضرت ڪوٽ ڏٺي جن جي صورت مبارڪ ٿوري ٿوري ياد آهي.

سوال: حضرت سورهيه بادشاهه جن بابت توهان کي ڪيتري معلومات آهي؟

جواب: حضرت سورهيه بادشاهه جن گادي نشين ٿيڻ سان 7 دعوتون ورتائون، ڪي دعوتون جمڙائو طرف ۽ جان محمد خاصخيلي جي ڳوٺ ۽ ڪڏڙي ۾ پڻ دعوت ورتائون. پوءِ پاڻ جيئن ولايت مان انگريزن جو ڏنل قيد ڪاٽي آيا ته سانگهڙ لڳ گڙنگ بنگلي تي آيا. ان وقت آءُ جوان هئس، پوءِ پاڻ سردارن، گڙنگ بنگلي کان 6 مهينن جي سفر لاءِ بهاولپور، جيسلمير، ٻاهڙمير ۽ جوڌپور جي علائقن طرف اُسهيا. پوءِ لاڙ واري پاسي پاروچو، باغ بدين کان ٿيندا سکر ڏانهن روانا ٿيا.

سوال: انهي سفر ۾ توهان ڪهڙين دعوتن تي ويا هئيو؟

جواب: اسان تقريبن انهي سڄي سفر ۾ گڏ هئاسون، مون سان گڏ ڏهه ڄڻا محمد يوسف فقير مهر جي سنگت جا ۽ ڏهه ڄڻا وريام فقير خاصخيلي جي سنگت جا هئا، جن ۾ حاجي خاصخيلي مٺو جو ڀاءُ، جانب وساڻ، ڏنو خاصخيلي، ڪيوڙو مهڪاٽي، ڪووڙو جانوري، الهه بخش پتافي، الهه ڏنو فقير راڄپر، سڪيلڊو ڳاهو، جانب ڪارڙو، علي محمد پسايو، مناهي هاليپوٽو، پنهون ڳاهو، نورو وساڻ ۽ آئون شامل هئاسون، باقي ڪجهه نالا مون کي هينئر ياد نه آهن.

انهن دعوتن تي وڃڻ لاءِ اسان سنجهورو کان ريل گاڏي ۾ چڙهياسون ۽ وڃي ميرپورخاص پهتاسون، اتان ڪانپوءِ موجوده انڊيا جي ٻاهڙ مير واري اسٽيشن تي پهتاسون.

اتان کان ڇهه ميل ڪن جي پنڌ تي ابراهيم فقير مگريو جي دعوت هئي، جيڪو پاڻ ته گذاري ويو هو ۽ سندس پٽن اها دعوت جهلي هئي، اسان رستي ۾ وڏا وڏا ٽوهه ڏٺا، خبر ئي نه پئي پوي ته ٽوهه آهن يا ڇانهان آهن، پوءِ هڪڙي ول مان پٽي ڏنوسون ته اهو ڪڙو

هو، انهي پنڌ ۾ مون سان گڏ. نورو وساڻ، ڏنو خاصخيلي، حاجي خاصخيلي ۽ مناهي هاليپوٽو هئا. اسان جيئن ئي دعوت تي پهتاسون ته ان وقت ضرب لڳي رهي هئي.

سوال: ضرب ڪيئن لڳندي هئي؟

جواب: ضرب، لاالا لا الله محمد الرسول الله جي ڪلمي سان لڳندي هئي، ان وقت نعرو (پيج پاڳارا) ڪونه لڳندو هو. نعري هڻندڙ کي ڪامي (نوڪر) لئيون هڻي سزا ڏيندا هئا. ضرب هڻڻ وقت آخر ۾ محمد الرسول الله چوڻ وقت آذان وانگر هڪ ساهي ۾ چوندا هئا. ضرب سڄي جماعت هڻندي هئي، ضرب ۾ وڏو جوش هوندو هو. هڪ ڀيري محمد هاشم وساڻ جو والد گهوڙي تي چڙهيو پئي آيو، ضرب لڳي ته هو گهوڙي تان ڪري پيو. انگريزن، حر مارشل لا لڳائي ته پوءِ پيج پاڳارا جو نعرو لڳڻ به شروع ٿيو.

اسان جيئن دعوت ۾ پهتاسين ته سورهيه بادشاهه جن سامهون پئي آيا، پاڻ اڳ ۾ هئا ۽ جماعت سندن پنيان ۽ ٻنهي پاسن کان پئي آئي، اتي جماعت جي تمام گهڻي رش هئي، اسان ويجهو پهچندي ئي زور سان ضرب هنئي. ان وقت پير سائين جن ڪامين کي فرمايو ته سامهون فرق جماعت وارا پيا اچن، اهي اوهان جي لئين جي پرواهه نه ڪندا، اسان هڪبئي کي چيو ته ڪامين جي لئين کان نه ڊڄجو، پير سائين جن جي ويجهي کان زيارت ڪنداسون. ڪامين اچي اسان کي لئين سان ورتو. جن جي اسان ڪابه پرواهه نه ڪئي، پوءِ پير سائين جن اشاري سان ڪامين کي منع ڪئي ۽ اسان ويجهي کان زيارت ڪئي، پوءِ اسان سڄي سفر ۾ ساڻن گڏ هئاسون.

پارڪر ۾ پير سائين جن کي شڪار جو خيال ٿيو. جيسلمير جي دعوت کانپوءِ جوڌپور واري دعوت هئي، اڳيان وشنوئن جو ڳوٺ هو، اتي روجهه به هئا ۽ هرڻ تمام گهڻا هئا. اتي هرڻن ۽ هرڻين جا ايترا ته ولر هئا. جيئن پاڻ وٽ مال جو ڌڻ هوندو آهي. پير سائين جن وٽ 5 فائر واري رائفل به هئي ۽ 22 بور جي بندوق به هئي، ريوالور سدائين سندن هٿ ۾ هوندو هو. جڏهن ته تلوار به معفي شريف تي اڳيان پيل هوندي هئي، اتي پاڻ سڳورن هڪ هرڻ کي بندوق هنئي. هرڻ ڪري پيو، جنهن کي جانو فقير مگرئي (جيڪو اتي جو نائب

مک هو) هرڻ کي سير ڏنائين. ان وقت اسان ڪجهہ فاصلي تان پويان مڏي (پير سائين جن جو سفري سامان) سان گڏ پئي آياسون، انهي وچ ۾ وشنوئن سان جماعت جو جهيڙو ٿي پيو ڇو تہ هو هرڻن جو شڪار ڪرڻ ڪونہ ڏيندا هئا. هو لٺيون ۽ ڪهاڙيون کڻي وڙهڻ آيا. پوئتي اسان کي جيئن ئي جهيڙي جي خبر پئي تہ اسان بہ ان طرف ڀڄندا وياسون، مون سان گڏ ڪوڙو، ڪيووڙو ۽ سوڍو بہ ڪهاڙيون ۽ لٺيون کڻيو ڀڄندا هليا. اسان اچي جهيڙي جي وچ ۾ پياسون، هڪ ٺڪر کي مون لٺ هنئي، مٿان وري سوڍي، لٺ هنئيس تہ پرتي وڃي ڪريو. انهي جهيڙي ۾ جماعتي بہ گهٽا ٿيا. جڏهن تہ 3 وشنوئي مئا ۽ ٻيا گهٽا ٿيا بہ.

ان کانپوءِ پير سائين جن سان گڏ رڻ ڪڇ ڏانهن وياسون، اتي پاڻ هرڻن جو شڪار ڪيائون. هڪ ڏينهن 25 هرڻ ۽ ٻي ڏينهن 27 هرڻن جو شڪار ڪيائون، اتي رڻ ڪڇ جي پر ۾ قبول فقير راڄڙ جي دعوت هئي، ان کي ٺيڙ بہ سڏيندا هئا، انهي پاسي وارين دعوتن کانپوءِ پاڻ، لاڙ جي سفر تي نڪتا، اتي خليفي مير خدا بخش جي دعوت ورتائون. مير خدا بخش جيڪو مير لانبٽ جي نالي سان مشهور آهي، (اهو لفظ اصل ۾ لابرڊ پارڪ جو بگڙيل آهي) لاڙ جي سفر کانپوءِ اسان کي اجازت ملي پوءِ اسان پنهنجي گهر آياسون.

سوال: پير سائين سورهيہ بادشاهہ جن غازين جي ڀرتي ڪئي، ان بابت ٻڌايو؟

جواب: اسان سانگهڙ لڳ گڙنگ بنگلي تي غازين ۾ پنهنجو نالو لکرايو، ان ۾ فقير محمد يوسف مهر جي سنگت جا مريد مهڪائي، ميرو نظاماڻي، امام بخش سنجراڻي ۽ دودو ڪوري هئا. جڏهن تہ ورياماڻي سنگت جا غلام علي چانگ، حاجي چانگ ۽ بخش موچي هئا. جيڪي ٽولن جا مک هئا. آءُ حاجي چانگ جي ٽولي ۾ هوس، پير سائين جن فرمايو تہ اسان کي انگريزن خلاف تحريڪ هلائي، ملڪ آزاد ڪرڻو آهي، جنهن لاءِ توهان کي غازي ڀرتي ڪيو ويو آهي. توهان انهي جهاد لاءِ تيار رهو. گڙنگ بنگلي تي لانديون ٺهيل هيون جن ۾ جماعت رهندي هئي ۽ چوڪي بہ هلندي هئي، پاڻ باقبيلي اتي رهندا هئا. اسان کي خبر پئي هئي تہ ان وقت قائداعظم محمد علي جناح بہ ملڪ جي آزادي لاءِ پير سائين جن سان صلاحو هو ۽ اندروني طور تي پير سائين جن سان

رابطي ۾ هو، ان وقت سر غلام حسين هدايت الله وزيراعليٰ هو. ان جي سنڌ تي وزارت هئي. سورهيه بادشاهه کي انگريزن سزا ڏئي ڦهريون ڀيرو جڏهن ولايت موڪليو هو تنهن ۾ غلام اڪبر صوبيدار، علي محمد راشدي ۽ الهه بخش سومرو وزيراعليٰ جيڪو شڪارپور ۾ مارجي ويو هو، اهي پير سائين جن جا وڏا مخالف هئا ۽ سزا ڏيارڻ ۾ انهن جو وڏو هٿ هو.

غازين جي ڀرتي ڪانپوءِ انگريز جي ڇاڙتن، حرن خلاف انگريزن جا ڪن ڀرڻ شروع ڪيا، اجا تحريڪ شروعاتي مرحلي ۾ هئي ته انگريز حڪومت ڪنهن بهاني سان پير سائين جن کي ڪراچي گهرائي نظربند ڪري ڇڏيو. ان وقت سورهيه بادشاهه جن جا حڪم احڪام، لعل بخش خاصخيلي ۽ محبت فقير ٻهڻ جي ذريعي ملندا هئا، جيڪي مڪ هئا ۽ ڪراچي رهندا هئا. پوءِ هڪ ڏينهن سورهيه بادشاهه جن حڪومت جو حڪم ٽوڙيندي درگاهه شريف روانا ٿيا. انهي عرصي ۾ گورنر لنڊن ويل هو ۽ وڃڻ کان اڳ انهي سر غلام حسين هدايت الله کي چئي ڇڏيو هو ته جيستائين آئون اچان، پير سائين جن کي ڪيڏانهن به وڃڻ نه ڏجانءِ ۽ مٿن چڪاس رکجان.

پير سائين جن ڪراچي مان درگاهه شريف فون ڪيو ته مان ايڏانهن اچان ٿو ۽ شڪار جي تياري به ڪري ڇڏجو. جو مان ڪيٽي ۾ شڪار به ڪندس. پوءِ پاڻ ميرپورخاص کان ٿيندا گڙنگ بنگلي تي آيا. جتان کان پاڻ پوءِ درگاهه شريف لاءِ روانا ٿيا ۽ خيرپور لقمان کان ٿيندا درگاهه شريف پهتا. انهي عرصي دوران ناظم خيرپور غلام رسول شاهه ۽ غلام اڪبر ڪوسي، سر غلام حسين کي فون ڪيو ته پير سائين الائي ڪيڏانهن ويو آهي ۽ وزير کي ڪنهن ٻي سگهاري ڏر به اهو چيو ته تون پير سائين تي نظر رکين ها ۽ وڃڻ نه ڏئين ها! پوءِ راتو رات ۾ حڪومت جا سڪر ۽ خيرپور فون ٿي ويا. درگاهه شريف اڌ خيرپور ضلع ۾ ۽ اڌ سکر ضلعي ۾ هو. پير سائين جن صبح جي وقت ڪيٽي تي وڃڻ لاءِ درگاه شريف کان نڪتا ته ابل واهه وٽ پوليس ناڪابندي ڪيو بيٺي هئي. جتان پير سائين جن کي واپس ڪراچي وٺي ويا.

انهن ڏينهن کان ڪجهه اڳ علي محمد راشدي گادي خلاف شرارتون

کندو رهيو. هن پاڳاره خاندان جي پڳ، حکومت سان منصوبو سٽي جيئل شاهه کي وني ڏيڻ پئي چاهي، ته جيئن درگاهه تي انگريزن جي خيال جا ماڻهو گادي نشين ٿين. پر اها ڳالهه جماعت کي هرگز قبول ڪونه هئي. پوءِ علي محمد راشدي جي چُرت تي ناظر خيرپور اهو منصوبو ٺاهيو ته جماعت کي تمام گهڻو تنگ ڪجي ته جيئن هو آڻ مڃين. تنهن ڪري ناظر خيرپور غلام رسول شاهه حرن سان تمام وڏا ظلم ڪرڻ شروع ڪيا. دنيا جو ڪو اهڙو ظلم ڪونه هو جيڪو هن حرن سان لاڳو نه ڪيو هجي جنهن ڪري حرن جي سيني مکن گڏجي صلاح ڪئي ته انهي وطن جي دشمن ناظر کي ڪنهن طريقي سان ماري ڇڏجي. پوءِ فقيرن ڳوٺ رشيد خان ۾ ميٽنگ ڪئي. جتي سڀ مُک اچي گڏ ٿيا. تن ۾ بخش موچي، غلام محمد نظاماڻي، ميدو فقير نظاماڻي، غلام علي چانگ، الهه بچايو سنجراڻي، حاجي چانگ ۽ ٻيا موجود هئا. ماني نگر کان پوءِ اها صلاح ٿي ته ٻيا ٻه جيڪي فقير آهن سي ٻه ناظر کي مارڻ لاءِ اچن. فرق جماعت ۽ سالم جماعت وارا سڀ سڏوسنئون ٿا حملو ڪيونس. اها هڪڙي صلاح بيهاري پوءِ هڪ منصوبي موجب حاجي چانگ، 6 اٺ ڪري 12 ماڻهو ساڻ ڪري ڇڇڙو شهر جيڪو ناري چوندڪو جي پر ۾ واقع جو شهر آهي جنهن ۾ ناظر غلام رسول شاهه جو هڪ گهرو دوست رهندو هو. سو فقير انهي جي وجهي ڦر ڪري آيا.

سوال: اهو ڏاڙو ڇو هنيو ويو؟

جواب: اهو ڏاڙو صرف ناظر کي آڻڻ لاءِ هنيو ويو ته جيئن سندس دوست تي حرن جي حملي جو ٻڌي ناظر ائين ايڏانهن نڪري اچي. واقعي ڪان پوءِ ناظر وڏي جوش ۾ اچي ويو ۽ جانچ لاءِ نڪتو. ساڻس گڏ تمام گهڻي پوليس به هئي. اتي عمر مگريو مير واهي مشهور ماڻهو هو. هو حر جماعت جو فرق وارو ۽ وڏي پهچ وارو هو. ناظر، عمر مگريو کي ياڻ وٽ گهرايو ۽ چيائين ته حر هي ڏاڙو هٽي ويا آهن. عمر مگريو جواب ڏنو ته حر ڪڏهن به ڏاڙو ڪونه هڻن. جي حرن ڏاڙو هنيو هوندو ته منهنجي سسي تون ڳلي کان ڪٽي ڇڏجانءِ. ناظر چيو ته پوءِ اهو ڏاڙو ڪنهن هنيو آهي...؟ عمر مگرئي وراڻيو ته اهو ڏاڙو پاڻين جو هنيل آهي. تون چڙهي وڃي جانچ ڪر. جي ڏاڙيل

ٿين ياتي ته آئون سچو. ناظر چيو ته نيڪ آهي. آئون وڃي ٿو جانچ ڪريان. جيڪڏهن اهو ڏاڙو حرن تي ثابت ٿيو ته آئون ذات حرن ڪي اهڙو ڪندس جو دنيا ڏسندي، ۽ تون مون کي ميجان ته ڪو مڙس ماڻهو هو، نه ته ڇنڇان ته ڪو گڏهه جو پٽ هو. عمر مگرئي چيو ته نيڪ آهي، مون کي اها ڳالهه قبول آهي. اها ڳالهه ڪري فقير عمر مگريو درگاهه شريف اچي فقيرن سان مليو. چيائين ته ناظر کي مون هاٿي ڏکڻ طرف چاڙهي ڇڏيو آهي ۽ هو ڪنئواري ويندو. هاٿي به جي بَل نه مليو ته پوءِ وري ڪڏهن به ڪونه ملندو.

اڳي جن فقيرن پاڻ ۾ ناظر کي مارڻ جي صلاح ڪئي هئي تن مان ڪي ڪٿي هئا ته ڪي ڪٿي. ڪن کي ڄاڻ ٿيو ۽ ڪن کي ڪونه ٿيو. اسان وٽا هئاسون ته قدرت سان بخش موچي ۽ سندس پاءُ احمد به اچي نڪتا. علي محمد راڄپر، فقير علي شير خاصخيلي (خمڻ خاصخيلي) به پهتو. ڪنهن گهر مان هڪ نڪتو ته ڪنهن گهر مان به نڪتا. جن فقيرن سان صلاح ٿيل هئي سي پهچي ڪونه سگهيا. پوءِ تڙ تڪڙ ۾ چاليهه ڄڻا گڏ ٿياسون. ڪن وٽ لٺ هئي ته ڪن وٽ ڪهاڙي ۽ به ٽي بندوقون ڪٿي الله توآهر ڪئي سون.

سوال: انهن چاليهن فقيرن ۾ ڪهڙا ڪهڙا همراهه هئا. اهي نالا ٻڌايو؟

جواب. سڀ نالا ته هينئر ياد ڪونه آهن پر جيڪي ياد آهن سي توهان کي ٻڌايان ٿو. انهي ٽولي ۾ مون کان سواءِ گهرام چانگ، مگهن ڳاهو، حاجي چانگ، سانوڻ ڳاهو، غلام علي چانگ، رستم نظاماڻي، جيوڻ لغاري، جمعون چانگ، آچر چانگ، طيب لغاري، دورو ڪارڙو، ڦوٽو لغاري، امام دين ڪارڙو، گنهور ٻهڻ، ٽڳيو ڪارڙو، محمد خان ٻهڻ، الهداد ابوپوٽو، عمر ڪارڙو، علي شير (خمڻ خاصخيلي)، مريد شاهه، وليو خاصخيلي، عباس علي شاهه، علي محمد راڄپر، مصري شاهه، الهه بخش جهلڻ، قادر بخش شاهه، سليمان جانوري، تاجن شاهه، ٿوهه جانوري، ساماٽو چانڊيو، پير جانوري، عيسو خاصخيلي، ڪريم بخش جانوري، مناهي هاليپوٽو، بخش موچي، جمعون چانگ (پڪاچانگ جو) احمد موچي ۽ پريو لغاري شامل هئا.

هاٿي اسان تيار ٿي نڪتاسون ڪينواري واري پاسي. ڇو ته اسان کي اها خبر پئجي چڪي هئي ته ناظر ڪنئواري بنگلي تي اچي رهيو آهي. پوءِ

بيلدار ٿي رهيو آهيان. مون کي هتي جا سڀ گهٽ گهيڙ ساريا پيا آهن. مون هتي وڏن ماڻهن جي ڊيوٽي به ڏني آهي. بنگلي کي متي وجهڻ لاءِ اولهه کان چاڙهي آهي ۽ ڪمرا به ساريا پيا آهن. اسان ناري جي ڪپ سان قطار ۾ لڪيو وينا هئاسون. اسان ڏٺو ته ڊيوٽي ڏيڻ وارو سپاهي اسان کان تورو پريان بيٺو آهي ۽ مٿان کان ڪڙڪو ٿيو جو اهي سپاهي پهرو پورو ڪري هيٺ لهي رهيا هئا. اسان به اهو وقت مناسب چاٽي ڪئي الله توآهر. اڳيان ٿيا بندوقن وارا ۽ پٺيان ڪهاڙين ۽ لٺين وارا.

سوال: اوهان وٽ بندوقون گهٽيون هيون؟

جواب: هڪ رائفل ۽ 12 بور جون 3 بندوقون هيون ۽ ٻيون ڪجهه مُنهن پرڻ واريون دبي جون نهيل بندوقون هيون. پوءِ اٺ قطار ڪري اڳتي وڌياسون. گهٽي ۾ هڪ سپاهي وينو هو، ان چيو ڪير...! تڪاءِ ڪئي سون اُن کي بندوق ته هو اتيئي ڍير ٿي پيو. ان وقت اسان زور سان پيچ پاڳارا نعرو هنيو ۽ سڌو گهڙياسون بنگلي ۾. هرڪو ستو پيو هو. هڪ گن مشين وارو ۽ هڪ رائفل وارو اجا مٿي مورچي تي هئا. گنهور چيو ته هاٽي چاڙهي کان چڙهي مٿي هلو. هڪڙا هن در کان، هڪڙا هُن در کان. ان وقت ناظم پٺي تڙ ڪيو، انهي وچ ۾ هن هڪڙو در کولي پستول سان گولي هلائي، جيڪا ٻير جانوري کي منهن واري گولي لڳي ۽ ڪياڙي کان ٻاهر نڪتي. ناظم گولي هنئي وري دروازو بند ڪري متي لڪي ويهي رهيو. پوءِ فقير ڪهاڙين سان دروازو پيچي چڏيو ۽ ڳهڙي وياسون اندر. مون سان گڏ هڪڙو جمعون چانگ ڪڏڙي وارو ۽ ٻيو جمعون چانگ (پڪاچانگ وارو) هو. اسان ٽئي چٽا ڪمري ۾ گهڙياسون. ڏٺوسون ته غسل خاني جو در بند آهي. اسان دروازو ڪهاڙين سان وڍي اندر وياسون. ڪمري ۾ اوندهه هئي. ناظم غسل خاني جي ٽپ ۾ اونڌو ٿيو لڪيو پيو هو. هن کي اٿلايوسون ۽ سندس ريوالور ڦريوسنس. ريوالور جي ڳن ٿي سون چڙهيل هو. اهو ڪٽي ور ۾ هنيوسون. ناظم کي ٽپ مان اٿلائي ٿٿلائي ڇڪي ٻاهر ڪڍيوسن. قميص لٿل هئس ۽ پينٽ به لٿس هئس. رڳو هڪ ڇڊي پاتل هئس. پوءِ ڇڪي ٻاهر ڪڍي اچي ڪهاڙين سان ورتو سونس. ڪيس ٽڪر ٽڪر ڪيوسون. ناظم ٽپ ۾ يا ته ساهه بند ڪيو وينو هو يا خوف ۾ هانوَ ڦاٽي پيو هئس. هن

ڊاڙون تہ وڏيون پئي هنيون ۽ ظلم بہ وڏا ڪيا هئائين. اها سزا بہ ڄڻ
هن لاءِ گهٽ هئي. پٺن ۾ هڪ وڏو ڇُڳهہ نهيل هوس. بنگلي ۾
هڪ بہ اڙدلي هئا انهن کي ماريوسون. پي پوليس پڇي وچي بنگلي
کان ٻاهر جهنگ ۾ لڪي. هاٿي گن مشين واري مٿان مورچي مان فائر
پئي ڪيا ۽ گهڙي گهڙي پئي گولين جا وسڪارا لاتائين. فقيرن هن تي
گهٽيئي گوليون هلايون پر هو مٿي ڇت تي مورچي ۾ هو، تنهن ڪري
بچيو پئي ويو. اسان سوچيو تہ جي ائين گوليون هلائيندو رهيو تہ پوءِ
اسان هتان کان نڪري ڪونہ سگهنداسون. پوءِ ڏاکڻ کان پيٽ پر
ريڙهيون ڏئي مٿي چڙهياسون. اسان مٿي چڙهياسون تہ الائي سندس
گوليون ختم ٿي ويون هيون الائي ڇا! يا هو منگهہ ۾ لڪي ويهي
رهيو هجي سو اسان کي نظر ڪونہ آيو.

اتي رستم نظاماڻي چيو تہ (هُن اپٽان بارُود ڪَٽ ڳيا هي، هُن پڇو تہ
پڇون) انهي دوران جيڪي پوليس وارا بنگلي کان ٻاهر ٻوٽن ۾
جهنگ ۾ لڪي ويا هئا. انهن اسان تي فائر ڪيا. جنهن ڪري بہ ٽي
غازي شهيد ٿي ويا.

اتي الهہ بخش جهلڻ چيو تہ پريان مڙس لڪو وينو گوليون هٽي. ان
وقت اسان جيڪا بندوق ڪنئي هئي سا هڪڙي گولي واري ٽري نات
ٽري واري گروپ واري هئي، جيڪا منهنجي سئوٽ تڳيو توبچي هو ان
وٽ هيءَ ۽ هو وتس صرف بہ گوليون بچيل هيون. ان ڪڏ مان نڪاءِ
گولي ڪرايس تہ هو وچي ڪريو. ان کان پوءِ اسان اتان نڪرڻ جي
ڪئي. ويندي مهل منهنجي ڀاءُ عمر ڪارڙي کي گولي لڳي. جيڪا
ڪُک واري لڳي ۽ اڳيان کان نڪتي. فقير جا آندا ٻاهر نڪري آيا ۽
شهادت ماڻيائين. منهنجي ڀاءُ جي شهادت تي بہ مون کي ڏک ڪونہ
ٿيو. ڇو تہ اسان جنهن مقصد لاءِ هٿيار کنيا هئا ان ۾ سرن جو سودو
سهانگو سمجهندا هئاسون ۽ مون کي فخر ٿيو تہ انهي واٽ ۾ منهنجي
ڀاءُ بہ پنهنجو حق ادا ڪري سر قربان ڪيو. مون کي سندس شهادت
تي فخر ٿيو ۽ ٻين غازين مون کي مبارڪون ڏنيون. مون چيو تہ اها
بہ اسان جي ڪاميابي آهي. ان وقت اسان جو بارود کٽي ويو هو سو
اسان اتان کان ڏکڻ طرف نڪتاسون. پٺيان پي گولي جيوڻ کي
لونڌٽي کان لڳي. تنهن بہ شهادت ماڻي. جڏهن تہ ٻيون گوليون

الهداد کي لڳيون تنهن ٻه پنهنجو سر قربان ڪيو. انهي واقعي ۾ اسان جا ڇهه غازي شهيد ٿيا. جن ۾ مصري چانگ، طيب لغاري جيوڻ لغاري ٻپر جانوري، عمر ڪارڙو ۽ الهداد ابوپوٽو شامل آهن. غازين ۾ هڪڙو سيد مريد شاهه گرفتار ٿيو، جنهن کي گرفتا ڪري ڪٽي ويا. خبر نه آهي ته سکر يا خيرپور ۾ ان کي گهٽيون اذيتون ڏنائون پر هن ڪابه سچي نه ڪئي. ڪيس تمام گهٽوماريائون. پوءِ خبر نه آهي ته ڪيس ڪٿي شهيد ڪيائون ۽ ڪٿي دفن ڪيائون. باقي ٻين ڇهن شهيدن کي ڪئنواري بنگلي جي سامهون هڪ گڏيل قبر ۾ دفن ڪيائون. انهي واقعي ۾ ناظم واري ڌر جا ناظم سميت ست ڇٽا مارجي ويا.





ناظم خيرپور غلام رسول شاهه کي ڪينواري ۾ مارينڊڙ وليو فقير خاصخيلي ۽ جمعون فقير چانگ

سوال: ناظم جي مارجڻ کان پوءِ توهان غازين جو ٽولو ڪٿي ٻهتو؟

جواب: هرڪو پنهنجي پنهنجي ڳوٺ وڃي ٻهتو. تنهن کان پوءِ مارشل لا لڳو ۽ اسان ٻه وڃي ٿر جون ٽپون جهليون، ان طرف سانگهڙ جا غازي ٻه اچي نڪتا. جن ۾ سانگهڙ جا نظاماڻي، متو خاصخيلي، الهه بچايو خاصخيلي، غلام محمد نظاماڻي ۽ غلام علي چانگ سي سڀ اچي گڏ ٿياسون. پوءِ اتي انگريز مليٽري چڙهي آئي. اسان جيڪي غازي

هٿاسون سي اتان ڪان نڪري وياسون. باقي عام پبلڪ ۽ عام جماعت جا ماڻهو رهجي ويا. تن ڳوٺاڻن کي جيڪي لڳ ڀڳ اٺ سئو ڪن ڳوٺاڻا هئا تن کي مليٽري جهلي آئي.

سوال: مليٽري ڪهڙي هوندي هئي؟

جواب: گهڻن ئي ملڪن جي هئي. مليٽري ۾ بلوچي، پنجابي، سک، گورکا ۽ پٺاڻ قومن جا ماڻهو هئا. جيڪي قومي نواب ٽا سڏجن سي سڀ حرن جي پڻيان پير ڪنيو پيا ايندا هئا. اصل جماعت ساڻ جڻ ڪو خدا ڪارڻي وير هئن. ڪٽر دشمن هئا.

سوال: فقير سائين توهان کي فقير علي شير (خمڻ خاصخيلي) وارن بابت ڪيتري خبر آهي ۽ هو ڪٿي شهيد ٿيا؟

جواب: علي شير جنهن جو اصل نالو (خمڻ خاصخيلي) هو اهو مکي ۾ راتئي واهه ڪان پرياڻ ماراهو دڙو تي آيل هو، اتي غلام علي چانگ، حاجي خاصخيلي، الهه بچايو خاصخيلي، غلام محمد نظاماڻي ۽ ناجو نظاماڻي اچي دڙي تي چڙهيا ته پوياڻ ملٽري به اچي پهتي. فائرنگ ۾ منگهن فقير ڳاهو شهيد ٿي ويو. هي فقير ناظم واري مقابلي ۾ به اسان سان گڏ هو. انهي مقابلي ۾ فقير جي شهيد ٿيڻ بعد غازي الڳ الڳ ٿي ويا. غلام محمد نظاماڻي وارا هڪ پاسي نڪري ويا ۽ علي شير (خمڻ فقير) وري ٻئي پاسي ڏانهن نڪتو. تنهن جا پيرا کنيائون. پوءِ پيرا ڪٽي اچي رڳو هڙي اڪماجو واري دڙي وٽ رسيا. رستم نظاماڻي به علي شير فقير سان گڏ هو سو هڪ طرف ڏي نڪري ويو. پوءِ مقابلو ٿيو جنهن ۾ چار فقير شهيد ٿي ويا. جن ۾ سومر ڳاهو، چنو خاصخيلي، احمد موچي ڪاهوڙي (بخش موچي جو پاءُ) ۽ علي شير (خمڻ خاصخيلي) شهيد ٿيا. مليٽري وارن شهيدن فقيرن جون سريون وڍي پاڻ سان ڪٽي ويا. باقي ڌڙ اتي پيا هئا جيڪي پوءِ فقيرن اچي دفنايا.

سوال: شهيدن فقيرن جون سريون ڇو وڍيائون؟

جواب: فقيرن جي سڃاڻپ ڪونه ٿي پوءِ سريون وڍي ڪٽي ويا ته جيئن پنهنجن وڏن کي انهن نالي وارن فقيرن جون سريون ڏيکارين.

سوال: توهان سان انگريز ملٽري جا ڀيا ڪي مقابلا ٿيا؟

جواب: مقابلا ته ايترا گهڻا ٿيا جو انهن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. ڪهڙا ٻڌائي ڪهڙا ٻڌايان. مقابلن ۾ هزارين لکين ڪٽڪ ٻئي آيا جن سان

پئي مُنهن ڏنوسون. ڪي اسان جا شهيد ٿيا ۽ ڪيترائي اسان هڻي ماريا. انگريز ظالم جي حڪومت هئي ڪو مذاق ڪونہ هو. انهن وٽ تہ پلا پلا هٿيار هوندا هئا هوائي جهاز بہ پيا ڦرندا هئا پر اسان بہ الله جو نالو وٺي، مرشد جي صورت دل ۾ ويهاري ڪڏهن بندوقن سان تہ ڪڏهن ڪهاڙين سان هڻي جو مقابلو ڪيو ۽ هزارين جهنم ۾ پهچاياسون.

سوال: فقير سائين، هوائي جهاز مٿان پيا ڦرندا هئا سي گولا هٽندا هئا يا گوليون؟

جواب: سائين، سانگهڙ ڪان هتي مڪيءَ تائين هزارين جي تعداد ۾ هيٺ زمين تي فوجي ۽ مٿي آسمان ۾ جهاز هئا. جيڪي پيا گوليون وسائيندا ۽ بم اڇلائيندا هئا. رڳو تباهي ئي تباهي هئي. سانگهڙ ڪان مڪيءَ تائين سڀ ڪجهہ تباهہ ٿي ويو. گهرن تي بمباري ڪيائون، مال متاءُ گوليون هٽي ماري ڇڏيائون. جهازن تان پيراشوٽ ذريعي فوجي لاٿائون، جن وڏا ظلم ڪيا. مال ماريائون. ڍراڙن کي گوليون هنيائون. ان ساڙيائون، راڄ ماڻهن جو ماريائون. ايترا ماريائون جو جهنگ ۾ لاش پيا ڪِنا ٿيندا هئا. جهاز ڇهہ ڇهہ گڏ ايندا هئا ۽ باهہ وارا بم اڇلائيندا هئا ۽ گوليون هلائيندا هئا. وڪ وڪ تي پيدل فوج جا مورچا ۽ ڪوارٽر ناهيائون. پيدل فوجن وٽ اٺ ۽ گهوڙا هوندا هئا. هڪ هڪ ڪوارٽر ۾ پنج پنج سئو فوجي هوندا هئا. اهي ڪوارٽر جيڪي منهنجي نظرن ۾ گذريا تن ۾، منڊ جمڙائو تي ڪوارٽر، ڍنڊ وارو ڪوارٽر، ڦاٽل وارو دڙو تي ڪوارٽر، ٽاڪ وارو دڙو تي ڪوارٽر ۽ جهنڊي واري ڪپڙ وٽ بہ فوج تمام گهڻي هئي. ملٽري وارن تمام گهڻا ظلم ڪيا. اتي تي چٽا ويچارا باهہ پاريو مڇ تي ويٺا هئا تہ انهن بيگناهن کي بہ گوليون هٽي ماري ڇڏيائون. جنهن ۾ شادي خان جي ماءُ، پيءُ ۽ ڏاتو ڪارڙو شامل هئا.

هڪڙو فقير گلو جيڪو ويچارو ڪتي واري ڍنڊ ڪان پنهنجي خيال سان پئي ويو تہ پريان ڪٽي ملٽري گوليون ڇڏيون. اتي هي بچاءُ خاطر گهٽو هيڏانهن هوڏانهن پڳو پر گولين سان پروڻ ڪري ڇڏيائونس، جيڪو اتي شهيد ٿي ويو.

سوال: فقير سائين جيڪا وڏي بيماري پئي هئي ان ۾ جيڪي ماڻهو مئا، تن جا چهرا ياد اٿوَ؟

جواب: اها بيماري 1914ع واري عالمي جنگ بعد پئي هئي. تقريبن 1917ع ڌاري پئي هئي. پوءِ لوڙهن جو وقت آيو. اسان جا مائٽ پڙي واري لوڙهي ۾ هئا. ان مان چونڊ ڪري، ڪي موڪليائون ولايت ۾ ڪي موڪليائون سڪرنڊ واري لوڙهي ۾. منهنجا ققات ۾ ماسات سڀ آڪهه سوڌو انهي لوڙهي ۾ هئا. اتي منهنجو پيءُ گذاري ويو ۾ آئون ٿي پيس ڇورو ڇنو. پوءِ منهنجي ققي جيڪا وڏي نالي واري فقيرياڻي هئي تنهن مون کي پاليو. منهنجا ققات ۾ پيا عزيز به سڪرنڊ لوڙهي ۾ گذاري ويا. اتي اسان جا گهڻائي عزيز گذاري ويا.

سوال: فقير سائين، لوڙها لهڻ کان پوءِ جي خبر ڏيو؟

جواب: جڏهن موجوده پير سائين سردار جن پڳ ٻڌي ان کان پوءِ سگهوئي لوڙها لهي ويا. حر جڏهن لوڙهن مان آزاد ٿي واپس پنهنجن ماڳن تي موٽيا تہ پويان ڪجهه بہ ڪونہ هو. انگريزن گهر ساڙي ڇڏيا هئا. مال متاع ماري ڇڏيو هئائون ۾ پنين پارن تي ٻين جا قبضا ٿي ويا. پوءِ پٽ! سنئين نئين ڪکڙا اڏياسون. هيئنر مرشد جي دعا سان خوش آهيون. تڪليفون برابر گهڻيون ڏٺيون سون پر الله سائين مهرباني ڪئي جو ملڪ تہ آزاد ٿيو ۾ ماٺهن سک جو ساهہ کنيو●

---


## واڌايون

حُر تحريڪ، تاريخ ۾ ادب تي "منصور" جي مسلسل انين تحقيقي ڪاوش تي منصور سٽ کي واڌايون پيش ڪريون ٿا.

### رئيس دلبر خان مرّي ايند شيوارام

مرّي ۾ راجپوت فرٽيلائيزر ايجنسي سانگهڙ

فون: 43344 - 43532 (0235

## مبارڪباد

پاڳارا خاندان ۾ بهادر حُرن جي قربانين واري سچي تاريخ لکڻ تي "منصور" سٽ جي دوستن کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.

### حافظ امید علي راجڙ

مهتمم مدرسہ صبغت آلنور کپرو

# نارو
# سنن دريائن جي سوکڙي

امر لغاري

---

نارو اصل ۾ هڪ درياءُ هو. ڪنهن زماني ۾ اهو هاڪڙي درياءَ جو پاڻي کڻي، موجوده رستي رڻ ڪڇ ۾ ختم ٿي ويندو هو. ساڻوٽيءَ ۾ هيءُ سنڌو درياءَ جو سيلابن وارو پاڻي، جيڪو روهڙي کان اوڀرندي پر اٿلي، درياءَ جو ڪابو پاسو ڏيئي، واريءَ جي بيابان جو رُخ ڪٽي ڪندو هو، پنهنجي وجود ۾ سمائي سمونڊ تائين کڻي ويندو هو. پر هاڪڙي درياءَ جي رُخ موڙڻ ڪري يا خشڪ ٿي وڃڻ ڪري، هي سنڌو درياءَ جو سيلابن وارو حصو بنجي رهجي ويو. ساڻوٽيءَ ۾ هي دريائن جيئن وهندو هو، ۽ باقي ڇهه مهينا پاڻي هِن جي ڪِپر جهڙي وجود ۾ هڪ لڪير بنجي رهجي ويندو هو. جنهن ڪري ناري ۽ مکيءَ جا ماڻهو ڪوهه ڪٽي نار وهائي ڇهه ماهي فصل، جهڙوڪ داليون، ڪٽڪ، جوئر ۽ ٻاجهري پوکيندا هئا.

هي اُن زماني جي ڳالهه آهي جڏهن انگريز ڪينال اسڪيم اڃا ناري تائين ڪٽي نہ آيا هئا، ۽ نارو، دريائن وانگر بنا بندن جي وهندو مکيءَ جي علائقي ۾ اچي دوآبو ٺاهيندو هو. اِن دوآبي جون ٻہ مکيہ شاخون سائو ناري ۽ جمڙائو رستي وهندڙ هڪ ٻي شاخ، جا ناري جو پاڻي برهمڻ آباد کان گذاريندي مهراڻ ڊوري ۾ وڃي پوندي هئي، وجود ۾ آيون انهي دوابي وٽان، جيڪو موجود جمڙائو ريگيوليٽر جي آس پاس سمجهيو وڃي ٿو. ناري جو باقي پاڻي هڪ طرف مکي ٻيلي واري مکيہ هيرڻ ڍنڍ کي ڀريندو هو تہ ٻي طرف ڪيترن ئي قدرتي واهڙن ۾ تبديل ٿي علائقي ۾ پکڙجي ويندو هو، جنهن مان آس پاس جون زمينون، ڍنڍون، تلاءُ وغيره پاڻي حاصل ڪندا هئا. پاڻيءَ جي ان بي ترتيب ڦهلاءُ جي ڪري مکيءَ جي اِن علائقي ۾ هڪ نهايت نرالي قسم جي ٻيلي جنم ورتو ۽ هي ايتري قدر پکڙيو جو ناري جي ٻنهي ڪنارن سان هڪ خاص قسم جو قدرتي ماحول پيدا ٿيو، جيڪو بعد ۾ ڪيترن ئي ناياب پکين، جانورن، مڇين، وڻن ۽ ٻوٽن جي محفوظ ترين پناهہ گاهہ جي حيثيت اختيار ڪري ويو.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جيڪي ٻه ماڻهو هِن علائقي ۾ رهندا هئا، يا جن کي ٻه مکي ۽ ناري جو هي علائقو ڏسڻ جو موقعو مليو، تن ڪيترن ئي جانورن ۽ پکين جي شڪار جون ڳالهيون ضرور ڪيون. اُنهن ڏينهن ۾ مکي ٻيلي ۽ ناري جي جهنگ ۾ ڦاڙهو عام هوندو هو. ايتري حد تائين جو ماڻهو اُن کي پاليندا به هئا ۽ ٻڪرين جي ڌڻن سان گڏ چاريندا به هئا. هرڻ، ٻگهڙ، چراخ، ڳورپٽ جهڙا اٺليپ جانور، جنهن ماڻهو، جيڪر نه ڏٺا چڻ ته اُهو ان علائقي ۾ رهيو ئي ڪونه هو. پاڻيءَ جي جانورن مان واڳو، سير ۽ ارڙ جو شڪار به جام ٿيندو هو. ان زماني ۾ اهو تمام وڏي بهادري ۽ دٻدٻي جو ڪم سمجهيو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ناري ۾ ٻَلهڻ به اچي ويندي هُئي، ۽ انهن سڀنيءَ جي شڪار جون ڳالهيون عام ماڻهن جي ڪچهرين ۾ ٿينديون هيون، ايتري قدر جو سمونڊ مان سانها (جهينگا) سفر ڪري ناري ۾ اچي پهچندا هُئا. جنهن تي ان زماني جي ڪنهن شاعر هڪ لوڳ گيت "ناري جي مڇي جهينگو" تخليق ڪيو، جو اڄ به مقبول آهي.

1898ع ۾ جمڙائو ريگيوليٽر تعمير ٿيو ۽ ناري سان وهندڙ قدرتي واهن (واهڙن) کي بند ڏيئي سدائين لاءِ بند ڪيو ويو. اُهو جهنگ يا ٻيلو، جو پاڻيءَ جي الهڙ ريلن ڪري پنهنجي اندر ۾ هڪ دنيا وسايو وينو هو، سو به سُڏڪي سُڏڪي سڪڻ لڳو. مکي ڍنڍ ۾ ڪئونر جا گل، جيڪي سدائين پاڻيءَ جي بلوري چادر مٿان تارن جيان پيا چمڪندا هئا، هاڻ پاڻي نه ملڻ ڪري ڍنڍ جي تري ۾ رسامو ڪري گهري ننڊ سمجهي پيا. پاڻيءَ جي گهٽتائي، ڍنڍن جي خشڪ ٿي وڃڻ ڪري، هڪ پاسي شڪارين کي جهنگ اندر وڃڻ جو وجهه ملي ويو، ته ٻئي طرف رهي سهي جهنگلي جيوت وڃي ناري جي ڪنارن سان اچا تورو دم ڪٽندڙ دريائي ٻيلي جو سهارو وٺڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح جهنگلي حيوانات هڪ وسيع خطي مان نڪري نسبتاً ننڍن ۽ مخصوص علائقن تائين محدود ٿي رهجي ويئي. انهن جو شڪار ڪرڻ اچا به آسان ٿي ويو.

جمڙائو ڪئنال جي کوٽائيءَ کان پوءِ، اُن جي پسگردائيءَ وارو سمورو جهنگ صاف ڪيو ويو ۽ اُتي انگريزن حُرن جي آباديءَ کي چِڙو ۽ سندن طاقت کي گهٽ ڪرڻ لاءِ بلوچ سردارن ۽ ريٽائرڊ فوجين کي آباد ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو. انهي اسڪيم هيٺ جنهن جيترو جهنگ صاف ٿي ڪيو، اُن کي اوتري زمين الاٽ ڪئي ٿي ويئي. پوءِ جڏهن مکي (پکسري)

ريگيوليٽر تعمير ٿيو ۽ 28-1918ع واري اسڪيم هيٺ منڙائو (بان) ۽ ڪپرو واهه کوٽيا ويا ته ان جي ڪنارن سان نواب اڪبر بگٽي، ڪجهه ٻين بلوچ ۽ من پسند "چڱن" کي مکي ٻيلي واريون هزارين ايڪڙ زمينون مفت ڏنيون ويون، جيڪي پوءِ ٺيڪن تي جهنگ صاف ڪرائي آباد ڪيون ويون. اهڙي ريت نارو، جو ٻهريان مکي ٻيلي واري مقام وٽ ٻي ترتيب واهڙن ۾ وهي، ڍنڍون ٺاهيندو ۽ انهن جي ڪنارن سان جهنگ پيدا ڪندو ڪپري شهر کان هيٺ ڪٿي وڃي هڪ ٿيندو هو، هاڻ فقط هڪ واهه بنجي رهجي ويو.

ماحولياتي طور ناري جا ٽي حصا نمايان طور سامهون اچي چڪا آهن. ٻهريون حصو ناري جي نالي سان مشهور آهي. هي حصو سکر کان جمڙائو هيڊ تائين ڦهليل آهي. هن حصي واري گهاٽي جهنگ ۽ ريگستان ۾ ڦاڙهو (Hogder)، سوئر (Makhi Boar) ۽ هرڻ Chinkara تمام گهٽي تعداد ۾ آباد هئا. پر هاڻ ڪي ڳڻن جيترا جانور وڃي بچيا آهن. جيئن ته ناري درياءَ جو هي حصو صدين کان زمين جي ليول کان اندازن ڇهه ست فٽ هيٺ وهي ٿو ۽ هن جي ڪنارن کان ٻهڻ ۽ لئي جي جهنگ تي مشتمل هڪ زبردست بچاءُ بند (Protecting Cover) موجود هجڻ ڪري سيسر (Gharial) جهڙو پاڻيءَ جو جانور به ناري جي هن علائقي کي پنهنجو گهر تصور ڪري رهندو هو. جهنگلي جيوت جي حوالي سان اِهو علائقو اُن وقت آفريڪي سفاريز جيئن لڳندو يا پاسندو هو. اُن ڪري رياست خيرپور جي ٽالپر حڪمرانن وڏا شڪار گاهه رکرايا، جنهن جي سنڀال پڻ مقامي ماڻهن جي حوالي هوندي هئي. هنن شڪار گاهن ۾ ڪارو هرڻ، به رکيو ويو، جيڪو رک ۾ خوب وڌيو ۽ هن علائقي جي جهنگلي جيوت جي سونهن ۾ هڪ وڌي اضافي جو سبب پڻ بڻيو.

ناري جو ٻيو حصو مکي جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هي ناري جو وچون حصو هجڻ ۽ مالوند ماڻهن جي هڪ منفرد ثقافت، پاڻيءَ جي جهنگ، ڍنڍن، ڍورن، پکين، مڇين ۽ جانورن جي ججهائي ڪري نارا ويليءَ جو مرڪز يادل سڏابو هو. هن علائقي جو ماحول سوين ڍنڍن، ريگستاني پهاڙين ۽ دريائي جهنگ تي مشتمل هو، جنهن ۾ ڦاڙهو، واڳون، سيسر، هرڻ، سوئر، گدڙ، بگهڙ، گور پٽ، ارڙ ٻلا، لومڙي، مڇي مار ٻلا، جهنگهراڙ ٻلا، ڪُڙل، جهينگا، ڪچون، آڙيون، هنجر، ڪهنگ، جهنگ ڪڪڙيون، لدڙا ۽ ڪيترن ئي قسمن جون مڇيون جيئدان حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجو نسل به وڌائي رهيون هيون. هتان جي ڍنڍن ۾ پاڻيءَ جون ٻاڇيون، ٻهه ۽ لوڙهه وافر

مقدار ۾ پيدا ٿينديون هيون، جيڪي شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ وڏي شوق سان کايون وينديون هيون. مکي ٻيلي جي ماکي اڄ بہ مشهور آهي، پر جڏهن ٻيلي جو اوج هو تہ وڏڙا چون ٿا ڏراڙ مال سان ويندي مهل پاڻ سان گڏ ماني بجاءِ لوٽيون ٻڌي ويندا هئا. سندن گذارو ماکي ۽ جهنگلي ميون تي هوندو هو.

ناري جو ٽيون حصو ڍورو چورائي ٿو. هي ٻهريان ڪپرو شهر کان بہ ڪافي هيٺ شروع ٿيندو هو، پر هاڻ مکي وئير يعني پڪسريءَ کان ئي شروع ٿيو وڃي، جتان کان چوٽياريون ڍيم، جهنگلي جيوت جي هڪ تمام وڏي پناهگاهہ کي ڳڙڪائي پنهنجي پيٽ ۾ هضم ڪري چڪو آهي. ڍورو هيٺ وڃي ڍورو نارو سڏائي ٿو. ان کان هيٺ شاخون آهن ۽ شاخن ختم ٿيڻ کان پوءِ رڻ ڪڇ آهي، جنهن جو توڙ سمنڊ تائين آهي. موجوده ڍورو مکيءَ ريگوليٽر کان شروع ٿي فرش (يعني عمرڪوٽ کان ڪجهہ ڪلوميٽر جي فاصلي) تي ختم ٿي وڃي ٿو. پر ناري تي جڏهن ڪئنال ۽ ريگيولٽر تعمير نہ ٿيا هئا، تڏهن ڍوري جو چوڙ ڪڇ جي رڻ ۾ ٿيندو هو. ان ڪري نارو درياءَ جي حيثيت رکندو هو، جنهن کي پنهنجو هڪ ڊيلٽا هو، جتي هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو آباد هئا ۽ علي بندر جهڙا خوشحال واپاري مرڪز هئا. ان وقت ناري جو هي هيٺاهون حصو "هاڪڙي" جي نالي سان پڻ مشهور ٿيو. سمنڊ جي ويجهو ناري جو اِهو حصو، ڍوري مهراڻ، ڦليلي ۽ گوني ڦاٽن جي پاڻيءَ سان ملي ڍنڍن جي هڪ وڏي چين (سلسلو) ٺاهيندو هو، جنهن ۾ پاڻيءَ جا پکي، مڇي، جهينگو، ٻهہ، لاپو (لوڙهہ) وغيره تمام گهڻي تعداد ۽ مقدار ۾ حاصل ڪيا ويندا هئا. ان حد تائين جو ناري درياءَ جو مٺو پاڻي ڪڇ جي رڻ ۾ پکڙجي جڏهن ڊيلٽا جي شڪل اختيار ڪري ويو تہ، مٺي پاڻيءَ لاءِ گجرات ۽ راجستان جي علائقن مان چيتا، هرڻ، جهنگلي گڏهہ، ٻگهڙ ۽ روجهون اِن علائقي جو رُخ رکنديون هيون. اڄ بہ انهن جانورن جا آستان ڪڇ جي رڻ ۾ موجود آهن.

ناري جي نئين سر تعمير کان پوءِ ان جي 320 ميل ڊگهي ريل جي پٽڙين جيئن وَڇيل ٻن ڪنارن سان آباد جهنگلي ۽ آبي جيوت فقط مکيءَ تائين محدود ٿي رهجي ويئي، جيڪا بعد ۾، ٻهريان انگريزن جي زماني ۾ ۽ پوءِ ايوب جي دؤر ۾ جهنگ صاف ٿيڻ ۽ ڍنڍن کي خشڪ ڪري آبادي لائق زمين ۾ تبديل ڪرڻ سان ختم ٿي وئي، جيڪا بچي تنهن جي جاءِ تي هاڻ چوٽياريون ڍيم ٺاهيو ويو آهي، جنهن ڦاڙهيَ ۽ لڏڙي جهڙن ناياب جانورن جو ذري گهٽ خاتمو آڻي ڇڏيو آهي.

**پاڻي ذخيرو ڪرڻ ۽ جهنگلي جيوت جي تحفظ جي پهرين سنجيده ڪوشش:**

مڪيءَ ريگيوليٽر ٺهڻ بعد ناري جو سيلابن وارو پاڻي ڇنڊڻ جي مدد سان ان جي ٻنهي پاسن سان وچايل ڍنڍن ۾ وهايو ويندو هو. هي پاڻي جمڙائو هيڊ کان ويندي چوٽياريون تائين ڍنڍن جي اُن سلسلي ۾ ذخيرو ٿيندو هو. جتان کان ناري جي هڪ پراڻي ڇاڙ 1926ع کان اڳ وهندي هئي. ناري جي هن وهڪري کي "سائو نارو" چئبو هو. ان کي ناري جي پهرين ريماڊلنگ دوران بند ڪيو ويو. جڏهن 1940ع جي لڳ ڀڳ هِن علائقي ۾ سول نافرمانيءَ جي تحريڪ شروع ٿي ته اِڳتي هلي ناري کي ڳهارا ٻه هنيا ويا ته جيئن حڪومت خلاف وڙهندڙن تائين پوليس ۽ فوج جي رسائي کي هٽرادو سيلاب ذريعي روڪيو وڃي. هٽراڏو ڳهارن سان هڪڙو ڪم اهو ٿيو ته ناري جي ڪابي پاسي وارو پورو ملڪ، جو ڪڏهن سائو ذريعي آباد ٿيندو هو، ٻڌي پاڻيءَ جي ذخيري جي شڪل اختيار ڪري ويو، جنهن کي پوءِ ايريگيشن کاتي وارن ننڍي ڊيم جي صورت ۾ پئي استعمال ڪيو. ساوٽيءَ ۾ نارو پنهنجي پوري آب تاب سان وهندو هو. پارن ۾ وري بندي ٿيندي هُئي. ان عرصي دوران انهن ئي ڍنڍن جو پاڻي بڪار ويجهو ناري کي ڪٽ ڏيئي اِڳتي وهايو ويندو هو، جيڪو عمرڪوٽ، ٿر، ميرپور ۽ بدين جي ڪجهه علائقن ۾ پاڻيءَ جي بي انتها کوٽ جو ٿورو گهڻو پورائو ڪندو هو.

ٻيلن ۽ ڍنڍن جي تباهيءَ جو سلسلو ته نوآبادي (ڪالونائيزيشن) جي پهرين دور کان شروع ٿي چڪو هو. اها 93-1892ع جي ڳالهه آهي، جڏهن انگريزن خلاف مڪيءَ جي ماڻهن باقاعده بغاوت شروع ڪئي ۽ حڪومت انهن جي گوريلا ڪارروائين کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻيلن کي باهيون ڏيڻ ۽ ڍنڍن کي خشڪ ڪرڻ شروع ڪيو. بعد ۾ ان علائقي ۾ مغربي ۽ مشرقي پنجاب ۽ هريانا جي رٽائرڊ فوجين ۽ بلوچستان جي سردارن کي آڻي، جاگيرون ڏيئي، آباد ڪيو ويو. آبادڪاريءَ جو ٻيو مرحلو 1930 کان پوءِ شروع ٿئي ٿو، جڏهن انگريز سرڪار خلاف ٻيهر بغاوت جنم ورتو. آباديءَ ۾ واڌ، زمين جي بي حساب منافقاتي ورڇ، ناري جي ساڄي پاسي کان واقع هيرڻ ڍنڍ، ڦاڙهي، سوئر، سيسر ۽ واڳون جي لڪ ۽ ٻيلي کي سدائين لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. جيڪو ٿورو گهڻو جهنگ بچيو، اُن کي مقامي ماڻهن پنهنجي مرشدن جي نالي ڪري محفوظ ڪري ڇڏيو. جو ته هو هاڻ اِهو محسوس ڪري چُڪا هئا ته جهنگ کي ڪٽجڻ کان روڪيو نه ويو ته علائقي ۾ موجود

صدين جي سونهن، وٽڪار، جهنگ ۽ جهنگلي جيوت جو مڪمل خاتمو اچي ويندو. اهڙي طرح خيرپور جي ميرن کان پوءِ هن علائقي ۾ اها پهرين ڪوشش هئي جو پير صاحب پاڳاري ۽ مخدوم آف هالا جي نالن سان جهنگلي جيوت کي تحفظ ڏيڻ لاءِ عملي طرح شڪار گاهون قائم ڪيون ويون.

1962ع ۾ جمڙائو هيڊ ۽ اُن جي آس پاس واري وسيع علائقي کي، جتي جهنگلي جيوت لاءِ ججهي لِڪَ به هئي ته پاڻي به هو، ڍنڍون به هيون ته پٽون به، رُڃ به هئي ته ڊريئون به، حڪومت سنڌ "نارا شڪار گاهه Nara Game Reserve جو نالو ڏيئي، غير قانوني شڪار تي پابندي لڳائي ڇڏي. پر ٿورن ئي سالن ۾ ان علائقي اندر زمينن جي الاٽمينٽ ۽ مال جي آزاداڻا چَر پر، جهنگلي جيوت توڙي اُن جي لڪ کي محدود پيٽارين ۽ جهنگ جي دڙين تائين محدود ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري قانوني توڙي غير قانوني شڪار ايترو ته آسان ٿي ويو، جو هرڪو رت وهائي پيو دل ٺاريندو هو. زمينن جي ڪٽت ۾ وفاقي حڪومت جي ملوث ٿيڻ سان اِهو معاملو اجا به گنڀير ٿي ويو. هونئن عام سادي سودي ماڻهو لاءِ ڏيهه جو ٽپيدار ۽ تعلقي جو مختيارڪار ئي وڏو ڏهڪاءُ رکن ٿا، پر جڏهن رٽائرڊ ۽ حاضر سروس فوجين کي زمينون الاٽ ٿيڻ لڳيون ۽ اُتي سرڪاري مشينري، بلڊوزر پهچڻ لڳا ته سنڌ حڪومت توڙي جهنگلي جيوت کاتو ٽوال ڇنڊي ويهي رهيو. ائين جهنگلي جيوت بچائڻ لاءِ سرڪاري سطح تي ڪيل پهرين ڪوشش ناڪام ٿي ويئي.

**جهنگلي جيوت بچائڻ جي ٻئين ڪوشش:**

1972ع ۾ سنڌ وائلڊ لائيف پروٽيڪشن ايڪٽ وجود ۾ آيو ته ڪيترن ئي جانورن ۽ پکين جي شڪار تي پابندي لڳي. ناري ۽ مکي جي علائقي ۾ ڦاڙهي، واڳون، سيسر (جيڪو هاڻ ختم ٿي چڪو آهي) هرڻ، لڌڙي، سوئر، ارڙ، تتر، سهي، تلور، پاڻيٺ ۽ پاڻيءَ جي پکين جو شڪار وڏي شوق سان ڪيو ويندو هو. ان قانون مطابق انهن مان ته ڪيترن ئي جانورن ۾ پکين تي ڪل وقتي پابندي لڳي، پر پاڻي جي پکين ۽ تتر لاءِ سنڌ جي حساب سان پرمٽ جو طريقو رائج ڪيو ويو.

1973ع ۾ اُن وقت جي گيم وارڊن ڪريم داد جوڻيجي بقار جي ويجهو ڏوگ يون ۽ ڪهڪاري جي ڍنڍن ۽ ڏہن کي ملائي "پکين جي پناهه گاهه" (Birds Sometuary) قائم ڪرائي، جيڪا سرڪاري طور نوٽيفائيڊ ٿيل هئي. هن آبگاهه/ پناهگاهه ۾ سال ۾ هزارين پکي اچي ڏاڀو ڪندا هئا. ان لحاظ کان اِها علائقي جي پکين جي سڀ کان وڏي پناهگاهه هئي، جنهن جي

ڪري انهن ٻنهي ڍنڍن ۾ واڳن جو تعداد وڌيو. جيڪو بعد ۾ 1994-2002ع واري ٻختاور ڪئنال/ هينئين ناري جي ريماڊلنگ واري اسڪيم جي ور چڙهيو. نہ رهي پکين جي پناهگاهہ تہ نہ رهيا واڳون! ڍنڍن جو پڻ ٻٽياد ئي رلي ويو.

**جهنگلي جيوت بچائڻ جي ٽين ڪوشش:**

ان علائقي جي حيوانات کي بچائڻ جي ٽين وڏي ڪوشش ديهہ اڪرو ڪروڪو ڊائل گيم سينڪچري جو اعلان هو. هي رزرو (Reserve) (بچاءُ گاهہ/ پناهگاهہ) 11 مئي 1988ع تي نوٽيفاءِ ٿيو. حڪومت جي ان سنجيده ڪوشش کي پناهہ گاهہ ۾ اسٽاف جي گهٽتائي ۽ ناقص سنڀال تمامِ گهڻو متاثر ڪيو. ان حد تائين جو سِينڪچري اندر موجود ٻہ اهم ڍنڍن جا ٺيڪا غير قانوني طور مڇي مارينڌڙن کي ڏنا ويندا رهيا. واسو ۽ چُگهري نالي وارين انهن ڍنڍن ۾ سڀ کان وڌيڪ مڇي ملندي هئي، ۽ اهي ڍنڍيون فشريز ڊپارٽمينٽ نوابشاهہ جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي رحم ۽ ڪرم تي رهنديون پئي آيون. 1988ع جي مئي مهيني ۾ جڏهن مان ۽ سنڌ جو مشهور صحافي اسحاق مگريو اتي وياسين تہ. 48 ننڍين وڏين ڍنڍن واري ان پناهگاهہ ۾ اندازاً 240 واڳون رهيا پئي ۽ هتان جي گيم انسپيڪٽر، اسٽاف جي گهٽتائي، پاڻيءَ جي کوٽ، هتان جي بااثر زميندارن جي مداخلت ۽ مقامي گيم واچرن جي لالچي ذهنيت تي تمام گهڻو پريشان هو. اهڙي طرح برصغير جي ان قديم پاڻيءَ جي جانور جي هي آخري قدرتي ماحول واري پناهگاهہ بہ اڳين پن پناهگاهن وانگر سرڪار کان سنڀالي نہ پئي ٿي.

هڪ طرف جڏهن هي سڀ، فطرت جي خلاف، ماحول دشمن، حيات ڪُش شيطان گيريون، پنهنجي پوري طاقت ۽ گهمنڊ سان جاري هيون، عين انهن ئي سالن ۾ چوٽياري ڊيم ناهڻ جو اعلان ٿيو. چڻ تہ هتان جي جهنگلي حيات، ٻيلي ۽ پاڻيءَ جي قدرتي ذخيرن جي تابوط ۾ آخري ڪوڪو ٺوڪڻ جو اعلان ڪيو ويو. ان ئي جهنگ مان هڪ صدا گونجي: اها صدا ان هزارين پکين، جانورن، ٻوٽن ۽ وڻن جي هئي، جن جي هِن ڌرتيءَ تي آباد هجڻ جي دعويٰ سينيءَ کان پراڻي ۽ انصاف ڀري هئي. اها آواز/ صدا بهرحال ڪجهہ ڪمزور ماڻهن جي ڪَنن تائين ضرور پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي، جن حڪومت سنڌ ۽ ڊيم ۾ سهڪاري عالمي ادارن کان ان ٻي يار مددگار مخلوق جي اجهي لاءِ هڪ وائلڊ لائيف پارڪ/ پناهگاهہ جو مطالبو رکي ڇڏيو.

●●

ساڳي جڳهه ڇڏي ڇَنڊ ڏيئي آڻندو. پوئيان واريءَ تي پيرن جا نشان به نه ڇڏيندو آهي.

اٺ جا ساجَام، ٻيلاسور ڪان سواءِ بازوبند، جنجوئي، ڳانيون، وريا، پيرن جون ڪڙيون، پرت پريل گوڏيا ۽ گينگهرا هوندا آهن. مَنهن تي مُهرَو چاڙهيو آهي. ڇاڙ مُهار جنهن جي ٻنهي ڇيڙن ۾ ٽونئر ۽ پرت پريل هوندا آهن. گهمائڻ واري اٺ تي پيتليو پاڪڙو (ڪجاوو) وجهيو آهي، جنهن تي پٽل جي پٽين تي گلڪاري ڪيل هوندي آ. جيڪو ڏسڻ وٽان هوندو آهي. انهي جي هيٺيان جُهل وجهبي آهي.

مُهرو، سُونهن ڪان سواءِ اٺ جي اَباسي ڏيڻ جي ڪري سرديءَ ۾ مَست اٺ کي سندس چاڙيءَ جو بچاءُ ڪندو آهي. اٺ جي مستي جا ٻه مهينا هوندا آهن. پُوهَ ۽ ماگهه (ڊسمبر ۽ جنوري) چوٽي آهي ته مجنونءَ جو چاليهون حصو اٺ کي به مليل آهي. خالقِ ڪائنات هن جي ڪهڙي نه طرح سُجاڻ ڪرائي آهي، اَنلاَيَنظرون اِلي الاِبل ڪَيفَ خُلِقَت. اُنَ جي چاريندڙ ۽ شاعرَ احمد ملاح چيو ته:

چو اکين نه ڏسن اٺ کي؟،
ته جُڙيو ڪيئن جُمل.

اٺ چاريندڙ کي اوٺار ۽ سندن ڏڻ کي "وڳ" چئبو آهي. اٺ کي لَهَور جي بيماري ڪان بچاءُ جي لاءِ ٻني تان يا ڪنهن به نندي يا وڏي سفر تان موٽڻ بعد ناسُوئن ۾ بدني جي ڏُنڊ سان پاٽي وجهبو آهي ۽ جلدي مٿانسِ پاڪڙو نه لاهبو آهي. جيئن ته پگهر سُڪي وڃي. نه ته لَهور جي پوندو.

1- ليکهڙ لڳڻ، معنيٰ تيڪ (دست) لڳڻ، اهو گهٽو ڪري وسڪاري جو آڙ ڪيو گوار گهٽو چارڻ جي ڪري لڳندو آهي. انهي جي لاءِ اُريل ٿوهر رات جو ٻاهر ۾ رکي ڇڏيندا آهن ۽ صُبح جو مهٽي ڪجهه لوڻ وجهي ڏيئي ڇڏيندا آهن.

2- رَندو، هي بيماري به اٺ جي آهي، آثار هي آهن. اندر ۾ ڳوڙهي ٿيندي آهي، پيشاب بند رهندو. علاج هي آهي:- لوڻ ۽ آسارپو گڏي ڏبو ته پيشاب جاري ٿيندو. ايريال رڏي ڏبي آهي. رَندو جا آثار هي آهن (1) اوهم سُجندو (3) ڪنڌ جي هيٺيان ڳوڙهي ٿيندي آهي. علاج هي آهي ٽونٽيءَ تي ڪُنر داغ ۽ ڏنب ۽ ڪرنگهي تي سنهيون ليڪون اُٽلاٽي يا ڪنهن اهڙي نندي پٽيءَ جون ليڪون ڏنب ڏبيون آهن.

4- مٿي ۾ هيرو بيماري ٿيندي آهي تہ سندس ڪپار جهلبو آهي.
5- ڪاڇي، هي بيماري آهي ان جو علان هيءُ ڪندا آهن جو ڪپڙ جي ڪانين ڪي ٻاري أنهن جي ڦلهيار ڪنهن مٽ يا دلي ۾ وجهندا ۽ هينيان باهہ ٻاري منجهس پاٽي وجهي گرم ڪندا ويندا ۽ چار جي ڏندڙ سان ڪاڇي واري ڏاگهي يا اُٺ ڪي نوريندا آهن.
6- عَيبي ۽ زهر ڳنڍ بہ اُٺ ڪي ٿيندي آهي. جيڪا ڇاتي ۾ ٿيندي آهي. علاج هي آهي. (1) ڳڙ ڏبو (2) ڪڙو ڏنبي/ داغ ڏبو ۽ سيٽڻ يا ڪنهن بہ شيءِ جو سيڪ ڏبو آهي تہ أها ڳنڍ ويهي ويندي.
7- ڪارو واءُ، يڪدم بخار اچي ويندو آهي، ان ڪري رت بند ٿي ويندو آهي پوءِ ان ڪي سِيرون ڇوڙيندا آهن.
گر پانهہِ ڪاڇي، آثار: أٺن جي پشم/ ڏاس ڪسي لهي ويندي آهي. تہ انهي ڪي نُوربو آهي مٿي علاج لکيو ويو آهي.
گهوڙا: قسم هي آهن
(1) ڪارو صافي
(2) ڪارو پنج ڪلياڻ. ٻار هي آهن. پير، گوڏا، منهن اڇا ۽ رنگ ڪارو
(3) ڪُميت-1 زبردست طاقتور، پڇ ڪارو، ٻَرڪاري ۽ گوڏا ڪارا، ڳاڙهو رنگ. ڪُميت-2 ڳاڙها گوڏا، پُڇ ڪارو، ٻُرڪاري تہ اِهو بہ ڪُميت جو قسم چئبو.
(4) بُور 1: ٻار هي آهن، ڳاڙهو، پُڇ ڳاڙهو، ٻُر ڳاڙهي، منهن تي ٽڪو هوندو.
بُور 2: رنگ ڳاڙهو، پُڇ اڇو، ٻُر اڇي اهو بُور چئبو.
(5) مَڪڙو 1: ڪاريون نريون، ڪارو پُڇ هوندو اٿس.
مَڪڙو 2: اَڇي ٻُر، اَڇو پُڇ، اهو بہ مڪڙو چئبو.
(6) سُرخو 1: پُڇ ڪارو، ٻُرڪاري، گوڏا ڪارا، سائو سُرخو چئبو.
سُرخو 2: اَڇو پُڇ، اَڇي ٻُر، بدن سُفيد اک ڪاري، ان ڪي بہ سُرخو چئبو.
(سنجاب ڳاڙهو، ڪبوتر گلو جهڙو بہ چئبو آهي)
(7) چينو 1: بدن جا ڳاڙها ۽ اڇا وار هوندا، ٻُرڪاري، پُڇ ڪارو هوندو.
چينو 2: پُڇ اَڇو، ٻُر اڇي، بدن جا وار ڳاڙها ۽ سفيد..
(8) ٻگلو 1: ٻار هي آهن: اکيون ڪاريون، ٻُر اڇي، پُڇ اڇو، سُفيد

بدن هوندو آهي.

ٻگلو 2: اکيون اڇيون، پير ڳاڙها، ٻُچ اڇو، بدن سڄو سفيد هوندو اٿس.

گهوڙن جا پنڌ هي آهن:

1- وارڙيو: (سُڪيو ايندو)

2- چؤباز: (ڏکيو ايندو)

3- چورس: (ٻيو نمبر سُڪيو)

4- ٽپيري: (ڏکيو ٻيو نمبر)

5- لَس: (نيڪ ايندو ٽيون نمبر)

## گهوڙي جا ساجام

1- هنو 2- تل 3- تڙا 4- رڪيب 5- جنحوهي 6- لَنوئَد 7- ڳانيون 8- مُڇي 9- ڳل کور 10- دُمبچي 11- پُستنگ - بالاتنگ 12- مکياٽو - موڙ 13- اڳياڙي جو رسو 14- پڇياڙي جو رسو 15- چل مڙدو 16- کيسُ شال ٻه چون 17- پوش سنجن جو 18- لغام ڪڙيار 19- لغام اکياڻ (ڪُنڊي وارو) 20- پڪرانس.

## مينهون:

مينهون پاڻ مراديون، ٽڏا ٽر چرن
وهڪي جن ورهيہ ٽيا، موٽي سي مڙن
وري وڏي وس جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن
سيد چئي سين، آهہ توهہ تنهنجو آسرو

ٻگيون (ڏونريون) تيليون، سايون، رايون، ڳاڙهيون ۽ چؤنرين ٻٽارين جون رنيون ئي فطرت تي سُوچڻ جي لاءِ ڪافي آهن. جنهن ڪين ايڏي سڪ ۽ سوز عطا ڪيو آهي. اُهو پاڻ ڪيڏو نہ عظيم هوندو! اِنسان سوچي تہ مالڪ سائين پنهنجي سڃاڻ جا ڪهڙا نہ ذريعا پيدا ڪيا آهن!!

## ڊڳيون:

ڊڳين کي مختلف بيماريون ٿين ٿيون جهڙوڪ سيڪر، ٽِڪريو (اڱاريو)، وِرُوئجڻ، سَمهاڙو، ڪُوڙيو، گوگهري ۽ آس ڪڍڻ وغيره.

علاج هي آهن: سيڪر، آثار: چاڙي جي هيٺان ڳوڙهيون ٿينديون آهن. ان جي لاءِ ڏنب (ڪڙو +) ڏبو آهي (2) ٽِڪريو (اڱاريو) مال جي ٿڻن ۾ اُوهَہ ٿئي، پهرين سُڄندو آهي پوءِ هڪ ٿڻ ڪچي ويندو آهي، گرمائش جي

ڪان ڪير اڻ واقف هوندو. شهنشاهه ابيات، پلاري پٽ ڏٺي رح جي الفاظن ۾:

ڇَنن ڇيڪاريو ڇيلڙا، پٽين پَهرائين،
نيڻ منهنجا اُنِ ڪي، جهڇيو جَرَ هارين.

جڏهن شام ٿيندي آهي ۽ ٻڪريون ٻُڪڙين جي وراڪن مان ورنديون آهن تہ ٽَلين جي ٽڻ ٽڻ ۽ ڇڙن جي ڇُڻ ڇُڻ جي آواز سان گڏ وري متاريءَ تان بانسري ۽ ٻڪرار ۽ ريدار جي روح ريجهائيندڙ رڙ ازحد آرام ڏيئي ڇڏيندي آهي. ٻڪرين جا ٻيبرات ۽ رڏن جي رڙاٽ پويان وري ٻڪرار ۽ ريدار بہ هُش هُش، ڊرڪو ڊرڪو ڪندا متارن ڪان ڊوڙي ڊرندا آهن ۽ ڊاڳن واري وٽن، ٻائرين، ڪپن، آڪن، ڪونيٽن ۾ ڪانڪهين ۾ پوندا آهن. سندن آواز ڪان سواءِ ڪوبہ ڪنهن ڪي نہ ڏسندو آهي. ٿر ۾ وسڪاري وارو منظر سنڌؤ جي ٻيلن ڪي بہ شهہ ڏيو ڇڏي. بهرحال آئون ڪتان جو ڪتان ويچي نڪتس. آمدم برسر مطلب. اجَهري ٻڪري، پار: سڄي جسم تي ڳاڙها ۽ اڇا ٽڪا هوندا آهن.

2- چاٺري ماڪڙي، پار = منهن ۽ ڪنن تي ڳاڙهيون لڪيرون، ٽنگن تي بہ هونديون، بدن صاف ڪارو، ڳلهي بہ چون.

3- چانهين، پار = ڳاڙهاڻِ ڏي مائل، سڄي جسم تي ڪڪا وار هوندا اٿس.

4- اڇوني، پار = صرف ڪن اڇا هوندس باقي بدن ڪارو ۽ ڳاڙهو بہ ٿئي. اڪثر ڪري هيءَ قسم ڪير جون پلوڙ هونديون آهن.

اَڇونيءَ جا قسم، 1- اڇوني لپڙي (وڏن ڪنن واري)

2- اڇوني چپڙي (سَنهن چپڙن ۽ ڪنن واري)

3- اَڇوني ٽاپري (ننيا وچولا ڪن)

4- اڇوني ڪُري (صفا ننڍن ڪنن واري "اڇوني ٻُسي" بہ چون.

5- اڇني ٻُٽي (وڏن ڪنن واري) جا ڪٽيل ڪن هوندا آهن.

6- اڇوني گيڏين ڪنن واري (ڇيڙا اڳتي نڪتل ڪن، گيڏئي وانگيان)

5- پٽيري، پار = اڌ اَڇو ۽ باقي جسم ڳاڙهو هوندو اٿس.

6- اِينجٽيون، هيءَ هڪ الڳ قسم آهي، انهن ٻڪرين کي ٻڪر ڪونہ لڳندو آ، اتفاقي ڪير ڏيڻ شروع ڪنديون آهن. (ان کي اَندوٺي بہ چون)

7- ٻُسي = ننڍا ڪن

8- ٻُٽي ٻُسي = هٿ سان ڪٽيل ڪن.

4- ٻڪي = سڄي سُفيد هوندي آهي.
5- ڪاروني = صرف منهنجي ڪارو هوندو آٿس.

رڍن جون بيماريون هي آهن.
1- ليئي، هن ۾ گهٽو سيڏر هلندو آٿس.
2- ماتا، اوچتومري ويندريون آهن.
3- واءُ، عضوا جهلبا اٿس.
4- ڦڪريو، ٿڻ ۽ اوهہ پچندو آهي.
5- اَمهاڙو - هر هڪ مال جو ڦر اَمهاڙو معنيٰ اُبتو اچڻ، ڏکيو اچڻ، ان جي لاءِ تجربيڪار ماڻهو مال کي واريءَ جي ڍڳي تي سُمهاري پوءِ هٿ وجهي ڦر ڪڍي وٺندا آهن.

ٿري مال کي پاڻي پيارڻ
"اَٺيو پَرئين اَسُور جو، ڪن ورتن سين وارا"

ٿر جي کوهہ تي وارو وارڻ نماز وانگر پابندي سان روزانو پاڻي ڪڍي مال کي پيارڻ، جيئن ذڻ کي ٿاڃو ۽ ساڳو نہ اچي. ڏاڍو جوکم جو ڪم آهي. سياري، اونهاري هرمند ۽ سواءِ وسڪاري جي ڪِن ٿورن ڏينهن کان سواءِ پيئاٽي ۽ مال جي لاءِ پاڻي تہ ضروري آهي. سو مارو ويچارا سوير اَسُور جو ڪُو سايا وٺي اچي تڙ تي تيار ٿيندا آهن. هر هڪ تِيڻ جا گهِٽ ۾ 30-40 وارا نڪرندا آهن. تڏهن وڃي مال جي ڪجهہ پورت ٿيندي. ڪُو سايا، پاڏن جي جوڙِي، هڪ اُٺ يا ڇئن ڳڏهن کي پاڃاري ڏيئي پاڻي ڪڍبو آهي. انهن کي پويان هڪليندڙ کي "ڪيليو" چئبو آهي.

تيڻ سان واسطو رکندڙ هي شيون آهن.

1- ورت (کوهہ جي اُونهائي جيترو رَسو اڪثر ڪري چَم مان ٺاهيندا آهن)
2- ڪوسايا (وهٽ) ڪنئي واري پرٻٽي ۾ ٽيهن پُرهن جا کوهہ آهن)
3- ڪوس (ٻوڪو)
4- مَنهر (اها رسي جيڪا ڪوڙائي ۽ ورت ۾ ٻڌبي آهي)
5- آڏو (پاڻي ڳڏ تيڻ جي جاءِ)
6- نِڪَ (اها ڪاٺي جي نالي يا پڪي نالي جنهن مان پاڻي آوازي ۾ ويندو آهي)

٧- اواڙي کي هٿ هڻڻ (روزانه تازو هٿ هٿبو ته پاڻي جهليندو نه ته سيرن مان هليو ويندو)
پهريون ڪوس خدا ڪارڻ جو چوندا آهن، جنهن مان پاڻيَ پرڻ ڪونه ڏيندا آهن ۽ اُن ڪان پوءِ ماڻهن کي ۽ مال کي پيارڻ جي اجازت ڏيندا آهن.

”ويرون ولوڙڻ جون، ساريان گهٽو صبوح“

مرد ماڻهو وڏو اَسور ڏيئي واري ڪڍڻ لاءِ روانا ٿيندا ته وڏڙيون وري ڦڙو پيچاندي ڪُنَ ۽ پارن مان ڪڍي ويهي ولوڙڻ شروع ڪنديون. انهي ڪِرت سان گڏوگڏ ذڪر جي ٻولي به پيئون ڪنديون آهن ۽ جهونگاريندڀون به رهنديون آهن. ڦڙي جا سياري جا ڦيرا وڏيڪ ايندا آهن. جڏهن ته اونهاري ۾ ٿورا ڏيٺا پوندا آهن. بقول اُستاد سائين محمد سليم مرحوم جي تقريباً پارنهن سئو ڦيرن ڏيڻ بعد سياري ۾ ڦڙو لهي ويندو آهي.
صبح جو مال جي ڏهائي ڪنديون آهن، ڏهڻ ڪان وٺي اَڇ (لسي) ٺهڻ تائين جي مرحلن کي وڏڙيون اهڙي نموني لڪائينديون آهن جو گهروارن مان به ڪو بي بي پاڪدامن سڳوري خاتونِ جنت رضي الله عنها جي نالي ڪيل ماني جي جيئن ڏسي نه سگهندو آهي، اِها ماني خاص ويم جي وقت مڃتا ڪيل هوندي آهي، جيڪا صرف عورتون ئي کائينديون آهن، ان جو ادب جي ڪري پردو ڪنديون آهن.

پايو ڏوڳيون ڏَرن ۾، پِين پيارين،
اِهڙا ئي آهين، منهنجا مِٺ ملير ۾.

●●

---

# پيغام

حُر تحريڪ جي تاريخ تي تحقيقي جاڪوڙ ڪرڻ يقيناً مشڪل ڪم آهي. جهڙي ريت منصور سٺ جا دوست، سچي تاريخ جي کوجنا ڪري ڇپائي رهيا آهن. اهو قابل تحسين ۽ قابل مبارڪباد آهي.

## فقير سونو خان پنهيرو
ڳوٺ بالو فقير پنهيرو - شهدادپور

# اڌ صدي جو سفر
# ۽ روزانہ "مهراڻ" جون موجون

—— فقير سردار پيو

دنيا ۾ خلق خدا لاءِ ذريعہ ابلاغ ۽ تازه ترين حالتن جي خبر پهچائڻ جو بندوبست هن وقت پرنٽ ميڊيا وسيلي ڪيو پيو وڃي. حالانڪ اليڪٽرانڪ ميڊيا بہ پنهنجي ذريعن ذريعي پوري جهان جي ڪنڊ ڪڙڇ جون خبرون، حال احوال واقعا هڪدم پهچائڻ واري ڊوڙ ۾ پوئتي ڪنهن بہ صورت ۾ ناهي. حقيقت اها آهي تہ جڏهن بہ ميڊيا جي تلوار حق واري پاسي هلي آهي تہ عوام جو آواز بڻجي جابرن ۽ ظالمن جي ڏاڍ وارا ڪوٽ ڪيرائي ڇڏيا ۽ جڏهن اها ساڳئي تلوار وقت جي حاڪمن جي خوشامندين ۽ چاپلوسي ۾ هلي تہ لکين انسانن جون زندگيون زهر ڪري ناحق ۽ ناانصافي ڪري غلامي ۾ جڪڙي ڇڏيو. پاڪستان جي تاريخ ۾ گذريل اڌ صدي کان لڳاتار ڪجهہ اخبارون ۽ رسالا ڇپجي عوام جي هٿن تائين پهچن ٿا پيا. انهن ۾ پنجاهہ سالن کان شايع ٿيندڙ "روزاني مهراڻ" اخبار هميشہ غريب ۽ مسڪين عوام جي حقن جي ترجمان بڻجي انهن جي حقن خاطر جهاد جاري رکڻ ۾ اڳيان ۽ اڳڀري آهي.

غلط ارادن، بدنيتي، ناحق ۽ ناانصافي جهڙن ٿنڀن تي بيٺل ڪابہ اخبار وغيره گهڻو وقت هلي ناهي سگهندي. ڪيترائي پرنٽ ميڊيا جا ادارا قائم ٿيا، انهن ۾ اهڙو مواد شايع ڪيو ويو جو ان جي ڪري قومن جي تقدير بگڙي وئي، حاڪمن کي عوام جو هڏ ڏوکي ۽ همدرد ڪري پيش ڪري عوام تي وڏيڪ ظلم ۽ ناحق ڪيو ويو. انهن ادارن جي غلط پاليسين باوجود پرنٽ ميڊيا جي دنيا ۾ "روزاني مهراڻ" عوامي پاليسين تي قائم رهندي فقط حق ۽ سچ تي مبني مواد کي عوام جي عدالت ۾ سامهون آڻي نروار ڪيو آهي.

هن اداري تي گهڻن رخن کان حملا ڪيا ويا. بند ڪرائڻ جون سازشون جوڙيون ويون، مگر تنهن هوندي بہ اهڙين خطرناڪ حالتن کي منهن ڏئي ۽ پنهنجو مقصد جاري رکيو. حالانڪ ماضي ۾ اهڙيون حالتون پيدا ٿي

ويون جو سنڌ اندر ڪيترن ئي ادارن کي بند ڪيو ويو، جيڪي اڄ تائين ڪلي ناهن سگهيا ۽ اهي هميشہ جي لاءِ ظالم حاڪميت جي حڪم تي لڙهي ويا.

"روزاني مهراڻ" جو باني سردار محمد علي شاهہ چاموٽ جن هو، انهي وقت ۾ هن اخبار جي قيمت پنجاهہ پئسن کان وڌيڪ نہ هئي، ان دور ۾ سالانہ ايڊيشن شايع ڪيو ويندو هو جيڪو هڪ سئو کان وڌيڪ صفحن تي مشتمل هو.

حضرت پير سائين پاڳارا جن جي شفقت، رهنمائي هيٺ "مهراڻ" ڪراچي مان ڇپجڻ لڳي، انهي دور ۾ ملڪ اندر سياسي حالتون ڳنڀير بڻجي چڪيون هيون، هر طرف افراتفري متل هئي، عوام کي ڏنڊي جي زور تي هلائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، جمهوريت پسند سياسي اڳواڻ موسمي ڏيڏرن وانگر غائب ٿي چڪا هئا، پرنٽ ميڊيا ۾ سرڪار جي پسند وارو مواد ڇپجي رهيو هو، عوام الناس جي اڳيان وقت جي حاڪمن جا قصيدا ٿي پڙهيا ويا. حقيقتون لڪائي ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ وارو مواد اخبارن ۾ شايع پئي ٿيو، انهي وقت ملڪ جي عوام پنهنجن جمهوري حقن ۽ انصاف لاءِ پاڇهائي رهي هئي ۽ سچيءَ جمهوريت پسند رهنما لاءِ ترسي رهي هئي. ساڳئي دور ۾ حضرت پير سائين پاڳارا حق ۽ سچ جو جهنڊو کڻي عوام جي سياسي رهنمائي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو ۽ روزاني مهراڻ اخبار عوام کي تازه ترين حالتن کان باخبر رکي، حقيقت واريون ڳالهيون سامهون آڻي ظالم حڪمرانن جا راز فاش ڪري ڇڏيا.

هن وقت بہ سنڌ مان هڪ ئي وقت ڪافي اخبارون شايع ٿي رهيون آهن، مگر سڀني کان پراڻي عوامي اخبار فقط "مهراڻ" پنهنجو ڪردار بخوبي عوام جو آواز بڻجي حقن ۽ انصاف لاءِ جاکوڙي رهي آهي. ڪراچي مان شايع ٿيندڙ "روزاني مهراڻ" جي آفيس اتان کان تبديل ڪري 1962ع ڌاري حيدرآباد ۾ قائم ڪئي وئي. حضرت پير سائين پاڳارا جن جيڪيؒ بہ ايڊيٽر مقرر ڪيا، انهن کي هدايتون ۽ مشورا ڏنائون تہ هميشہ حقيقت ۽ سچ تي مبني مواد شايع ڪيو وڃي، عوام جي جائز مسئلن کي اوليت جي بنياد تي اشو ڪري ڪنيو وڃي ۽ هميشه ادبي، اخلاقي پهلوئن تي مشتمل مواد ڇپيو وڃي تہ جيئن ڪنهنجي دل آزاري نہ ٿئي. ۽ فرمايائون تہ هميشه براين کي نروار ڪرڻ بدران مثبت چڱائن وارن پهلون کي اجاگر ڪيو وڃي. حضرت پير سائين پاڳارا پاران ڏنل هدايتن، مشورن ۽ پاليسين تي عمل ڪندي اڄ بہ روزانہ "مهراڻ" فقير منظار مگريو جي ڪاوشن، ڪوشش، جاکوڙ ۽

جدوجهد سان عوام جو آواز بڻجي شايع ٿي رهي آهي.

سيد سردار علي شاهه "ذاڪر" کان وٺي محمود يوسفاڻي، عبدالمجيد ميمڻ کان وٺي شمشيرالحيدري، حاجي محمد ابراهيم هنگوري کان وٺي فقير منٺار مگريو تائين سيني عزت مآب ايڊيٽرن "مهراڻ" جي موجن کي عروج تي رکيو ۽ حضرت پير سائين پاڳارا جن جي پاليسين تي عمل ڪندي سچ کي اوليت ۽ اهميت به ڏني. ماضي ۾ سيد سردار علي شاهه "ذاڪر" جون ڪيل ڪاوشون، محنتون وسارڻ جوڳيون ناهن ۽ اخبار ۾ لکيل ايڊيٽوريل به تمام اثر رکندڙ ۽ حڪمرانن کي لوڏيندڙ هئا. اهو سلسلو اڄ به جاري آهي، فقير منٺار مگريو مبارڪ جي مستحق آهي، جو تيرنهن سالن کان وٺي اها ذميواري نهايت ئي نيڪ نيتي، ايمانداري، سچائي، فرض شناسي سان نڀائيندو پيو اچي، جيڪا ذميواري حضرت پير سائين پاڳارا ڪين ڏني هئي.

حضرت پير سائين پاڳارا جن جي خدمت ۾ فقير منٺار مگريو عرض ڪيو ته "قبلا سائين توهان جي سالگرهه واري موقعي تي روزانه مهراڻ ۾ سالگرهه ايڊيشن ڪڍڻ چاهيان ٿو. جيڪر توهان اجازت ڏيڻ فرمايو "۽ حضرت پير سائين پاڳارا جن راضي ٿي ويا، فقير منٺار صاحب گهڻين ڪوشش ڪان پوءِ ڪامياب ٿيو. گذريل پنجن سالن کان وٺي هر سال خوبصورت رنگين سالگرهه ايڊيشن نڪرندو آهي. اها فقير منٺار صاحب جي اعليٰ سوچ هئي جو اڄ پوري حر جماعت ۽ واسطيدار ڪين مبارڪون ڏيندا آهن. جڏهن ته مرشد رهبر حضرت پير سائين پاڳاره جن هميشه "مهراڻ" ستٺ ۽ پڙهندڙن لاءِ دعا گهرڻ فرمائيندا آهن.

اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا روحاني خطاب ڪندي فرمايو ته "مهراڻ اخبار پڙهندا ڪريو، جنهن ۾ توهان کي درگاهه شريف بابت صحيح تصديق ٿيل خبر ملندي ۽ ٻين اخبارن تي ڀروسو نه ڪريو" حقيقت اها آهي ته مهراڻ اخبار کان علاوه ٻيون اخبارون حضرت پير سائين پاڳارا، درگاهه شريف ۽ حر جماعت بابت غلط ۽ بي بنياد خبرون ۽ مواد شايع ڪنديون پيون آهن ۽ اها اهڙي پروپئگنڊه آهي جيڪا ماضي جو تسلسل آهي. ماضي ۾ به ميڊيا پيران پاڳارا ۽ حر جماعت خلاف انگريزن، وقت جي حاڪمن جي ونگار ۾ هلي غلط ۽ بي بنياد قصا جوڙي خبرون شايع ڪري عام ماڻهن جي نظرن ۾ ڪيرائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي. اهو سلسلو اڃان ختم ناهي ٿيو، ان ڪري ضروري آهي ته روزاني مهراڻ اخبار پڙهي وڃي، جنهن جي خبرن ۾ سچائي، صداقت، حقيقت هوندي آهي.

هن وقت جي حالتن جو مقابلو صرف ٿي صرف ميڊيا جي تلوار وسيلي ٿي سگهي ٿو. ان ڪري روزاني ”مهراڻ“ پوري سنڌ جي ماڻهن لاءِ اهڙي ڍال آهي جو اها اسان سڀني کي غلط ميڊيا جي حملن کان بچائي سگهي ٿي.

حضرت پير سائين پاڳارا جن جي اعليٰ سرپرستي هيٺ شايع ٿيندڙ ”مهراڻ“ اخبار جي ترقي ۽ وڌيڪ بهتري لاءِ فقير منٺار مگريو جون ڪوششون جاري آهن. فقير منٺار جي چوڻ موجب ته انشاءَ الله تمام جلد روزاني مهراڻ اخبار رنگين ڪري شآيع ڪئي ويندي ۽ ٻيون تبديليون پڻ ڪيون وينديون. هن وقت روزانہ مهراڻ جي رنگين اشاعت شروع ٿي چڪي آهي. فقير صاحب جي خواهش آهي ته مهراڻ اخبار جا صفحا وڌايا وڃن ته جيئن وڌيڪ خبرون، اداريا، مضمون ۽ ٻيو علمي، ادبي، مذهبي، سياسي احوال ۽ حالات حاضره سميت ٻيا بہ پروگرام ڇپجي سگهجن. انشاءَ الله انهيءَ اميد سان ته الله ذوالجلال جي ذات پياري حبيب ﷺ جن جي طفيلي اها سگهہ، استقامت ۽ حوصلو عطا فرمائي. جنهن سان اخبار وڌيڪ موجون ماڻيندي ۽ عوام ۾ ايجان وڌيڪ مقبول ٿيندي. اها حضرت پير صاحب پاڳاري جن جي دعائن ۽ سرپرستي جو نتيجو آهي ۽ فقير منٺار مگريو جي اڻ ٿڪ محنت، ڪاوشن جو ثمر آهي. روزاني مهراڻ جي تاريخ ۾ ڪيترائي ايڊيٽر آيا. انهن پنهنجو پاڻ ملهايو آهي ۽ پنهنجي وس آهر اخبار کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جن وڏا دور انديش ۽ اعليٰ دماغ جا مالڪ آهن. ان ڪري هميشه لائق ۽ قابل ماڻهو کي هن اداري جو ايڊيٽر رکڻ فرمائيندا آهن. مهراڻ اخبار پنجاهہ سالن وارو سفر عوام جي حقن، انصاف، بنيادي مسئلن جي حل ڪرائڻ بابت عوامي آواز بڻجي طئي ڪيو آهي. اسان پر اميد آهيون تہ انشاءَ الله روزاني ”مهراڻ“ حضرت پير سائين پاڳارا جن جي سرواڻي، دعائن، شفقت اعليٰ سرپرستي ۽ رهنمائي سان فقير منٺار مگريوجي ڪاوشن ۽ اڻٿڪ محنتن ذريعي ترقي ڪندي●

---


## مبارڪباد

سلسليوار منصور جي مسلسل تاريخي ۽ تحقيقي اشاعت تي منصور ستّ کي مبارڪباد ڏيان ٿو.

**تپيدار فقير محمود خاصخيلي**

سانگهڙ

# ديني علم جو اعليٰ مرڪز

## مدرسہ صبغت الاسلام سانگھڙ

مدرسہ صبغت الاسلام سانگھڙ، عظيم ديني علمي مرڪز جامع راشديہ درگاھہ شريف "پير ڳوٺ" جي اولين شاخ آهي جيڪا اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاره جن جي حڪم سان 1965ع ۾ قائم ڪئي وئي. هن درسگاھہ جي پھرين مھتمم عالم فاضل ۽ مبلغ سيد غوث محمد شاھہ جيلاني مرحوم، فاضل جامع راشديہ ڪان موجوده مھتمم عالم فاضل، حافظ رسول بخش وساڻ سڪندري تائين وڏي ترقي ڪئي آهي. هي درسگاھہ شروع ۾ صرف ٻن ڪمرن تي مشتمل هئي پر هن وقت حافظ رسول بخش وساڻ جي مسلسل ڪوشش ۽ محنت سبب مدرسي جي تمام وسيع ۽ بلند و بالا عمارت هن ڳالھہ جي گواھہ آهي تہ اهو فرض ڪنهن علم شناس هٿن جو آهي. نہ صرف عمارت جي عظمت پر منجهس سوين مسافر شاگردن جي موجودگي ۽ مشفق با علم استادن جي محنت هن مدرسي کي جامعہ راشديہ جي سوين بھترين شاخن مان هڪ بھترين شاخ بنائي ڇڏيو آهي. جنهن ۾ هر وقت مسافر ۽ مقامي شاگردن جي چپن مان قرآن ۽ حديث جو مٺڙو آواز ماحول کي پرنُور ۽ پاڪيزه بنايو بيٺو آهي. يقينن حافظ صاحب جي مسلسل محنت، شاگردن سان مشفقانہ رويو، پڙهائي طرف مڪمل دلچسپي سان گڏوگڏ مدرسي جي ترقي ۽ تعمير، صفائي سٿرائي ۽ اصول پسند طبيعت هن مدرسي کي مثالي درجي تائين پھچائي ڇڏيو آهي. جنهن جو اعتراف وقت جي مجيد عظيم عالمن، علامہ مولانا، مفتي محمد رحيم سڪندري مھتمم جامعہ راشديہ درگاھہ شريف ۽ علامہ مولانا مفتي عبدالرحيم سڪندري (خطيب پاڪستان) پڻ ڪيو آهي.

جيئن تہ هن مدرسي ۾ سنڌ جي ڪنڊ و ڪڙڇ مان اچي ڪري طالب العلم پنهنجي علم جي اڃ اجھائن ٿا ۽ سندن ڪاڌي خوراڪ ۽ رهائش جو سڄو بندوبست پڻ مدرسي جي ذمي آهي ۽ مدرسي جي وڌيڪ تزئين ۽ ترقي لاءِ اهو ضروري آهي تہ حر جماعت ۽ جماعت سان لاڳاپا رکندڙ معزز، باشعور ۽ باحيثيت ماڻھو، دل کولي مدرسي لاءِ امداد ڏيندا رهن تہ جيئن مدرسي جي ترقي ۽ تعمير جا منصوبا جلد تڪميل تائين پھچن. خاص طرح سانگھڙ جي حر جماعت، قرباني جي کلن، فطري جي رقم کان علاوه خيرات وسيلي بہ مالي مدد ڪن تہ جيئن هي ديني ادارو اڃان وڌيڪ ديني خدمتن ذريعي گھر، گھر علم جو نور پھچائي سگھي●